ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 24 سيپٽمبر 2026 ع 11 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (40)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايران ڪڏهن به سِرُ نه جهڪائيندو ملڪي دفاع لاءِ ايٽمي طاقت حاصل ڪندو ان تان هٿ نه کڻنداسين: صدر پزشڪيان

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ خطاب دوران ايراني صدر شهيد آيت الله خامنه اي ۽ آمريڪي حملي ۾ مارجي ويل ميناب اسڪول جي ٻارن جون تصويرون ڏيکاريون، آمريڪي نمائندن جو جنرل اسيمبلي مان واڪ آئوٽ

آمريڪا جنگ دوران معصوم عورتن ۽ ٻارن کي نشانو بڻايو، جڏهن ته اسڪولن، اسپتالن ۽ شهري ڍانچي تي پڻ حملا ڪيا ويا، ايراني صوبي لامرد ۾ ٻارن تي ڪلسٽر بم پڻ ڪيرايا ويا: ايراني صدر مسعود پزشڪيان

ٽرمپ ۽ اهي ماڻهو جيڪي تمڪين ذريعي ايران کي جهڪائڻ چاهين ٿا، انهن کي سمجهڻ گهرجي ته ايران ڳالهين ۽ سفارتڪاري لاءِ تيار آهي، پر طاقت جي زبان ڪڏهن به قبول نه ڪندو

ايران کي ايٽمي توانائي گهرجي، ايٽمي بم نه، ايٽمي بم اسرائيل وٽ آهي، پر ان تي ڪڏهن به معائنو ناهي ڪيو ويو، ايران جو معائنو ڪيو پيو وڃي، اسرائيل جاني نقصان ڪري ٿو ۽ پابنديون ايران تي لڳايون وڃن ٿيون

ايران مضبوط پاڙيسري ملڪن جو خواهشمند آهي، انهن کي سلامتي جو مخالف نٿو سمجهي، هن خطي ۾ ڪو به ملڪ اڪيلو محفوظ نٿو رهي سگهي، گڏجي سلامتي قائم ڪئي ويندي يا سڀ گڏجي عدم تحفظ کي منهن ڏيندا

نيويارڪ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني صدر مسعود پزشڪيان گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪندي آمريڪا ۽ اسرائيل تي ايران خلاف جنگ ۽ شهرين کي نشانو بڻائڻ جا الزام لڳايا آهن خطاب جي شروعات ۾ ايراني صدر شهيد آيت الله خامنه اي ۽ آمريڪي حملي ۾ مارجي ويل ميناب اسڪول جي ٻارن جون تصويرون جنرل اسيمبلي ۾ ڊيڪاريون مسعود

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: وفاقي وزير محمد اورنگزيب گڏيل قومن ۾ گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

وفاقي آئيني عدالت، ايم اين اي سهيل سلطان جي نااهلي ڪيس جي ٻڌڻي 2 هفتن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت، پاڪستان تحريڪ انصاف جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پوليس ۽ عوام وچ ۾ اعتماد ۽ رابطي کي مضبوط ڪرڻ ضروري آهي: آءِ جي سنڌ

ڪارپوريٽ سوشل رسپانسبلٽي هاڻي رڳو مالي سهڪار تائين محدود نه رهي آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) آءِ جي سنڌ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

نوازليگ جا ڪارڪن پاڻ کي لاوارث نه سمجهن، ڪي پي ڪي حڪومت تباهي واري سياست ڪري پئي: وفاقي حڪومت

سياست جو مطلب عوام جي وچ ۾ موجود رهڻ ۽ انهن جي مسئلن کي سمجهڻ آهي، نواز شريف جي خيبرپختونخوا جي تعمير ۽ ترقي جي روايت کي وزيراعظم شهباز شريف اڳتي وڌائي رهيو آهي

هڪ طرف خيبرپختونخوا حڪومت اسلام آباد طرف چڙهائي ۽ تباهي جي سياست ڪري رهي آهي ته ٻئي طرف نوازليگ ريڊيو پاڪستان کي بحال ۽ صوبي ۾ مثبت سياست کي هٿي ڏئي رهي

پي ٽي آءِ ماڻهن ۾ ڪوڙ ڦهلايو، پي ٽي آءِ جلال خان جي سياسي جلال کان خوفزده آهي، جلال خان جڏهن اسيمبلي ۾ جلال سان اچي ٿو ته سندس انداز نمايان هوندو آهي: وفاقي وزير اطلاعات عطاءُ الله تارڙ

مسلم ليگ (ن) جي تنظيمي آفيس جو قيام ان ڳالهه جي عڪاسي آهي ته پارٽي اپوزيشن ۾ رهندي به سياسي ۽ تنظيمي سرگرميون جاري رکيون آهن، پارٽي آفيسون آباد ٿينديون ته سياسي سرگرمين کي هٿي ملندي

مسلم ليگ (ن) کي خيبرپختونخواهه ۾ خدمت جو موقعو مليو، صوبي ۾ نوجوانن جي لاءِ راندين جا ميدان کوليا ويندا، نوجوانن کي ليپ ٽاپ فراهم ڪيا ويندا، تعمير ۽ ترقي جو عمل اڳتي وڌايو ويندو

خيبرپختونخواهه ۽ پشاور جي عوام کي ٻڌايو وڃي ٿو ته گذريل ساڍا 14 سالن دوران صوبي جي لاءِ ڪهڙا قدم کنيا ويا، پي ٽي آءِ جن معاملن تي ماضي ۾ تنقيد ڪئي بعد ۾ انهن ئي معاملن تي انهن کي يوٽرن وٺڻو پيو: تقريب کي خطاب

پشاور (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته ڪو به مسلم ليگ (ن) کي خيبرپختونخواهه خاص طور تي پشاور ۾ لاوارث نه سمجهي، سياست جو مطلب عوام جي وچ ۾ موجود رهڻ ۽ انهن جي مسئلن کي سمجهڻ آهي مسلم ليگ (ن) جي قائد محمد نواز شريف جي خيبرپختونخواهه جي تعمير ۽ ترقي جي روايت کي وزيراعظم محمد شهباز شريف

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: وزيراعظم شهباز شريف گيٽس فائونڊيشن جي سربراهه بل گيٽس سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

پاڪستان هڪ ذميوار ۽ سامونڊي پيشيوارائي صلاحيت جي بهتري جو خواهشمند آهي: وزيراعظم

عالمي معيار جي هڪ مضبوط، جديد ۽ چٽاڀيٽي جي صلاحيت رکندڙ سامونڊي شعبي جي منزل حاصل ٿي سگهي

پاڪستان محفوظ، فعال پرامن ۽ ماحول دوست سامونڊي چرپر جي فروغ جي لاءِ پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو

مصنوعي ذهانت ۽ اڳڪٿي تي ٻڌل ٽيڪنالاجيز ۽ سائبر سيڪيورٽي جي مضبوطي جي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

حڪومت جو عزم پختو آهي ته ملڪي سامونڊي صلاحيتن کي پائيدار معاشي ۽ قومي ترقي ۽ خوشحالي ۾ تبديل ڪرڻو آهي: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان هڪ ذميوار ۽ سامونڊي ملڪ جي حيثيت سان سامونڊي سلامتي ۽ تحفظ، ماحولياتي پائيداري ۽ پيشيوارائي صلاحيت جي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) نعمان محمود جي مڪه گڏيل دفاعي معاهدي تحت پهرين سيڪريٽري جنرل طور مقرري جو اعلان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان حڪومت ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) نعمان محمود، هلال امتياز (ملٽري) جي مڪه گڏيل دفاعي معاهدي (ايم جي ڊي اي) تحت پهرين سيڪريٽري جنرل جي طور تي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سامونڊي سلامتي ۽ تحفظ جي نگراني کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي: صدر

پيشيوارائي مهارت ۽ لڳاتار سامونڊي چرپر جي تحفظ ۽ موثر ڪارڪردگي جي لاءِ انتهائي اهم آهي: آصف علي زرداري

سامونڊي تعليم، تربيت ۽ پيشيوارائي صلاحيتن ۾ مسلسل سيڙپڪاري جاري رکڻي پوندي، ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو

غيرمعمولي جرئت، پيشيوارائي مهارت ۽ عزم جي مظاهري سان بظاهر ناممڪن چئلينجز کي اهڙن ڪارنامن ۾ تبديل ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي عالمي ذميوارين موجب سامونڊي سلامتي، تحفظ ۽ ضابطه ڪار جي نگراني کي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

AWARENESS RAISING SESSION
Fundamental Principles
and Rights at Work (FPRW)
& Business and Human Rights
B+HR
ڪراچي: وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سعودي عرب جي قومي ڏينهن تي آءِ ايس پي آر جو خاص نغمو جاري

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فوج جي سنڌ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي ولي عهد سان روس جي صدر جو رابطو، علائقائي سيڪيورٽي تي خيالن جي ڏي وٺ

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان سان روس

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

چشمه ۾ 5 ميگاواٽ هائيڊرو پاور منصوبي جي قيام جي معاهدي تي صحيحون

منصوبو فعال ٿيڻ ڪانپوءِ قومي گرڊ لاءِ ساليانو اٽڪل 30.66 ملين ڪلوواٽ آور صاف بجلي پيدا ڪندو

اهو منصوبو سائيٽ تي موجود پن بجلي جي صلاحيت مان فائدو ڪندو: پاڪستان اٽامڪ انرجي ڪميشن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اٽامڪ انرجي ڪميشن فائونڊيشن پنهنجي پنجي هائيڊرو پاور پلانٽ، فائونڊيشن هائيڊل پاور پلانٽ يونٽ 05- جي قيام لاءِ معاهدي تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن 5 ميگاواٽ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سال 2025ع ۾ چين جي پرڏيهي سيڙپڪاري ۾ 1.1 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

بيجنگ (اي پي پي) چين جي پرڏيهي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ورلڊ ڪلچر فيسٽيول لاءِ ڪي ايم سي پاران مڪمل سهڪار ڪيو ويندو: مرتضيٰ وهاب

بلديه عظميٰ پروگرام جي پارٽنر هوندي ۽ مختلف تقريبن لاءِ مناسب هنڌ فراهم ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته بلديه عظميٰ ڪراچي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جي پارلياماني ڪميٽي جي اجلاس ۾ نيپرا ۽ ڊسڪوز تي سخت ڪاوڙ جو اظهار

جيڪڏهن نيپرا پنهنجا حڪم لاڳو نٿو ڪرائي سگهي ته لائسنس ڇو منسوخ نٿو ڪيو وڃي: فياض ٻٽ

نيپرا ۽ پي ايم تي بند ڪرائڻ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو، بجلي جو بل ادا ڪريون ٿا، چوري روڪڻ بجلي ڪمپنين جي ذميواري آهي

سنڌ اسيمبلي جي خاص ڪميٽي ۾ آئل ڪي اليڪٽرڪ جي ڊسٽريبيوشن آفيسر کي اها به ڄاڻ نه هئي ته بجلي جي طلب ڪيتري آهي: سعديه جاويد

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي ۾ لوڊشيڊنگ بابت قرارداد تي اسپيڪر جي رولنگ تي عملدرآمد ڪندي خاص پارلياماني ڪميٽي جو اهم اجلاس سنڌ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ناظم آباد انڊر پاس مان سريا چوري ٿيڻ جو ميئر نوٽيس ورتو، ٻيهر بحالي جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ناظم آباد انڊرپاس مان سريا چوري ٿيڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي انجنيئرنگ کاتي کي انڊر پاس جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايڪسپو سينٽر ۾ لڳايل نمائش ۾ ماڻهو ڏسي رهيا آهن

بلوچستان ۾ انساني اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام، 103 غيرقانوني افغان شهري گرفتار

سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي شيراني ۾ موثر ڪارروائي ڪندي اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بڻائي

حراست ۾ ورتل افغاني انساني اسمگلرن جي مدد سان پاڪستان جي رستي ايران، يورپي ملڪ وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا

سيڪيورٽي فورسز طرفان سرحدي علائقن ۾ انساني اسمگلنگ جي نيٽ ورڪس خلاف موثر ڪريڪ ڊائون جاري

ڪوئيٽا (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي شيراني ۾ موثر ڪارروائي ڪندي انساني اسمگلنگ جي هڪ وڏي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي ۽ عورتن ۽ ٻارن سميت 103 غيرقانوني افغانين کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن مطابق ڪارروائي داناسر ٻاءِ پاس جي علائقي ۾ ڳجهي معلومات

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

مانجهند لڳ دادو فوتگي تي ويندڙ خاندان جي گاڏي ڪلٽي، عورت فوت، 7 ڄڻا زخمي

ڳوٺ زيمي پرسان انڊس هاءِ وي تي تيز رفتاري سبب ڪراچي کان دادو ويندڙ وين ڪلٽي ٿي وئي

حادثي ۾ مرحوم عورت جي ڀيڻ نائلا موقعي تي فوت، سندس مڙس ۽ ٻارن سميت 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان ڳوٺ زيمي انڊس هاءِ وي تي ڪراچي کان دادو فوتگي جي آخري رسمن لاءِ ويندڙ خاندان جي وين تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ مرحوم عورت جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڊاڪٽر ۽ سندس خاندان جي قتل ڪيس ۾ ڪال ڊيٽا رڪارڊ هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) احسن آباد ۾ فليٽ مان ڊاڪٽر عس سندس گهرواري ۽ ٻن ڌيئرن جا لاش ملڻ واري واقعي جي جاچ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

شڪارپور ويجهو ٻن ڏوهاري گروپن وچ ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ 2 ڄڻا مارجي ويا، هڪ زخمي

ڳوٺ جمعو ڳوٺ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ مرتضيٰ عرف مرتو مهر ۽ هزارو عرف هزار خان سعدخاناني جتوئي مارجي ويا

فائرنگ دوران زخمي امام بخش سعدخاناني جتوئي ۽ لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

مارجي ويل مرتضيٰ مهر خلاف سنگين نوعيت جا 22 ڪيس ۽ هزارو جتوئي خلاف به ڪيترائي ڪيس داخل آهن: ايس ايس پي

چڪ/شڪارپور (نمائندن وٽان) شڪارپور ويجهو ٿاڻي رستم جي حد ۾ واقع ڳوٺ جمعو ڳوٺ ۾ ٻن ڏوهاري گروپن وچ ۾ جهيڙي ۽ فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو. تفصيل موجب ڳوٺ جمعو ڳوٺ ۾ ٻن گروپن وچ ۾ مبينا طور ڏيتي ليتي جي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: مارجي ويل نوجوانن جا فائيل فوٽو ۽ سندن لاش

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلي هڪ ڦورو مارجي ويو، فائرنگ ۾ 2 شهري زخمي

اورنگي ٽائون 5 ۾ پوليس ۽ مبينا ڦورن وچ ۾ فائرنگ دوران هڪ ڦورو مارجي ويو

گولين لڳڻ سبب 15 ورهين جي نوجوان سميت 2 واٽهڙو زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل ڪيو ويو

مارجي ويل جوابدار وٽان پستول، ڦر ڪيل 3 موبائيل فون ۽ موٽرسائيڪل هٿ آئي آهي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون ۾ پوليس سان مبينا مقابلي دوران ڦورو مارجي ويو ۽ ان جا ٻه ساٿي فرار ٿي ويا، گولين لڳڻ سبب ٻه راهه ويندڙ شهري پڻ زخمي ٿي پيا. هڪ ٻئي واقعي ۾ نامعلوم ماڻهن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جي آذربائيجان جي پرڏيهي وزير سان ملاقات، ٻطرفي ناتن تي ڳالهيون

ٻنهي پرڏيهي وزيرن پاڪستان ۽ آذربائيجان جي وچ ۾ ناتا اڳتي وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم ۽ گڏيل حمايت جو ورجاءُ ڪيون ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق

نيويارڪ (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير سان آمريڪي سفير جي ملاقات، گڏيل لاڳاپن تي ڳالهيون

سيڙپڪاري جي موقعن ۽ علائقائي سيڪيورٽي جي گڏيل صورتحال تي به ڳالهايو ويو

نيٽلي بيڪر دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي لازوال قربانين جي واکاڻ ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سان آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر ملاقات ڪئي، جنهن

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

تربت ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، 2 دهشتگرد مارجي ويا

جوسڪ ۾ دهشتگردن جي موجودگي واري ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي

شرپسندن جي گرفتاري تائين سرچ، ڪليئرنس ۽ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري رهندو: عملدار

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن خلاف آپريشن ردالفتنه 3 تحت ڪارروايون جاري

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: برنس روڊ کي فوڊ اسٽريٽ بڻائڻ لاءِ منصوبابندي جو ڪم شروع

چيف سيڪريٽري جي صدارت ۾ اجلاس دوران روڊ جي خوبصورتي واري منصوبي جو جائزو ورتو ويو

فٽ پاٿن جي بهتري ۽ روڊ جي ڪجهه حصن کي پيادل هلندڙ شهرين لاءِ مخصوص ڪرڻ تي غور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ برنس روڊ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي بحالي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

گلگت: گلگت بلتستان جي حڪومت آغا خان فائونڊيشن ۽ فرانس جي ترقياتي اداري وچ ۾ ڏاهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

سيپا جو ڊجيٽل ماحولياتي نظام متعارف، اين او سي لائسنس ۽ شڪايتن جي آن لائن نگراني

ايڪسپو سينٽر ۾ ٽيڪنالاجي نمائش دوران انفارميشن سسٽم متعارف ڪرايو ويو

ماحولياتي لائسنس، صنعتي رجسٽريشن، انسپيڪشن ۽ شڪايتن جي ڊجيٽل بڻايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي سنڌ 500 اليڪٽرڪ بسن جي خريداري جي سمري ڪابينا کي موڪلي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي، سرجاني ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ اوور بلنگ خلاف شڪايتون ازالي جي هدايت

ٽائون انتظاميا ۽ ڪي اليڪٽرڪ اختيارين جي اجلاس دوران لوڊشيڊنگ رڪاوٽن تي غور ڪيو ويو

غلط ريڊنگ، اوور بلنگ ۽ ٻين بلنگ شڪايتن جي ازالي لاءِ قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) يونين ڪائونسل سرجاني ۾ شهرين کي بجلي جي فراهمي بابت درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڪي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

دوڙ ويجهو ٽرالر جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر سبب زخمي عورت فوت

ڪجهه ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ عبدالجبار ۽ سندس معصوم ڌي فوت ٿي وئي

حادثي ۾ زخمي عبدالجبار جي گهرواري اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو

دوڙ (ن ع) دوڙ جي محله غريب آباد جو رهواسي عبدالغفار آرائين پنهنجي گهر واري آرم ڏهن مهينن جي نياڻي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ دوائن جي هول سيل آفيس تي هٿياربند ڪاهه، 40 لک رپيا ڦر

ٻن هٿياربندن آفيس ۾ گهڙي واپاري ۽ عملي کي يرغمال بڻائي رقم ۽ 3 موبائيل فون ڦر ڪيا

مزاحمت تي واپاري راشد حسين شيخ کي تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪيو ويو، جوابدار فرار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي دڙي ٿاڻي جي حد غوث پور محلا ۾ انجانا هٿياربندن هول سيل دوائن جي آفيس ۾

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوآدم ۾ ٻن ڪارن ۾ زوردار ٽڪر عورت سميت 2 ڄڻا زخمي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم حيدرآباد باءِ پاس تي ڪاٽا ڪاٽن فيڪٽري لڳ ٻن تيز رفتار ڪارن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نظير تارڙ گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ذهني طور متاثر شخص قتل ٿي ويو

چاڻي هوٽل ويجهو نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 30 ورهين جو محمد شاهه مارجي ويو

فوت ٿيل شخص ذهني معذور هو ۽ گهٽين ۾ گهمندو رهندو هو، واقعي جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون ۾ چاڻي هوٽل ويجهو نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري ذهني طور تي معذور شخص

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير، گهرو وزير، آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي واقعي جو نوٽيس ورتو، پوليس کان رپورٽ طلب

لاڙڪاڻي 14 سال پراڻو زميني تڪرار ٻيهر ڀڙڪي پيو، ٻن ڀائرن سميت 4 ڄڻا قتل

عدالتي ٻڌڻي بعد ٿئون ديرو ويندڙ ڪار تي هٿياربندن ڏينهن ڏٺي جو فائرنگ ڪئي، ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي

فائرنگ ۾ الهورايو سندس ڀاءُ منصور علي چاچو علي شير ڪوڪر ۽ ڊرائيور غلام محي الدين مڳنيجو قتل ٿي ويا

گولين لڳڻ سبب مقتول ڀائرن جو سئوٽ يارمحمد ڪوڪر سخت زخمي ٿي پيو، هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا

لاڙڪاڻو (رپورٽ: منير سومرو) ٿئون ديرو ۾ 14 سال اڳ زمين جي مالڪي تان ڪوڪر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ شروع ٿيل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پوليس جو سرچ آپريشن، مختلف هنڌن تي ڇاپا، جوابدارن جا گهر ڊاهي پٽ

ايس ايس پي محمد اظهر مغل جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ حسن واهڻ ۽ ڀرپاسي ۾ ڇاپا هنيا ويا

پوليس جوابدارن جا گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا، رستن، رهائشگاهن ۽ شڪي هنڌن جي نگراني

لاڙڪاڻو: لاڙڪاڻي ۾ چئن ڄڻن جي قتل

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

هٿياربندن جي حملي جا فوٽيج سوشل ميڊيا تي وائرل، سڄاڻ ڌرين ۾ ڏاءُ پکڙيل

لاڙڪاڻو: لاڙڪاڻي ۾ 4 ڄڻن جي قتل وارو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ٻن سئوٽن جي ڌرين وچ ۾ 14 سالن کان هلندڙ تڪرار ۾ 11 ڄڻا قتل ٿي چڪا

ڪجهه عرصو اڳ گل ڪوڪر جي قتل بعد ساڳي ڌر جو سڪندر ڪوڪر به مارجي ويو هو

ٻه سال اڳ سکر اسٽيشن تي عبدالقادر ڪوڪر جي ڌر جو پرويز ڪوڪر کي پڻ قتل ڪيو ويو

لاڙڪاڻو: لاڙڪاڻي ۾ ڏينهن ڏٺي جو چئن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

عبدالقادر ڪوڪر وارا اسان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ مسلسل ڌمڪيون ڏيندا هئا: مقتول جو پيءُ

لاڙڪاڻو: مقتول ڀائرن جي پيءُ شڪيل ڪوڪر

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪوڪر برادري جا جهيڙيندڙ ماڻهو اڳ به هڪ ٻئي جي قتل جي ڪيسن ۾ ملوث رهيا آهن: ايس ايڇ او

لاڙڪاڻو: سول لائين ٿاڻي جي ايس ايڇ او

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

مخالفن مهنجي ڌيءُ، پٽ، ڀاءُ، نياڻي ۽ ڀاڻجي کي قتل ڪيو هو: ارباب خاتون

اڄ اسان عدالت ۾ ٻڌڻي بعد واپس وڃي رهيا هئاسين ته غلام قادر ڪوڪر هٿياربندن سان گڏجي حملو ڪيو

لاڙڪاڻوجي قتل ٿي ويل ٻن مقتول ڀائرن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 500 اليڪٽرڪ بسن جي خريداري لاءِ سمري ڪابينا ڏانهن موڪلي وئي آهي: شرجيل ميمڻ

ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ مختلف شهرن ۾ مرحليوار نيون اليڪٽرڪ بسون هلائڻ جو منصوبو آهي

50 ڊبل ڊيڪر بسون 30 نومبر تائين سنڌ پهچنديون، جن کي مختلف روٽن تي هلايو ويندو

لاڙڪاڻي، قمبر ۽ شهدادڪوٽ ۾ پيپلز بس سروس کي عوامي موٽ ملي رهي آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي سنڌ 500 اليڪٽرڪ بسن جي خريداري جي سمري ڪابينا کي موڪلي ڇڏي آهي سنڌ جي سينيئر وزير ۽

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ترڪ صدر پاران گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ ڪشمير مسئلو اٿارڻ تي ڀارتي ميڊيا تپي وئي

نيويارڪ (اي پي پي) گڏيل قومن جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڏکڻ آفريڪا: گهر ۾ نامعلوم ماڻهن جي فائرنگ، 11 ڄڻا مارجي ويا، 3 زخمي

ڪيپ ٽائون (اي پي پي) ڏکڻ آفريڪا جي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

روم: وفاقي وزير رانا تنوير بنگلاديش جي ماحوليات واري وزير سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت ۽ اي ڊي بي وچ ۾ ترقياتي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق، تعليم ۽ ٽرانسپورٽ منصوبن جو جائزو

وڏي وزير سان اي ڊي بي جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ايما فين سان ملاقات، صوبي جي ترقياتي ترجيحن بابت ڳالهيون

ايس ايس اي آئي پي تحت 10 سيڪنڊري اسڪولن جون عمارتون مڪمل ۽ 116 اسڪول بلاڪن جي تعمير جاري آهي

ڪراچي سرڪيولر ريلوي، ريڊ لائين بي آر ٽي، نرسنگ، صحت، ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڳوناڻي پاڻي منصوبن جي رٿائن تي غور ويچار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اربع تي ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB) پاڪستان ريزيڊنٽ مشن جي ڪنٽري ڊائريڪٽر محترمه ايمافين سان ملاقات دوران ايشيائي ترقياتي بئنڪ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

چين ۾ اعليٰ تعليم يافته ماڻهن جو انگ 27 ڪروڙ تائين پهچي ويو : تعليم واري وزارت

بيجنگ (اي پي پي) چين ۾ اعليٰ تعليم يافته آبادي 270 ملين تائين پهچي وئي آهي . پرڏيهي ميڊيا مطابق چين جي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

گمبٽ لڳ سهتا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 5 عورتن سميت 21 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

ڳوٺ ماڻهي سهتو ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙي ۾ ڌرين هڪٻئي مٿان ڪهاڙين ۽ ڏنڊن جو وسڪارو ڪيو

زخمي ممتاز علي، عثمان، ميهل خان، اصغر علي، نور خان، پرهه، ماريه، نازيه، مهير خاتون ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڪانڌڙي) گمبٽ لڳ

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوآدم ۾ ڇت ڪرڻ سبب هڪ گهر جا 5 ڀاتي زخمي، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي علائقي جوهرآباد ۾ ڇت ڪرڻ سبب هڪ ئي گهر جا 5 ڀاتي طالب مغيري . عبدالرحمان .

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ ايم پي اي جميل سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ دوائن جي هول سيل آفيس تي هٿياربند ڪاهه، 40 لک رپيا ڦر

ٻن هٿياربندن آفيس ۾ گهڙي واپاري ۽ عملي کي يرغمال بڻائي رقم ۽ 3 موبائيل فون ڦر ڪيا

مزاحمت تي واپاري راشد حسين شيخ کي تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪيو ويو، جوابدار فرار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي دڙي ٿاڻي جي حد غوث پور محلا ۾ انجانا هٿياربندن هول سيل دوائن جي آفيس ۾

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 5 ڄڻا فوت، مبينا غلط انجيڪشن لڳڻ سبب ٻارڙو حياتي وڃائي ويٺو

گهر اندر ڪرنٽ لڳڻ سبب 50 ورهين جي عورت عاليه فوت، لائينز ايريا ۾ نوجوان آپگهات ڪيو

ملير ۾ حادثي دوران نامعلوم شخص فوت ۽ ڪورنگي ۾ فائرنگ سبب 30 ورهين جي عورت زخمي

نيو ڪراچي ۾ 10 ورهين جو ٻارڙو مبينا طور غلط انجيڪشن لڳڻ سبب فوت ٿي ويو، وارثن جو احتجاج

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻن عورتن سميت 5 ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ عورت پڻ زخمي ٿي پئي، خبر موجب نيو ڪراچي جي سيڪٽر A-14 واري علائقي ۾ پنهنجي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل سميت سون ۽ جنسن جي اگهن ۾ گهٽتائي جو لاڙو

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

سنڌ يونيورسٽي پاران فارم ۽ فيس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ 5 آڪٽوبر تائين واڌ جو اعلان

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي پاران لاڳاپيل ڪاليجن ۾ مختلف پروگرامن جي

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ سيمينٽ جي ريٽيل قيمت ۾ معمولي اضافو رڪارڊ

اسلام آباد(اي پي پي) ملڪ ۾ سيمينٽ جي ريٽيل قيمت ۾ گذريل هفتي دوران

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: وزيراعظم شهباز شريف بوسنيا جي سربراهه سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ٺٽي ۾ ٻن الڳ الڳ روڊ حادثي سبب 3 ڄڻا فوت

تمڪا چوڪ وٽ مرغي سان ڀريل مزدا گاڏي ڪلٽي، انور جوکيو ۽ احمد جوکيو ٿڏي تي فوت

جهمپير لڳ تيز رفتار ڊمپر جي ٽڪر ۾ محب چانگ فوت، لاش اسپتال منتقل

ٺٽو (پ ر) ٺٽي ۾ مختلف خوفناڪ حادثن ۾ ٽي ڄڻا فوت غلام الله پرسان خوفناڪ حادثن ۾ ڄڻا فوت غلام الله ويجهو تمڪا

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽريفڪ جام جي خاتمي لاءِ اوور اسپيڊنگ ۽ اوور لوڊنگ خلاف سخت ڪارروائي جو حڪم

صوبائي گهرو وزير جي صدارت ۾ اجلاس دوران ٽريفڪ جي رواني ۽ قانونن تي عملدرآمد جو جائزو ورتو ويو

ٽريفڪ زونز جي ايس پيز ۽ سيڪشن آفيسرن کي روڊن تي موجود رهڻ جي هدايت ڪئي وئي

ون وي جي ڀڃڪڙي، سگنل ٽوڙڻ، تيز رفتاري، ۽ غيرقانوني پارڪنگ خلاف ڪارروائي جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ ٽريفڪ مئنيجمينٽ ۽ ريگيوليٽري نظام بابت هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ شهر اندر

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

راڌڻ هٿياربند ڀاڄ جي واپاري کان 3 لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار

هٿياربندن واپاري چندر بجاج کي هٿيارن جي زور تي روڪ رقم ڦر ڪئي

شام جو مصروف بازار ۾ ڦر بعد واپارين ۽ شهرين ۾ خوف، متاثر جو رقم واپس ڪرائڻ جو مطالبو

راڌڻ (ن ع) راڌڻ شهر جي مصروف شاهي بازار ۾ اڄ شام ڦر جي واردات پيش آئي جتي ٻن اسڪوٽر سوار هٿياربندن ڀاڄ جي

بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 2

پاڪستان نيوي ۽ ڪوسٽ گارڊز پاران گڏيل آپريشن، منشيات ۽ غير قانوني دوائون هٿ

راولپنڊي (اي پي پي)پاڪستان نيوي ۽

بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

اڳتي وڌائي رهيو آهي هڪ طرف خيبرپختونخواهه حڪومت اسلام آباد طرف چڙهائي ۽ تباهي ۽ بربادي جي سياست ڪري رهي آهي جڏهن ته ٻئي طرف مسلم ليگ (ن) ريڊيو پاڪستان کي بحال ڪارڪنن سدا رابطي ۽ صوبي ۾ مثبت سياست کي فروغ ڏئي رهي آهي مسلم ليگ (ن) ٽڪ ٽاڪ ۽ سوشل ميڊيا جي سياست بدران عوام جي وچ ۾ رهي مثبت سياست ڪئي آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن صوبائي اسيمبلي ميمبر جلال خان جي آفيس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي پنجاب جو اڳوڻو گورنر اقبال ظفر جهگڙا، وزيراعظم جو اطلاعات ۽ خيبرپختونخواهه بابت ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان صوبائي اسيمبلي ميمبر جلال خان صوبائي اسيمبلي ميمبر طارق خان بلال خان علي خادم يوسفزئي ۽ ٻيا پارٽي اڳواڻ پڻ موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته خيبرپختونخواهه کي غيرتمند ۽ بهادر عوام جي سرزمين جي طور تي سڃاتو وڃي ٿو جنهن تي اسان کي فخر آهي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته مسلم ليگ (ن) جي قائد ميان نواز شريف سدائين خيبرپختونخواهه جي تعمير ۽ ترقي جي حوالي سان روايتون قائم ڪيون آهن لاهور اسلام آباد موٽروي ٺهي آهي ته اهڙي طرح اسلام آباد پشاور موٽروي به مسلم ليگ (ن) جي دور ۾ تعمير ٿي بين صوبن ۾ اسپتالون ڪاليجن يونيورسٽيون ۽ بجلي جا منصوبا مڪمل ڪيا ويا ته خيبرپختونخواهه ۾ به اهڙا ئي ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا. هن چيو ته ميان نواز شريف جي روايت کي وزيراعظم محمد شهباز شريف اڳتي وڌائي رهيو آهي.

بقايا 2 روزاني عبرت

بهتري جو خواهشمند آهي ته جيئن عالمي معيار جي هڪ مضبوط، جديد ۽ چٽاڀيٽي جي صلاحيت رکندڙ سامونڊي شعبي جي منزل حاصل ٿي سگهي حڪومت جو پختو عزم آهي ته ملڪي سامونڊي صلاحيتن کي پائيدار معاشي ۽ قومي ترقي ۽ خوشحالي ۾ تبديل ڪرڻو آهي اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم سامونڊي معاملن جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته اڄ سامونڊي معاملن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان محفوظ، فعال پرامن ۽ ماحول دوست سامونڊي چرپر جي فروغ جي لاءِ پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو هن چيو ته سامونڊي ذريعا پاڪستان جي واپاري چرپر علائقائي ۽ عالمي دفاعي رابطن ۽ بليو اڪانومي سان ڳنڍيل معاشي سرگرمين جو محور آهن شهباز شريف چيو ته هن سال هي عالمي ڏينهن "پاليسي کان عملي قدمن تائين: سامونڊي شعبي ۾ اعليٰ معيار جي ڪارڪردگي جو فروغ" جي عنوان هيٺ ملهايو پيو وڃي.

بقايا 3 روزاني عبرت

مقرري جو اعلان ڪري ڇڏيو اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) نعمان محمود، رياض ۾ قائم ڪئي ويندڙ اتحاد جي جنرل سيڪريٽريٽ جي سربراهي ڪندو.

بقايا 4 روزاني عبرت

وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهي. موجوده علائقائي ڇڪتاڻ دوران اسان جي سامونڊي جهازن ۽ سامونڊي عملي هڪ ڀيرو ٻيهر مشڪل حالتن ۾ فرضن کان وڌي ڪري خدمتون سرانجام ڏئي قوم جو ڳاٽ فخر سان بلند ڪيو آهي. غيرمعمولي جرئت، پيشيوارانه مهارت ۽ عزم جي مظاهري سان بظاهر ناممڪن چئلينجز کي اهڙن ڪارنامن ۾ تبديل ڪيو ويو جن تي قوم فخر ڪري سگهي ٿي هن اها ڳالهه ورلڊ ميري ٽائيم ڊي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 24 سيپٽمبر تي ملهايو پيو وڃي صدر ان موقعي تي پاڪستان جي سامونڊي جهازن، سامونڊي شعبي بابت ماهرن بندرگاهن جي عملدارن شپ آپريٽر ريگيوليٽري تربيتي ادارن ۽ سامونڊي شعبي سان واڳيل ماهرن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته انهن جي پيشيوارانه مهارت ۽ لڳاءُ سامونڊي چرپر جي تحفظ ۽ موثر ڪارڪردگي جي لاءِ انتهائي اهم آهي هن چيو ته هن سال ان ڏينهن جو موضوع "پاليسي کان عملدرآمد تائين: سامونڊي شعبي ۾ اعليٰ معيار جو فروغ" ان ڳالهه جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو ته عالمي سامونڊي معيارن کي موثر قومي قانونن ضابطن ۽ روزاني جي عملي قدمن ۾ تبديل ڪيو وڃي پاڪستان پنهنجي عالمي ذميوارين موجب سامونڊي سلامتي تحفظ ۽ ضابطه ڪار جي نگراني کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهي. پاڪستان جا سامونڊي جهاز ۽ سامونڊي شعبي سان واڳيل ماهر ان ڪوشش جو محور آهن صدر چيو ته اسان کي ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندي ته اسان جي افرادي قوت ڊيجيٽل نيوي گيشن، آٽوميشن، ٽئين بارڊ ۽ سائبر سيڪيورٽي سميت ٽيڪنيڪي تبديلين جي لاءِ مڪمل طور تي تيار هجي سامونڊي تعليم تربيت ۽ پيشيوارانه صلاحيتن ۾ مسلسل سيڙپڪاري جاري رکڻي پوندي صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان پنهنجي سامونڊي انفراسٽرڪچر کي جديد بڻائڻ جي لاءِ پڻ قدم کڻي رهيو آهي.

بقايا 5 روزاني عبرت

سماءِ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) برادر ملڪ سعودي عرب جي قومي ڏينهن جي موقعي تي ٻنهي ملڪن وچ ۾ لازوال رشتي ۽ تاريخي اخوت کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ هڪ خاص نغمو "ايڪ درجي ڪي جان" جاري ڪيو آهي اردو ۽ عربي ٻولي ۾ ڳايل نغمو پاڪ سر زمين جي حرمت سان جڙيل مضبوط لاڳاپن ۽ ڳنڍيل قدرن جي عڪاسي ڪري ٿو گيت جي ٻولن ۾ ڏن ۾ ٻنهي ملڪن جي پراڻي دوستي ڳنڍيل دفاعي شراڪتداري ۽ خطي ۾ امن جي ڳنڍيل عزم کي شاندار طريقي سان اجاگر ڪيو ويو آهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

جي صدر ولاديمير پيوٽن ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب رابطي دوران سعودي عرب ۽ روس وچ ۾ لاڳاپن ان کي مختلف شعبن ۾ وڌائڻ جي طريقن جو جائزو ورتو ويو ٻنهي اڳواڻن علائقائي صورتحال سيڪيورٽي ۽ استحڪام جي حوالي سان ڪيل ڪوششن کان علاوه گڏيل دلچسپي جي بين علائقائي ۽ عالمي معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا 7 روزاني عبرت

جو اهو منصوبو چشمه 5- نيوڪليئر پاور پلانٽ جي آئوٽ فال تي تعمير ڪيو ويندو منصوبو فعال ٿيڻ ڪانپوءِ قومي گرڊ لاءِ سالياني اٽڪل 30.66 ملين ڪلوواٽ آور صاف بجلي پيدا ڪندو اربع ڏينهن پاڪستان اٽامڪ انرجي ڪميشن مان جاري بيان مطابق اهو منصوبو سائيٽ جي موجود پن بجلي جي صلاحيت مان فائدو ڪندو جنهن سان آبي وسيلن جي موثر استعمال ۽ پائيدار بجلي جي پيداوار ۾ مدد ملندي ان منصوبي سان بجلي جي پيداوار سيپٽمبر 2029ع تائين شروع ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا 8 روزاني عبرت

بحالي جو ڪم فوري طور شروع ڪرڻ ۽ جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ميئر ڪراچي جي هدايتن تي لاڳاپيل کاتي متاثر ٿيل حصي جي بحالي لاءِ ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته شهر جي عوامي انفراسٽرڪچر کي نقصان پهچائڻ واري عمل کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو شهرين جي سهولت لاءِ تعمير ڪيل فلاءِ اوورز، انڊر پاسز ۽ ٻين اهم انفراسٽرڪچر جي حفاظت پهرين ترجيح آهي هن چيو ته سرڪاري ۽ عوامي ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ يا انهن جا حصا چوري ڪرڻ سان نه رڳو شهرين کي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

بقايا 9 روزاني عبرت

جي اهتمام هيٺ ٿيندڙ ورلڊ ڪلچر فيسٽيول ۾ پارٽنر هوندي ۽ فيسٽيول جي تقريبن جي انعقاد لاءِ باره دري، برنس گارڊن ۽ ٻين مناسب هنڌن جي فراهمي ڪئي ويندي بلديه عظميٰ ڪراچي فيسٽيول لاءِ هنڌن جي فراهمي سان گڏ روڊن، ميونسپل سروسز ۽ اشتهارن جي حوالي سان پڻ ڀرپور سهڪار فراهم ڪندي هن اهڙن خيالن جو اظهار آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان جي صدر احمد شاهه سان ملاقات دوران ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر سي ايم سي ابرار جعفر مالي معاملن جي صلاحڪار گلزار ابڙو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي ۾ عالمي سطح جو ثقافتي پروگرام جو انعقاد شهر لاءِ هڪ اعزاز آهي اهڙن فيسٽيولز ذريعي ڪراچي جي ثقافتي سڃاڻپ کي اجاگر ڪرڻ ۽ دنيا جي مختلف ملڪن مان ايندڙ فنڪارن کي شهر سان متعارف ڪرائڻ ۾ مدد ملندي هن چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي ۽ ميئر آفيس شهر ۾ ٿيندڙ هر مثبت ۽ عوامي نوعيت جي تقريب لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهن هن چيو ته ورلڊ ڪلچر فيسٽيول ڪراچي جي شهرين لاءِ ثقافتي ۽ تفريحي سرگرمين ۾ شرڪت جو هڪ اهم موقعو هوندو ان کري بلديه عظميٰ ڪراچي فيسٽيول جي انعقاد ۾ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان سان مڪمل سهڪار ڪندي هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته فيسٽيول جي تيارين ۽ انتظامن جي حوالي سان آرٽس ڪائونسل سان مسلسل رابطو ۽ مڪمل هم آهنگي برقرار رکي وڃي، جيئن سمورين ضروري بلدياتي سهولتون بروقت فراهم ڪري سگهجن ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب دي پارڪس ۽ سينيئر ڊائريڪٽر ڪلچر کي هدايت ڪئي ته آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان سان مڪمل رابطي ۾ رهندي فيسٽيول لاءِ هنڌن پارڪن روڊن ۽ ٻين ميونسپل سهولتن جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏني وڃي هن چيو ته ڪراچي ۾ ثقافتي سرگرمين جي فروغ لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا گڏجي ڪم ڪندا.

بقايا 10 روزاني عبرت

آهي ذريعن موجب ڊاڪٽر عمر جي موبائل فون تي 14 سيپٽمبر تي منجهند هڪ وڳي آخري ڪال وصول ٿي هئي. ٽيڪنيڪل ٽيم ڪال ڊيٽا رڪارڊ جو وڌيڪ جائزو وٺي رهي آهي جڏهن ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جو سلسلو جاري آهي جاچ ڪندڙ اختيارين موجب ڊاڪٽر عمر اسپتال انتظاميا کي ٻڌايو هو ته هو علاج لاءِ پنجاب وڃي رهيو آهي جاچ ٽيم فليٽ جي مالڪ ۽ ٻين رهواسين جا بيان پڻ قلمبند ڪري ورتا آهن ذريعن موجب ڊاڪٽر عمر 14 هزار رپيا ماهوار ڪرائي تي فليٽ ۾ رهندو هو سيپٽمبر جو ڪرايو پڻ ادا نه ڪيو هو ڊاڪٽر عمر مالڪ مڪان کي ٻڌايو هو ته سندس پگهار ۽ موبائل فون ڊاؤل ٿي ويا آهن انهن هوندي به ميينا ٿي جي ڪا به رپورٽ پوليس وٽ داخل نه ڪرائي وئي مختلف بيانن مان معلوم ٿيو آهي ته ڊاڪٽر عمر گهر جون مختلف شيون وڪڻڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي هئي جڏهن ته رهواسين شيون خريد ڪرڻ بدران ڊاڪٽر عمر جي مالي مدد ڪئي ذريعن موجب ڊاڪٽر عمر وٽ نه ڪار هئي ۽ نه ئي موٽرسائيڪل ڊاڪٽر عمر سندس گهرواري ۽ ٻن ڌيئرن جا لاش 20 سيپٽمبر تي فليٽ مان مليا هئا. جڏهن ته واقعي واري هنڌ تان ڊاڪٽر عمر ۽ سندس گهرواري جا موبائل فون پڻ نه مليا ڊاڪٽر عمر احسن آباد جي هڪ خانگي اسپتال ۾ ملازمت ڪندو هو ۽ گردن ۽ ڪينسر جي تشخيص ڪانپوءِ هن آگسٽ ۾ ملازمت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي.

بقايا 11 روزاني عبرت

جي بنياد تي ڪئي وئي حراست ۾ ورتل افغاني انساني اسمگلرن جي مدد سان پاڪستان جي رستي ايران، يورپي ملڪ وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا پڪڙيل سمورن جڻن جي وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ جاچ لاءِ لاڳاپيل پوليس اختيارين جي حوالي ڪيو ويو آهي سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته سيڪيورٽي فورسز طرفان سرحدي علائقن ۾ انساني اسمگلنگ ۽ دهشتگردي نيٽ ورڪس خلاف موثر ڪريڪ ڊائون جاري آهي. جنهن جي نتيجي ۾ صرف هڪ هفتي دوران حراست ۾ ورتل غيرقانوني افغانين جو مجموعي انگ 129 تي پهچي ويو آهي سيڪيورٽي فورسز سرحدي پٽي تي غيرقانوني چرپر جي روڪٿام ۽ ملڪي سرحدن تي قانون جي مڪمل عملداري يقيني بڻائڻ لاءِ هر وقت چوڪس آهن.

بقايا 12 روزاني عبرت

پيٺ 24 ورهين نائلا زال بابر موقعي تي فوت ٿي وئي جڏهن ته سندس مڙس بابرمعصوم پٽ عبدالله ۽ 30 ورهين جي طارق سميت 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا فوتي جي لاش کي ماڻهن ۽ زخمين کي لمس اسپتال جامشورو منتقل ڪيو ويو.

بقايا 13 روزاني عبرت

فائرنگ ڪئي وئي. فائرنگ جي نتيجي ۾ مرتضيٰ عرف مرتو مهر ۽ هزارو عرف هزار خان سعدخاناڻي جتوئي مارجي ويا، جڏهن ته امام بخش سعدخاناڻي جتوئي زخمي ٿي پيو پوليس موجب واقعي ۾ مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. ايس ايس پي موجب، مارجي ويل مرتضيٰ عرف مرتو مهر خلاف چوري، ڦر، قتل ۽ پوليس مقابلن سميت سنگين نوعيت جا 22 ڪيس داخل ٿيل هئا، جڏهن ته هزارو عرف هزار خان سعدخاناڻي جتوئي خلاف به چوري، ڦر قتل ۽ پوليس مقابلن سميت ڪيترائي سنگين ڪيس داخل ٿيل هئا. ايس ايس پي موجب، مرتضيٰ مهر مبينا طور جتوئي گروپ سان گڏجي به ڏوهن جون وارداتون ڪندو رهيو جن بابت ڪيترائي ڪيس گڏيل طور داخل ٿيل آهن ايس ايس پي محمد ڪليم چيو ته علائقي ۾ امن امان جي صورتحال هر صورت ۾ برقرار رکي ويندي جڏهن ته قانون هٿ ۾ کڻندڙ ۽ امن امان ۾ خلل وجهندڙ سمورن عنصرن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. واضح رهي ته واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو پوليس اختيارين واضح ڪيو آهي ته فائرنگ جو واقعو قبائلي تڪرار يا ماضي جي ڪنهن تڪرار سان لاڳاپيل ناهي جي مبينا طور ٻن ڌرين وچ ۾ ڏيتي ليتي جي تڪرار جو نتيجو آهي.

بقايا 14 روزاني عبرت

فائرنگ ڪري ذهني طور تي معذور شخص کي قتل ڪري ڇڏيو تفصيلن موجب اورنگي ٽائون ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون نمبر 5 ۾ جمعا هوٽل ويجهو پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جي ان دوران ڦورو سخت زخمي ٿي پيو جڏهن ته ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، فائرنگ جي ڏي وٺ ته به راهه ويندڙ شهري پڻ زخمي ٿيا سخت زخمي ڦورو ۽ زخمين شهرين کي فوري طور تي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي علاج دوران ڦورو فوت ٿي ويو فوت ٿيل ڦوري جي سڃاڻپ اسامه پٽ تسليم طور ڪئي وئي پوليس ان جي قبضي مان هڪ پستول، ڦر ڪيل ٻه موبائيل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي زخمي ٿيل راهه ويندڙ شهرين جي سڃاڻپ 15 سالن جي عاقب پٽ منصور ۽ 27 سالن جي احسن پٽ محمد رياض طور ڪئي وئي اورنگي ٽائون جي ايس ايڇ او خميسو خان موجب مقابلي ۾ مارجي ويل ڦوري ۽ ان جي ساٿين پاڪستان بازار ٿاڻي جي حدن ۾ بندوق جي زور تي هڪ شهري کان موٽرسائيڪل ۽ موبائيل فون ڦريا هئا ۽ فرار ٿي رهيا هئا ته اورنگي ٽائون نمبر 5 ۾ جمعا هوٽل ويجهو پوليس سان آمهون سامهون ٿيڻ تي هٿيارن سان فائرنگ ڪئي، مارجي ويل ڦوري جو اڳوڻو ڏوهاري رڪارڊ موجود هو جيڪو اڳ ۾ مومن آباد، نبي بخش ۽ سائٽ سپر ٿاڻي ۾ داخل ٿيل ڇهن ڪيسن ۾ گرفتار ٿي جيل وڃي چڪو هو جن ۾ پوليس مقابلا ڦر/ڦرلٽ موٽرسائيڪل چوري ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جا الزام شامل هئا.

بقايا 15 روزاني عبرت

کي قتل ڪري ڇڏيو لاش کي جيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو، فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 30 سالن جي محمد شاهه پٽ زاهد شاهه طور ڪئي وئي پير آباد جي ايس ايڇ او وسيم انيس ٻڌايو ته فوت ٿيل شخص ذهني طور تي غير مستحڪم هو ۽ گهڻين ڏينهن کان گهمندو رهندو هو ڪيس گهر کان ٿوري فاصلي تي گولين هڻي قتل ڪيو ويو فوت ٿيل شخص وٽ نه موبائيل فون هو ۽ نه ئي پئسا. نامعلوم حملي آورن ڪيس کهڙي سبب قتل ڪيو اهو واضح نه ٿي سگهيو آهي پوليس واقعي واري هنڌان 30 بور پستول جا به خالي خول هٿ ڪري پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيا آهن.

بقايا 16 روزاني عبرت

گهوٽڪي واپاري راشد حسين شيخ ۽ سندس آفيس جي عملي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 40 لک رپيا روڪ رقم ۽ 3 موبائيل فونون ڦر ڪري مزاحمت تي واپاري راشد حسين شيخ کي تشدد جو نشانو بڻائي رتورت ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع تي پوليس پهچي واقعي بابت تفصيل وٺي سي سي ٽي وي فوٽيجز هٿ ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ان حوالي سان زخمي واپاري راشد حسين شيخ ٻڌايو ته مان سٽي انٽرپرائيزز جي نالي سان دوائن جي هول سيل جو ڪاروبار ڪندو آهيان اڄ منجهند ڌاري 3 اڻڄاتل هٿياربندن آفيس ۾ گهڙي مون سميت منهنجي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ عملي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 40 لک رپيا روڪ رقم ۽ 3 موبائيل فونون ڦر ڪري مزاحمت تي مون کي تشدد جو نشانو بڻائي رتورت ڪري فرار ٿي ويا آهن هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته نوٽيس وٺي ملوث هٿيارندن کي گرفتار ڪري روڪ رقم ۽ موبائيل فون واپس ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ان حوالي سان ڏڙي ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعي جي جاچ مختلف رخن کان ڪئي پئي وڃي جلد حقيقتون سامهون اچي وينديون.

بقايا 17 روزاني عبرت

حوديبا پنهنجي گهر سان 125 موٽرسائيڪل ذريعي نواب شاهه کان دوڙ اچي رهيا هئا ته مهراڻ هاءِ وي اڳيان ايندڙ سوزوڪي ويلرڊالر جي ٽڪر لڳڻ سان عبدالجبار آرائين موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس گهر واري جي ڏنگ ڌڙ کان ڌار ٿي وئي ۽ معصوم نياڻي زخمي ٿي پئي جنهن کي نوابشاهه اسپتال نيو ويو جتي معصوم ٽينگري فوت ٿي وئي ۽ اڄ آرم به زخمن جاسور نه سهندي فوت ٿي وئي هڪ گهر ۾ ٽن ڏينهن تائين روزانه لاش ملڻ تي گهر ۾ قيامت شگران جو منظر علائقي ۾ شوڪ واري صورت حال پيدا ٿيل آهي جڏهن ته مهراڻ هاءِ وي جهوني خوني روڊ تي 24 ڪلاڪن دوران مختلف هنڌن تي 7 ڄڻان فوت ۽ ڪئي ماڻهون زخمي ٿيا آهن عوام پريشان ٿيل آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

اليڪٽرڪ جي لاڳاپيل اختيارين سان هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي سرپرستي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ۽ وائيس چيئرمين رانا محمد عارف ڪئي اجلاس ۾ ٽائون ميمبرن ۽ علائقي جي فوڪل پرسنز پڻ شرڪت ڪئي اجلاس دوران يونين ڪائونسل سرجاني جي مختلف علائقن ۾ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ، بجلي جي فراهمي ۾ رڪاوٽ اوور بلنگ، غلط ريڊنگ ۽ بلنگ سان لاڳاپيل ٻين عوامي شڪايتن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو ٽائون انتظاميا پاران شهرين جي درپيش مسئلا ۽ عوامي شڪايتون ڪي اليڪٽرڪ جي اختيارين آڏو واضح طور تي پيش ڪيون ويون ان موقعي تي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته بجلي جي مسلسل ۽ بهتر فراهمي شهرين جي بنيادي ضرورت آهي تنهن ڪري يونين ڪائونسل سرجاني ۾ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ، بجلي جي فراهمي ۾ رڪاوٽ ۽ بلنگ بابت شڪايتن جو فوري ازالو ضروري آهي هن چيو ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڪي اليڪٽرڪ جي اختيارين سان سڌو رابطو مؤثر رابطي واري نظام کي يقيني بڻايو ويندو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته يونين ڪائونسل سرجاني ۾ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ بجلي جي فراهمي سان لاڳاپيل ٻين مسئلن جي حل لاءِ ڪي اليڪٽرڪ جا لاڳاپيل اختيارين فوري قدم کڻندا، جڏهن ته غلط ريڊنگ، اوور بلنگ ۽ ٻين بلنگ جي شڪايتن جي ازالي لاءِ پڻ ترجيحي بنيادن تي ڪارروائي ڪئي ويندي علائقن ۾ فني خرابين، بار بار بجلي بند ٿيڻ ۽ ٻين شڪايتن جي حل لاءِ ٽائون انتظاميا ۽ ڪي اليڪٽرڪ وچ ۾ سڌو رابطو برقرار رکيو ويندو ۽ طئي ٿيل معاملن تي اڳڀرائي جو مسلسل فالواپ ڪيو ويندو. حاجي نواز علي بروهي چيو ته ٽائون انتظاميا شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن سان مسلسل رابطي ۾ رهندي ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن عملي ڪوشش ڪئي ويندي هن واضح ڪيو ته عوامي شڪايتن کي رڳو اجلاس تائين محدود نه رکيو ويندو پر انهن جي حل ۾ اڳڀرائي جو باقاعدگي سان جائزو ورتو ويندو وائيس چيئرمين رانا محمد عارف چيو ته يونين ڪائونسل سرجاني جي شهرين کي بجلي بابت درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڪي اليڪٽرڪ سان مؤثر رابطي واري نظام جي ضرورت آهي هن چيو ته شهرين جي شڪايتن جي ازالي ۽ ڪين رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ٽائون انتظاميا جون ڪوششون جاري رهنديون.

بقايا 19 روزاني عبرت

چڪي آهي جي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ صوبي جي مختلف شهرن ۾ مرحلي وار نين اليڪٽرڪ بسون هلايون وينديون، سنڌ حڪومت پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌائي رهي آهي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ جي اوليت آهي ته جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ جي سهولت رڳو ڪراچي تائين محدود نه رهي، پيپلز بس سروس جو دائرو لڳاتار وڌايو پيو وڃي ۽ نئين روٽس جو مقصد شهرين کي سستي ۽ بهتر سفري سهولت ڏيڻ آهي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 50 ڊبل ڊيڪر بسون 30 نومبر تائين سنڌ پهچي وينديون جن کي مختلف روٽس تي هلايون وينديون ڊبل ڊيڪر بسن جي اچڻ سان مسافرن کي اضافي سفر جي گنجائش ملندي هن چيو ته لاڙڪاڻي قمبر شهدادڪوٽ ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ کي عوام طرفان ڀرپور موٽ ملي رهي آهي. لاڙڪاڻي، قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين علائقن جي شهري جديد بس سروس کي ساراهي رهيا آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اليڪٽرڪ بسن جو منصوبو سنڌ جي پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام ۾ هڪ اهم اضافو ثابت ٿيندو نيون اليڪٽرڪ بسون شهري علائقن ۾ ٽرانسپورٽ جي وڌندڙ مسئلن جي حل ۾ به مددگار ثابت ٿينديون.

بقايا 20 روزاني عبرت

۽ خوبصورتي بابت اجلاس ٿيو جنهن ۾ ترقياتي ڪمن ۽ علائقي جي بهتري واري منصوبي جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ برنس روڊ جي ڪجهه حصن کي پيادل هلندڙ شهرين لاءِ مخصوص ڪرڻ جي تجويز تي غور ڪيو ويو فوٽ پاٿن جي بهتري، پرپاسي وارين روڊن جي ترتيب ۽ آرائش سان گڏ صفائي جي انتظامن تي پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو چيف سيڪريٽري سنڌ چيو ته منصوبو برنس روڊ جي تاريخي سڃاڻپ کي نظر ۾ رکندي تيار ڪيو ويو آهي هن هدايت ڪئي ته فوڊ اسٽريٽ جي بهتري سان گڏ پيادل هلندڙ شهرين ۽ علائقي جي رهواسين جي سهولت کي ترجيح ڏني وڃي آصف حيدر شاهه چيو ته برنس روڊ کي صاف سٿرو، منظم ۽ خوبصورت فوڊ اسٽريٽ بڻايو ويندو هن ڪي ايم سي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته گڏيل طور تي برنس روڊ ۽ پرپاسي جي علائقن جي صفائي، فوٽ پاٿن ۽ روڊن جي حالت بهتر بڻائي وڃي اجلاس ۾ سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن، ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ، ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 21 روزاني عبرت

رکندي تربيت ۽ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران فتنه الهندستان جي ٻن دهشتگردن کي جهنم پهچائي ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن موجب فورسز تربيت جي علائقي جوسڪ ۾ دهشتگردن جي موجودگي واري ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي ان دوران شرپسندن ۽ فورسز وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن دوران ٻه دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته ڪجهه ٻيا فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. شرپسندن جي گرفتاري تائين علائقي ۾ سرچ ۽ ڪليئرنس سينيٽائيزيشن آپريشن جاري رهندو.

بقايا 22 روزاني عبرت

دوران پاڪ آمريڪا لاڳاپن کي هٿي وٺائڻ سيڙپڪاري جي موقعن ۽ علائقائي سيڪيورٽي جي گڏيل صورتحال تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون گهرو وزارت مان جاري ڪيل بيان موجب ملاقات دوران خطي ۾ امن استحڪام، ۽ طرفن گڏيل رابطن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو ان موقعي تي آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي لازوال قربانين جو اعتراف ڪندي انهن جي اڳواڻي ڪئي وفاقي گهرو وزير چيو ته پاڪستان دنيا ۽ دهشتگردي وچ ۾ هڪ مضبوط ديوار وانگر بيٺل آهي ۽ خطي ۾ امن جي قيام لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو.

بقايا 23 روزاني عبرت

جي 81هين اجلاس جي موقعي تي آذربائيجان جي پرڏيهي وزير جيهون بائراموف سان ملاقات ڪئي اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس جي سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ايڪس" تي جاري بيان موجب ٻنهي پرڏيهي وزيرن پاڪستان ۽ آذربائيجان جي وچ ۾ ويجهي ۽ پائيدار لاڳاپن کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ جي حوالي سان ڪارائتي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻطرفي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ٻنهي پرڏيهي وزيرن گهڻ رخي ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم ۽ گڏيل حمايت جو ورجاءُ ڪيو ۽ ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 24 روزاني عبرت

پزشڪيان جي تقرير دوران آمريڪي نمائندن جنرل اسيمبلي مان واڪ آئوٽ ڪيو مسعود پزشڪيان چيو ته آمريڪا جنگ دوران معصوم عورتن ۽ ٻارن کي نشانو بڻايو جڏهن ته اسڪولن اسپتالن ۽ شهري ڍانچي تي پڻ حملا ڪيا ويا ايراني صوبي لامرد ۾ ٻارن تي ڪلسٽر بم پڻ ڪيرايا ويا ايراني صدر آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو نالو کڻي بنا چيو ته "اسان ڳالهين ۽ سفارتڪاري ۽ مذاڪرات لاءِ تيار آهيون پر طاقت جي زبان قبول نه ڪنداسين" مسعود پزشڪيان ٽرمپ جي گذريل ڏينهن واري تقرير جو حوالو ڏيندي چيو ته "اهي ڌمڪيون ايراني قوم کي گڏ ڪن ٿيون ايران اڳرائي ڪندڙن کي پڇتائڻ تي مجبور ڪندو" هن چيو ته ٽرمپ ۽ اهي ساٿهه جيڪي ڌمڪين ذريعي ايران کي جهڪائڻ چاهين ٿا، انهن کي سمجهڻ گهرجي ته ايران ڳالهين سفارتڪاري لاءِ تيار آهي پر طاقت جي ٻولي قبول نه ڪندو ايراني صدر چيو ته ڊونلڊ ٽرمپ ايران کي دهشتگرد قرار ڏئي جڏهن ته ايران پاڻ دهشتگردي جو نشانو بڻيو آهي سندس ملڪ ۾ هو ته جيڪي پاڻ دهشتگردي ڪن ٿا اهي ئي ايران تي دهشتگردي جا الزام لڳائي رهيا آهن هن الزام لڳايو ته آمريڪا ۽ اسرائيل ايراني شهرين تي بزدلاڻا حملا ڪيا ۽ حملن دوران عالمي قانون جو خيال نه رکيو ويو آمريڪا ڪنهن به عالمي قانون جي پاسداري نه ڪئي مسعود پزشڪيان چيو ته ايران پنهنجو ڪنڌ نه جهڪائيندو پر هن شهرين جي آبادي وارن علائقن کي به نشانو بڻايو سندس چوڻ هو ته ملڪ جي دفاع لاءِ ڪنهن جي اجازت يا منظوري جي ضرورت ناهي ايراني صدر چيو ته دنيا ۾ عدم استحڪام ۽ تباهي طاقتور ملڪ پيدا ڪري رهيا آهن، جڏهن ته ايران پنهنجي ٻين ملڪن لاءِ عدم تحفظ نٿو چاهي جنگ جي ميدان ۾ امن حاصل نٿو ڪري سگهجي ايٽمي پروگرام بابت مسعود پزشڪيان چيو ته ايران کي ايٽمي توانائي گهرجي، ايٽمي بم نه، سندس چوڻ هو ته "ايٽم بم اسرائيل وٽ آهي پر ان جو ڪڏهن به معائنو ناهي ڪيو ويو جڏهن ته ايران جو معائنو ڪيو ويو اسرائيل جاني نقصان ڪري ٿو پر پابنديون ايران تي لڳايون وڃن ٿيون" هن چيو ته ايران ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جو خواهشمند ناهي پر "ايٽمي سائنس" ۽ "پرامن ٽيڪنالاجي" جي واري حق تان هٿ نه کڻندو ايران اهو قبول نه ڪري ته ايٽمي علم ڪجهه ملڪن جي اجارا داري هجي هن چيو ته ايران پنهنجو حق ڇڏي ڪنڌ نه جهڪائيندو ۽ ملڪ کي پنهنجي دفاع لاءِ ضروري طاقت حاصل ڪرڻ جو حق آهي آبناءِ هرمز بابت ايراني صدر چيو ته ايران اها اجازت نه ڏيندو ته ڪانٽس سامونڊي سفر جو حق کسيو وڃي، ايستائين جو پنهنجي سامونڊي حدن ۾ به نه سندس چوڻ هو ته آبناءِ هرمز کي ايران خلاف استعمال ٿيڻ هٿيارن ۽ گهرجن جي فراهمي لاءِ استعمال نٿو ڪري سگهجي مسعود پزشڪيان چيو ته ايران جي آبناءِ هرمز تائين رسائي محدود ڪئي وئي آهي جڏهن ته ٻئي طرف ساڳي رستي جي چوڌاري ميزائيل ۽ ٽيڪنالاجي فراهم ڪئي پئي وڃي هن چيو ته ايران آبناءِ هرمز ذريعي پنهنجي خلاف حملن جي اجازت نه ڏئي سگهي ٿو، هن وڌيڪ چيو ته سامونڊي رياستن جي سلامتي کي نقصان پهچائي سامونڊي سفر جي سلامتي حاصل نه ڪري سگهجي ٿي ايراني صدر چيو ته ايران مضبوط پاڙيسري ملڪن جو خواهشمند آهي ۽ پاڙيسري ملڪن کي سلامتي جو حريف نه ٿو سمجهي هن چيو ته هن خطي ۾ ڪو به ملڪ اڪيلو محفوظ نه رهي سگهي، يا ته گڏجي سلامتي قائم ڪئي ويندي يا سڀ گڏجي عدم تحفظ کي منهن ڏيندا. مسعود پزشڪيان غزا جي صورتحال جو حوالو ڏيندي اسرائيل تي غزا ۾ نسل ڪشي جو الزام پڻ لڳايو.

بقايا 25 روزاني عبرت

قومي اسيمبلي ميمبر سهيل سلطان جي نااهلي بابت ڪيس تي ٻڌڻي 2 هفتن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ اربع ڏينهن ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران سهيل سلطان جي وڪيل بئرسٽر گوهر عدالت کان ٻڌڻي ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي عدالت، بئرسٽر گوهر جي التوا جي درخواست منظور ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 2 هفتن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 26 روزاني عبرت

زميني تڪرار ٻيهر ڀڙڪي اٿيو 7 قيمتي جانيون ڳوڪائيندڙ تڪرار وڌيڪ 4 قيمتي جانيون ڳوڪائي وٺي، لاڙڪاڻي جي عدالت ۾ ٻڌڻي بعد ٽئون ديرو ويندڙ ڪار مان هٿيارندن جي فائرنگ، ٻن سڳن ڀائرن سميت 4 ڄڻا مارجي ويا، علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي وين وڏي وزير گهرو وزير آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو نوٽيس ورتو وڏي وزير گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد لاهوري ريگيوليٽر شيرين امير بيگهر اوورهيڊ برج هيليپاڊ روڊ تي ٽئون ديرو پرسان ڳوٺ حسن واهڻ سان واسطو رکندڙ ڪوڪر ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي زميني تڪرار تان موٽرسائيڪل سوار هٿيارندن عدالتي ٻڌڻي کان پوءِ ٽئون ديرو ويندڙ ڪار سوارن مٿان هلندڙ ڪار دوران ڏينهن ڏٺي جو سرعام اڻڌاڌ فائرنگ ڪري ڳوٺ حسن واهڻ واسي الهڏايو ڪوڪر سندس ڀاءُ منصور علي ڪوڪر سندن چاچي علي شير ڪوڪر ۽ ڪار ڊرائيور غلام محي الدين مگهيجو کي ٿڏي تي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته گولين لڳڻ سبب مقتول ڀائرن جو سڳو سئوٽ يارمحمد ڪوڪر سخت زخمي ٿي پيو واقعي دوران هٿيارند سرعام وچ روڊ تي فائرنگ ڪندا رهيا، جنهن سبب ماڻهن ۾ ڀاڄ پکڙجي وين پر ان جي باوجود پوليس بروقت نه پهتي، واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ وڏي تعداد ۾ شهري واقعي واري هنڌ گڏ ٿي ويا، جنهن دوران ٻنهي مقتول ڀائرن جي پيرسن بيواهه امڙ عورت ارباب خاتون روڊ تي ويهي قاتلن کي ٻٽون پاراٽا ڏيندي رهي، ڪجهه دير بعد سول لائين ٿاڻي جي پوليس مقتولن جا لاش ۽ زخمين کي ڪڙهائي ڪرامڙا سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو جتي زخمي جي حالت ڳڀتي هئڻ جوڳي ٻڌائيندي ڪيس آءِ سي يو وارڊ منتقل ڪيو ويو جتي سندس جو علاج هلندڙ آهي اهڙي واقعي جي اطلاع تي وڏي تعداد ۾ مقتولن جا وارث اسپتال پهتا جن واقعي بابت تفصيل ورتا ۽ لاشن مان اپڇڪارڻون ڏئي رويندا پئي رهيا. ٻئي طرف سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه، گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو واقعي جو نوٽيس وٺندي پوليس کان رپورٽ طلب ڪندي جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

بقايا 27 روزاني عبرت

بعد ايس ايس پي لاڙڪاڻو محمد اظهر خان مغل جي اڳواڻي ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڳوٺ حسن واهڻ ٽوڙي اسپاس وارن علائقن ۾ آپريشن ڪري گهر گهر تلاشي ورتي جنهن دوران پوليس جوابدارن جا گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا. پوليس جي مختلف ٽيمن جوابدارن جي امڪاني ٺڪاڻن ۽ شڪي هنڌن تي ڇاپا هنيا. ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو محمد اظهر خان پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي. پوليس ٽيمن طرفان واقعي واري هنڌ تان شاهدين سان گڏ ڪرڻ اکين ڏٺن شاهدن جا بيان قلمبند ڪرڻ ۽ هٿ ڪيل سي سي ٽي وي فوٽيجز جو جائزو وٺڻ سميت جديد جاچ جي طريقن جي جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون ۾ آڻڻ لاءِ ٺوس قدم کنيا پيا وڃن پوليس پاران جوابدارن جي امڪاني فرار جي رستن، رهائشگاهن ۽ ٻين شڪي هنڌن جي نگراني ڪئي پئي وڃي جڏهن ته مختلف هنڌن تي سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن پڻ جاري آهن.

بقايا 28 روزاني عبرت

ڇٽن جي قتل واري واقعي بابت ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته 14 سال وڌيڪ عرصي کان ٻن سئوٽن عبدالقادر ڪوڪر ۽ سڪندر ڪوڪر جي ٻن ڌرين وچ ۾ 30 کان 40 جريب زمين جي مالڪي تان تڪرار هلندڙ آهي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا هن وقت تائين 7 ڄڻا قتل ٿي چڪا آهن جڏهن ته تازو 4 ڇٽن جي قتل واري واقعي کان پوءِ مقتولن جو انگ وڌي 11 ٿي ويو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته ساڳي ئي تڪرار تان ڪجهه عرصو اڳ ٽئون ديرو جي سڪر باءِ پاس تي گل ڪوڪر جي قتل بعد لاڙڪاڻي ۾ حاضري تان واپس موٽندي ساڳي ئي ڌر جو سڪندر ڪوڪر به مارجي ويو جڏهن ته سال اڳ سڪر اسٽينڊ تي عبدالقادر ڪوڪر جي ڌر جو پرويز ڪوڪر پڻ مارجي ويو هو جيڪو پڻ حاضري تان موٽي اچي رهيو هو جڏهن ته ٻنهي ڌرين ۾ سرچاءُ لاءِ هن وقت تائين ڪوششن نه ورتيون ويون آهن جنهن سان علائقي ۾ وڌيڪ رتوڇاڻ جو خدشو آهي.

بقايا 29 روزاني عبرت

جي پيرسن بيواهه امڙ عورت ارباب خاتون ڪوڪر ميڊيا آڏو ڌانهيندي ٻڌايو ته ڳوٺ جي 20 جريب زرعي زمين جي مالڪي تان ڪافي عرصي کان وٺي تڪرار هلندڙ آهي جنهن معاملي تان مختلف وقتن تي عبدالقادر ڪوڪر وارن پهريان ڏير سميت اڪيلي ڀاءُ سڪندر ڪوڪر کي قتل ڪري ڇڏيو جن جي خون سان انصاف نه ٿيو ۽ پوليس منهنجي ڀاءُ ۽ ڏير جا خون لوڙهي ڇڏيا جنهن کان پوءِ عبدالقادر ڪوڪر منهنجي گهر تي حملو ڪرايو جنهن ۾ منهنجي نياڻي ۽ ڀاڃائي کي قتل ڪيو ويو هن چيو ته اڄ اسان لاڙڪاڻي جي عدالت ۾ ٻڌڻي بعد ڪار ۾ سوار ٿي ٽئون ديرو وڃي رهيا هياسين ته غلام قادر ڪوڪر پنهنجي هٿيارندن سان گڏجي مون کي ڪار مان هيٺ لاهي ڪار مان اڪيلو منهنجي ٻن پٽن الهڏايو ۽ منصور ۽ ڏير علي شير ڪوڪر سميت ڪار جي ڊرائيور غلام محي الدين مگهيجو کي قتل ڪري ڀاڃائي يار محمد ڪوڪر کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا هن چيو ته غلام قادر ڪوڪر منهنجي سڄي گهر کي اجاڙي اسان سان وڏو ظلم ڪيو آهي. مختلف وقتن تي پوليس عبدالقادر وارن خلاف ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي جنهن ڪري هو مسلسل اسان جي مردن کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندا هئا. ڪافي ڀيرا پوليس کي شڪايتون ڪيون پر ان جي باوجود پوليس قاتل ڌر سان ٺهيل هجڻ ڪري ڪارروائي نه ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ اڄ ڏينهن ڏٺي جو لاڙڪاڻي شهر ۾ اهڙو واقعو پيش آيو آهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻي کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي پٽن ۽ ٻين وارثن جي قتل ۾ ملوث هٿيارندن کي گرفتار ڪري سندن خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 30 روزاني عبرت

معاملي واقعي جا وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويا آهن جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ٽينٽ شرٽ پاتل سميت ٻيا هٿيارند پيادل سڙڪ تي سرعام فائرنگ ڪري رهيا آهن. فائرنگ ڪندڙ هٿيارند جا چهرا پڻ وڊيو ۾ صاف نظر اچي رهيا آهن هٿيارند ڪي ڪار مٿان سرعام فائرنگ ڪندي ڏسي وڃي تعداد ۾ شهري واقعي واري هنڌ گڏ ٿين ٿا. واقعي جا وڊيوز سامهون اچڻ باوجود لاڙڪاڻو پوليس ملوث هٿيارندن جو پتو نه لڳائي سگهي آهي سڃاڻ جو اهڙن واقعن مطالبو ڪيو آهي ته اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ سنڌ جي شهرن جي سيڪيورٽي تي نظرثاني ڪري سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا وڃن.

بقايا 31 روزاني عبرت

ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اڄ عبدالقادر ڪوڪر ذيشان عرف هوش محمد، ڪاشف ڪوڪر مشتاق ذوالفقار ڪوڪر ۽ ٻين ڪار مان فائرنگ ڪري منهنجي ٻن ڀائرن ۽ ڪار ڊرائيور کي قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن جن مختلف وقتن تي منهنجي چاچي، پيءُ ۽ مامي سميت ٻين وارثن کي پڻ قتل ڪيو آهي پر پوليس انهن خلاف ڪارروائي لاءِ تيار ناهي هن چيو ته عبدالقادر ڪوڪر وارا ڪافي عرصي کان اسان کي ڪيس تان هٽ ڪٽڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏيندا هئا جن اڄ منهنجي ٻن ڀائرن، سئوٽ ۽ ٻين وارثن ٽوڙي ڪار ڊرائيور کي قتل ڪيو آهي هن مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث هٿيارندن کي گرفتار ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 32 روزاني عبرت

جي شروعاتي رپورٽ موجب واقعو زرعي زمين جي تڪرار سبب ذاتي دشمني جو نتيجو آهي. مقتول ۽ جوابدار هڪ ئي برادري ڪوڪر برادري سان واسطو رکن ٿا ۽ ان کان اڳ به هڪ ٻئي جي قتل جي ڪيسن ۾ ملوث رهيا آهن ٻنهي ڌرين جو واسطو ٽئون ديرو سان آهي. مقتولن ۾ علي شير ڪوڪ الهڏايو ۽ منصور ڪوڪر ڪار ڊرائيور غلام محي الدين مگهيجو ۽ هڪ زخمي يار محمد ڪوڪر شامل آهن واقعي واري هنڌ سميت شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي جلد جوابدارن کي جلد قانون جي گرفت ۾ آندو ويندو.

بقايا 33 روزاني عبرت

اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ صوبي جي مختلف شهرن ۾ مرحلي وار نين اليڪٽرڪ بسون هلايون وينديون، سنڌ حڪومت پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌائي رهي آهي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ جي اوليت آهي ته جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ جي سهولت رڳو ڪراچي تائين محدود نه رهي، پيپلز بس سروس جو دائرو لڳاتار وڌايو پيو وڃي ۽ نئين روٽس جو مقصد شهرين کي سستي ۽ بهتر سفري سهولت ڏيڻ آهي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 50 ڊبل ڊيڪر بسون 30 نومبر تائين سنڌ پهچي وينديون جن کي مختلف روٽس تي هلايون وينديون ڊبل ڊيڪر بسن جي اچڻ سان مسافرن کي اضافي سفر جي گنجائش ملندي هن چيو ته لاڙڪاڻي قمبر شهدادڪوٽ ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ کي عوام طرفان ڀرپور موٽ ملي رهي آهي. لاڙڪاڻي، قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين علائقن جي شهري جديد بس سروس کي ساراهي رهيا آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اليڪٽرڪ بسن جو منصوبو سنڌ جي پبلڪ ٽرانسپورٽ نظام ۾ هڪ اهم اضافو ثابت ٿيندو نيون اليڪٽرڪ بسون شهري علائقن ۾ ٽرانسپورٽ جي وڌندڙ مسئلن جي حل ۾ به مددگار ثابت ٿينديون.

بقايا 34 روزاني عبرت

جنرل اسيمبلي ۾ هڪ دفعو ٻيهر ڪشمير مسئلو اجاگر ڪيو ويو جڏهن ته ڀارتي ميڊيا ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان جي بيان ڪيل موقف تي ڳالهائيندي بدران پنهنجي توپن جو رخ پاڪستان ۽ ترڪيه ڏانهن ڪندي هڪ نئين پروپيگنڊا شروع ڪري ڇڏي آهي. ڪشمير ميڊيا سروس موجب، گڏيل قومن ۾ ڪشمير تڪرار جي دستاويزي تاريخ 1948ع کان موجود آهي. جنهن ۾ جمون ۽ ڪشمير جي حوالي سان سلامتي ڪائونسل جون قراردادون پڻ شامل آهن ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان بار بار عالمي سطح تي ڪشمير مسئلي کي اٿاريو آهي ۽ گڏيل قومن جي چارٽر ۽ لاڳاپيل قراردادن جي فريم ورڪ اندر ڳالهين تي زور ڀريو آهي. ترڪيه پاڪستان سان ويجها سفارتي ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپا برقرار رکندي ڪشميرين سان به بار بار يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي. مئي 2025ع جي ڀارت-پاڪستان تڪرار دوران ترڪيه جي صدر عوامي سطح تي پاڪستان سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو جڏهن ته گڏ ئي ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ سفارتڪاري جي حمايت ڪئي آهي. ان ڪري ڀارت ۾ مسلسل پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي ۽ پاڪستان لاءِ ترڪيه جي حمايت ۽ ڪشمير بابت ان جي بيانن تي ڀارتي ميڊيا تپي وٺي آهي ڀارت مسلمان ملڪن جي پليٽ فارمن تي ڪشميري عوام جي حالتن کي اجاگر ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهي ترڪيه مسلسل ڪشمير مسئلي کي عالمي سطح تي اٿاريو آهي ۽ ڳالهين تي زور ڀريو آهي ڀارتي ميڊيا جي ڪاوڙ ۽ ناراضگي جو مطلب آهي ته گڏيل قومن جي تاريخ کي ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان جي حيثيت ۽ حل جي حوالي سان جاري سفارتي ڪوششن کي روڪي سگهجي ٿو.

بقايا 35 روزاني عبرت

ڏکڻ اوڀر صوبي ڪوازولو-نتال ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ 11 ماڻهو مارجي ويا ۽ 3 زخمي ٿي پيا، جن ۾ هڪ عورت ڳوٺاڻي پڻ شامل آهي. پرڏيهي خبررساني ادارن مطابق فائرنگ جو واقعو گذريل رات اٽڪل 11 وڳي ڊربن جي ڏکڻ ۾ واقع ڪوائا ڪاٺي شپ ۾ ان وقت پيش آيو جڏهن نامعلوم هٿيار بند هڪ گهر ۾ داخل ٿيا ۽ اتي موجود ماڻهن تي فائرنگ ڪري ڇڏي.

بقايا 36 روزاني عبرت

سان پنهنجي حڪومت جي پراڻي ترقياتي ڀائيواري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي عزم جو ٻيهر اعادو ڪيو. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ هن ملاقات ۾ تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ بورڊ نجم احمد شاهه، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل پي ڊي ايس ايس اي آءِ پي رضوان سومرو ۽ اي ڊي بي جي نمائندن جن ۾ پرنسپال ڪنٽري اسپيشلسٽ شوڪت صفي ۽ پرنسپال پراجيڪٽ آفيسر خرم امتياز شامل هئا. شرڪت ڪئي. ڳالهين ۾ سنڌ جي ترقياتي ترجيحن اي ڊي بي جي سهڪار سان هلندڙ منصوبن مستقبل جي سيڙپڪاري جي موقعن ۽ تعليم ٽرانسپورٽ، صحت، ڊجيٽل تبديلي ۽ ڳوٺاڻي ترقي جي وڏن پروگرامن جي عملدرآمد جي تيارين تي ڌيان ڏنو ويو. اي ڊي بي پاران تعليم شعبي ۾ سنڌ جي اڳڀرائي جي ساراهه: محترمه ايما فين ۽ سندس وفد کي ڀليڪار چوندڙ وڏي وزير مراد علي شاهه سنڌ جي ترقياتي ايجنڊا ۾ اي ڊي بي جي مسلسل سهڪار کي ساراهيو ۽ سنڌ حڪومت ۽ ترقياتي ڀائيوار جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ ڪامياب تعاون کي نمايان ڪيو. وڏي وزير ڪراچي ۾ ايشيا پيسفڪ شيلٽر اينڊ سيٽلمينٽس فورم 2026 (APSSF) جي ڪامياب ميزباني کي به ياد ڪيو. محترمه ايما فين فورم جي ڪامياب تنظيم تي سنڌ حڪومت کي مبارڪباد ڏني ۽ صوبي جي پائيدار لچڪدار ترقي کي اڳتي وڌائڻ جي عزم جي ساراهه ڪئي. وڏي وزير ۽ اي ڊي بي جي ڪنٽري ڊائريڪٽر سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپروومينٽ پراجيڪٽ (SSEIP) جي تحت اڳڀرائي جو پڻ جائزو ورتو جيڪو صوبي جي تعليمي شعبن جي اهم ترين منصوبن مان هڪ آهي. نئين اسڪولن جي پهرين کيپ شاگردن لاءِ تيار: اي ڊي بي جي مالي مدد سان هلندڙ اصل ايس ايس اي آءِ پي تحت، 10 نوان اڏيل سيڪنڊري اسڪولن جون عمارتون مڪمل ڪيون ويون آهن ۽ مرحليوار چالو ڪرڻ واري پروگرام جي حصي طور انهن کي چالو ڪيو پيو وڃي. افتتاح لاءِ چونڊيل اسڪولن ۾ جي جي بي ايس ڳهارو-II، جي جي بي ايس پبلڪ اسڪول مڪلي ۽ جي جي بي ايس ملڪ موسيٰ جوکيو شامل آهن. هن منصوبي جو مقصد سنڌ جي 10 ضلعن ۾ 116 جديد سيڪنڊري اسڪول بلاڪ اڏڻ آهي جنهن سان معياري تعليم تائين پهچ ۾ وڏو واڌارو ايندو خاص ڪري ڇوڪرين ۽ پٺتي پيل برادرين لاءِ. وڏي وزير چيو ته پهرين اسڪولن جي تڪميل هڪ وڏو سنگ ميل آهي ۽ سڄي صوبي ۾ تعليمي موقعن کي بهتر بڻائڻ لاءِ حڪومت جي عزم کي ظاهر ڪري ٿي. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته تعليم اسان جي سڀ کان وڏي ترقياتي ترجيح آهي. ايس ايس اي آءِ پي تحت اسڪولن جي پهرين کيپ جي مڪمل ٿيڻ رڳو اڏاوت جو سنگ ميل ناهي هي سنڌ جي ٻارن جي مستقبل ۾ هڪ سيڙپڪاري آهي. اسان ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيون ته هر ٻار خاص ڪري ڳوٺاڻن ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ محفوظ، جديد ۽ معياري تعليمي سهولتن تائين پهچ رکي. هن وڌيڪ چيو ته اي ڊي بي سان اسان جي ڀائيواري سنڌ جي عوام لاءِ نمايان نتيجا ڏنا آهن. اسان هن رفتار کي برقرار رکڻ ۽ هن سال جي آخر تائين 200 کان وڌيڪ اسڪول ۽ 800 کان وڌيڪ اسڪول مڪمل ڪرڻ جو پڪو ارادو رکون ٿا. ايس ايس اي آءِ پي جي تحت اهم اڳڀرائي: عهديدارن ملاقات ۾ آگاهي ڏني ته پنجن اهم مضمونن ۾ 2,630 سيڪنڊري اسڪول استادن جي تربيت مڪمل ڪئي وئي آهي. استادن جي تربيتي دستورالعمل کي تيار منظور ۽ نوٽيفائي ڪيو ويو آهي. 100 اسڪولن کي ليبارٽري جو سامان فراهم ڪيو ويو آهي. سيپٽي سنٽر انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊن ۾ امتحاني اصلاحات ڪاميابيءَ سان لاڳو ڪيون ويون آهن. شفافيت ۽ ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ او ايم آر (OMR) تي ٻڌل امتحاني نظام متعارف ڪرايا ويا آهن. منصوبي جي عملي اڳڀرائي تقريبن 59 سيڪڙو آهي جڏهن ته ان تي عملدرآمد ڊسمبر 2027 تائين وڌايل نظرثاني ٿيل مڪمل ٿيڻ واري شيڊول موجب جاري آهي. اي ڊي بي پاڪستان ۽ وڏي وزير پراجيڪٽ ڊائريڪٽر کي عهدي جي مدت کي منصوبي جي مڪمل ٿيڻ تائين محفوظ رکڻ تي اتفاق ڪيو. ٻوڏ کان متاثر اسڪولن جي ٻيهر اڏاوت تيز ٿي وئي: ملاقات ۾ سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپروومينٽ پراجيڪٽ - ايڊيشنل فنانسنگ (SSEIP-AF) جي تحت اڳڀرائي جو پڻ جائزو ورتو ويو جيڪو ٻوڏ کان متاثر اسڪولن جي ٻيهر اڏاوت جو هڪ وڏو پروگرام آهي. هن پروگرام جو مقصد موسمياتي تبديلين جي مزاحمت ڪندڙ ۽ صنفي طور تي سازگار ڊيزائنز جي استعمال ڪندي پنجن ضلعن ۾ ٻوڏ مان متاثر ٿيل 722 اسڪولن کي ٻيهر تعمير ڪرڻ آهي. تعليم واري وزير سردار شاهه ملاقات ۾ ٻڌايو ته ڏن سول ورڪس جي خريداري ۽ اڏاوت جي ورڇ مڪمل ٿي چڪي آهي. سوين اسڪولن ۾ اڏاوتي سرگرميون جاري آهن عارضي تعليمي انتظام اڳ ئي قائم ڪيا ويا آهن ۽ عملي اڳڀرائي تقريبن 54 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. مرحليوار مڪمل ٿيڻ واري پروگرام تحت، آڪٽوبر 2026ع ۽ جون 2027ع جي وچ ۾ 495 ٻيهر اڏيل اسڪول حوالي ڪرڻ جو امڪان آهي. 125 موسمياتي تبديلين جي مزاحمت ڪندڙ سيڪنڊري اسڪولن لاءِ نئين مالي مدد جو منصوبو: وڏي وزير ۽ اي ڊي بي جي ٽيم تجويز ڪيل سيڪنڊ ايڊيشنل فنانسنگ (SAF) پروگرام جي تيارين جو پڻ جائزو ورتو. هن اقدام جو مقصد تقريبن 125 ملين ڊالر گڏ ڪرڻ آهي جنهن سان لڳ ڀڳ 125 موسمياتي مزاحمت ڪندڙ سيڪنڊري اسڪولن جو اڏاوت استادن جي پيشيوارانه ترقي ۽ صلاحيتن ۾ اڏاوتي وڌايل امتحاني اصلاحات ۽ ڊجيٽل اسيسمينٽ سسٽم ايس ٽي بي ايم (STBM)، آءِ سي ٽي (ICT) ۽ ڊجيٽل سکيا جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون. هن پروگرام ۾ هڪ تجويز ڪيل 10 ملين ڊالر جي آءِ ايف ايف اي ڊي (IFFEd) گرانٽ پڻ شامل آهي جنهن بابت عهديدارن چيو ته مالي ونڊو کي محفوظ ڪرڻ لاءِ وقت تي منظوري جي ضرورت آهي. مستقبل جي ترقياتي منصوبن جي پائيپ لائين تي خيالن جي ڏي وٺ: محترمه ايما فين وڏي وزير کي آگاهي ڏني ته اي ڊي بي جي ڪنٽري پروگرامنگ مشن 2026-2030 لاءِ مستقبل جي تعاون جي ترجيحن ۽ پراجيڪٽ پائيپ لائين تي خيالن جي ڏي وٺ لاءِ جلد سنڌ جي ڪابينا سان رابطي ۾ آهي.

بقايا 37 روزاني عبرت

گهوٽڪي واپاري راشد حسين شيخ ۽ سندس آفيس جي عملي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 40 لک رپيا روڪ رقم ۽ 3 موبائيل فونون ڦر ڪري مزاحمت تي واپاري راشد حسين شيخ کي تشدد جو نشانو بڻائي رتورت ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع تي پوليس پهچي واقعي بابت تفصيل وٺي سي سي ٽي وي فوٽيجز هٿ ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ان حوالي سان زخمي واپاري راشد حسين شيخ ٻڌايو ته مان سٽي انٽرپرائيزز جي نالي سان دوائن جي هول سيل جو ڪاروبار ڪندو آهيان.

بقايا 38 روزاني عبرت

گهر اندر بجلي جو جهٽڪو لڳڻ سبب 50 سالن جي عورت فوت ٿي وئي جيپا عملدارن موجب اهو واقعو عائشه مسجد ويجهو پيش آيو جتي بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ بعد عورت جي حالت انتهائي خراب ٿي وئي ۽ هوءِ فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ 50 سالن جي عاليه طور ڪئي وئي آهي. سندس لاش قانوني ضابطي جي ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي بريگيڊ ٿاڻي جي حد لائينز ايريا جٽ لائين ۾ 25 سالن جي عبدالمالڪ ولد خان محمد رسي سان ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو شروعاتي رپورٽ موجب فوت ٿيل شخص افغان شهري هو جيڪو ڪچرو گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪندو هو ۽ پنهنجي سوٽن سان گڏ هڪ گودام ۾ رهندو هو.

بقايا 39 روزاني عبرت

چوڪ وٽ تيز رفتاري سبب مرغي سان ڀريل مزدا گاڏي ڪلٽي ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا ٿڏي تي فوت ٿي ويا. فوتين جي سڃاڻپ انور جوکيو ۽ احمد جوکيو جي نالي سان ٿي آهي جن جو تعلق گلشن حديد ڪراچي سان ٻڌايو پيو وڃي.

بقايا 40 روزاني عبرت

ٽريفڪ جي رواني، ٽريفڪ قانون تي عملدرآمد، روڊن تي ٽريفڪ پوليس جي موجودگي، ٽريفڪ جام جي خاتمي ۽ شهرين کي درپيش مسئلن جي حل سميت مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ڊي آءِ جي ٽريفڪ سيد پير محمد شاهه ٽريفڪ مئنيجمينٽ، ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۽ شهرين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ کنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني صوبائي گهرو وزيرضياءُ الحسن لنجار هدايت ڪئي ته شهر ۾ ٽريفڪ مئنيجمينٽ جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو ۽ منظم بڻايو وڃي هن چيو ته شهر ۾ ٽريفڪ جام جي صورتحال بابت روزانو شڪايتون ملي رهيون آهن.

بقايا 41 روزاني عبرت

نائين سي ايس آر ليڊرشپ ڪانفرنس 2026ع ۾ شرڪت. ڪراچي جي هڪ خانگي هوٽل ۾ منعقد ٿيل ڪانفرنس ۾ محمد حنيف خان، چيئرمين انٽيليڪٽس ڪلب، ايڊمرل رٽائرڊ تنوير احمد، پيٽرن ان چيف، ذيشان هاشمي، سيڪريٽري جنرل، ميجر رٽائرڊ پرويز اعوان، صدر روٽري ڪلب ڪراچي بي سيد تحريم احمد، سيڪريٽري روٽري ڪلب ڪراچي سميت ڪاروباري برادري سان تعلق رکندڙ ٻين ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي ڪارپوريٽ سيڪٽر وٽ وسيلا ۽ معاشري جي اثرانداز ٿيڻ جي غيرمعمولي صلاحيت موجود آهي تنهن ڪري ان کي سماجي ذميوارين ۾ ساڳئي تناسب سان اهم آهن.

بقايا 42 روزاني عبرت

سڌي ريت سيڙپڪاري ۾ سال 2025ع ۾ سالياني بنيادن تي 11.1 سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي. پرڏيهي خبررساني اداري مطابق چين جي واپار واري وزارت ۽ پرڏيهي مٽاسٽا واري قومي کاتي گڏيل طور تي سال 2025ع ۾ چين جي پرڏيهي سڌي ريت سيڙپڪاري جو شمارياتي بليٽن جاري ڪيو آهي. جنهن مطابق سال 2025ع ۾ چين جي پرڏيهي سڌي ريت سيڙپڪاري ۾ هر سال 11.1 سيڪڙو جو اضافو ٿيو. چين جي پرڏيهي سڌي سيڙپڪاري جو ذخيرو 34 ٽرلين آمريڪي ڊالرن تائين پهچي ويو.

بقايا 43 روزاني عبرت

اسيمبلي ۾ ٿيو جنهن جي صدارت ڪميٽي جي چيئرمين ۽ پ پ پ جي ميمبر فياض ٻٽ ڪئي اجلاس ۾ حيسڪو ۽ سيپڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسرن ۽ ڪي اليڪٽرڪ جي سي اي او کي طلب ڪيو ويو هو جڏهن ته سي اي او حيسڪو ۽ سيپڪو ۽ ڪي اليڪٽرڪ جي ڊسٽريبيوشن هيڊ سميت ٻيا عملدار اجلاس ۾ شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي، وڏي وزير جي معاون خصوصي سليم بلوچ، پي پي آءِ جي شبير قريشي ۽ سجاد سومرو پ پ پ جي آصف موسيٰ گيلاڻي، غلام قادر چانڊيو آصف خان ۽ يوسف بلوچ، ايم ڪيو ايم جي صابر قائم خاني، نجم مرزا ۽ سعديه جاويد سميت ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي.

بقايا 44 روزاني عبرت

ڦي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت سميت 2 ڄڻا مسمات نسرين زال غلام نبي لنڊ ۽ زين محمد شورو زخمي ٿي پيا جن کي فوري طور علاج لاءِ نجي اسپتال نيو ويو جتي سندن حالت بهتر ٻڌائي وڃي پئي.

بقايا 45 روزاني عبرت

تعليم واري وزارت جي لاڳاپيل اختيارين جي رياستي ڪائونسل جي اهتمام هيٺ منعقد ٿيل پريس ڪانفرنس دوران ٻڌايو ويو ته چين دنيا جو سڀ کان اعليٰ معيار جو تعليمي نظام قائم ڪيو آهي، جنهن جي تعليم تائين رسائي ۽ برابر درجه بندي دنيا جي بهترين ملڪن ۾ ٿيندي آهي لاڳاپيل اختيارين ٻڌايو ته چين جي بنيادي تعليم اعليٰ آمدني وارن ملڪن جي سراسري واري سطح تائين پهچي چڪي آهي.

بقايا 46 روزاني عبرت

محبوب ڪلهوڙو ٿاڻي جي حد ۾ زمين جي مالڪي تان سهتا برادري ۾ جهڳڙو ۽ 5 عورتن سميت 21 ڄڻا زخمي ڪٻت لڳ محبوب ڪلهوڙو ٿاڻي جي حد ڳوٺ سالهي سهتو ۾ سهتا برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهڳڙو ٿي پيو جهڳڙي ۾ ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي مٿان ڪهاڙين ڏنڊن سوٽن جو آزادانه استعمال ڪيو ويو.

بقايا 47 روزاني عبرت

ريحان، شعيب ۽ امجد سخت زخمي ٿي پيا جن کي تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم آڻڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ ايل ايم يو حيدرآباد نيو ويو جيو ويجهي ته مٿي ڄاڻايل زخمي پنهنجي گهر جي ڇت تي ڪم ڪري رهيا هئا ته اوچتو ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ اهو واقعو پيش آيو گهر جي ڇت ڪاڏر ۽ ڪيڙن تي مشتمل هئي.

بقايا 48 روزاني عبرت

۾ اربع ڏينهن ڪچي تيل جي اگهه ۾ گهٽتائي جو لاڙو رهيو جڏهن ته سون ۽ چانديءَ جي اگهه ۾ پڻ لاٿ آئي ميڊيا رپورٽن موجب ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ تحت ڪچي تيل جا مستقبل جا سودا 1.30 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 98.22 ڊالر ۽ برينٽ ڪچي تيل جا مستقبل جا سودا 0.79 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 98.46 ڊالرز في بيرل ۾ طئه ٿيا اسپاٽ گولڊ جي اگهه ۾ 30.06 ڊالر جي گهٽتائي آئي ۽ سون جو اگهه 4330.66 ڊالرز في اونس ۽ چانديءَ جو اگهه 0.21 ڊالر جي اضافي کان پوءِ 66.74 ڊالر في اونس ۾ طئه ٿيا. مڪئي جو اگهه 5.25 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 531.50 ڊالرز جڏهن ته ڪڻڪ جو اگهه 8.50 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 708.75 ڊالرز في بشل ٿي ويو اهڙي ريت ڪپهه جي اگهه ۾ 0.09 سيڪڙو جڏهن ته چوپائي مال جي اگهه ۾ 2.55 ڊالرز جو اضافو ٿيو.

بقايا 49 روزاني عبرت

اهل اميدوارن لاءِ سالياني امتحان 2025ع جا آن لائن امتحاني فارم ۽ فيس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ 5 آڪٽوبر تائين واڌ جو اعلان ڪيو ويو آهي سالياني امتحان واري ڪنٽرولر سيد احسان الله راشدي پنهنجي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو آهي ته اميدوار 3000 رپين جي ليٽ فيس سان گڏ 5 آڪٽوبر 2026ع تائين پنهنجا فارم آن لائين جمع ڪرائي سگهن ٿا نوٽيفڪيشن ۾ اي ڊي آرٽس (ريگيولر ۽ ايڪسٽرنل)، اي ڊي ڪامرس، اي ڊي سائنس، اي ڊي سائنس (هوم اڪنامڪس) ريگيولر پارٽ ٻيو.

بقايا 50 روزاني عبرت

معمولي اضافو رڪارڊ ٿيو آهي قومي شمارياتي اداري مطابق 17 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي دوران ملڪ جي اترئين علائقن ۾ شهرن ۾ سيمينٽ جي في بوري جي قيمت 1553 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي جيڪا گذريل هفتي جي 1547 رپين جي ڀيٽ ۾ 0.42 سيڪڙو وڌيڪ آهي ڄاڻايل هفتي ملڪ جي ڏاکڻين علائقن ۾ شهرن ۾ سيمينٽ جي في بوري جي ريٽيل قيمت 1547 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا 51 روزاني عبرت

پاڪستان ڪوسٽ گارڊز جوائنٽ ميري ٽائيم انفارميشن ڪوآرڊينيشن سينٽر جي سهڪار سان بلوچستان جي علائقي پشڪان ۾ انٽيليجنس بيسڊ "منشيات جي اسمگلنگ جي روڪ ٿام لاءِ" آپريشن ڪندي پابندي پيل شين جي اسمگلنگ ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي آهي پاڪ فوج جي سڏساءِ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب تصديق ٿيل اطلاع تي ڪيل ان گڏيل ڪارروائي دوران وڏي مقدار ۾ پرڏيهي شراب ۽ غير قانوني دوائون ضبط ڪيون ويون.

بقايا 52 روزاني عبرت

واپاري چندر ٻجاج کان مبينا طور 3 لک رپيا روڪ رقم ڦري فرار ٿي ويا. واقعو شام تقريبن 6 وڳي پيش آيو جڏهن چندر ٻجاج پنهنجي ڪاروباري ڪم ساز شاهي بازار ۾ موجود هو ان دوران ٻن اسڪوٽرن تي سوار هٿياربندن مبينا طور ڪيس روڪي هٿيارن جي زور تي روڪ رقم حوالي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو واپاري طرفان ٻڌايل رقم موجب جوابدار تقريبن 3 لک رپيا کڻي فرار ٿي ويا. وارادت ڪانپوءِ شاهي بازار ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو.

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY (PAA)
PAA
Pakistan Airports Authority
پاکستان ایئر پورٹس اتھارٹی

دعوتِ برائے بولی

PPRA رول نمبر 36(b) کے مطابق، درج ذیل ضروریات کے لیے مذکورہ دفتر کی جانب سے پاکستانی روپے میں بولیاں ان بولی دہندگان سے طلب کی جاتی ہیں جو انکم ٹیکس اور سیلز ٹیکس محکموں کے ساتھ رجسٹرڈ ہوں، درست NTN اور GST کے حامل ہوں اور FBR کی ایکٹو ٹیکس پیئر لسٹ (Active Taxpayer List) میں شامل ہوں:-

نمبر شمار	تفصیل وبڈ نمبر	مقررہ بڈ سیکیورٹی (روپے)	بڈ جمع کرانے کی تاریخ ووقت	بڈکھولنے کی تاریخ، وقت ومقام	بنیاد (قیمت)
01	BKIAP میں AFMCC، ECR اور فائر اسٹیشن کے درمیان نیٹ ورک قائم کرنے کے لیے آپٹیکل فائبر اور ٹیلی کمیونیکیشن کیبل کی خریداری اور تنصیب LC(N)/2011/06/RNSN/176	104,035/-	13-10-2026 صبح 11:00 بجے (منگل)	13-10-2026 صبح 11:30 بجے (منگل) لاجسٹکس سینٹر (نارتھ)	F.O.R BKIAP

لاجسٹکس سینٹر (نارتھ) (پاکستان ایئر پورٹس اتھارٹی (PAA)) اہل بولی دہندگان سے EPADS V2.0 پر بولی کی دستاویزات میں بیان کردہ اشیاء کی خریداری کے لیے ای-بولیاں طلب کرتا ہے۔

مذکورہ خریداری کے لیے سنگل اسٹیج-ٹوانیولپ (Single Stage-Two Envelope) طریقہ اختیار کیا جائے گا اور Least Cost Based Selection (LCBS) تکنیک اپنائی جائے گی، جو پبلک پروکیورمنٹ رولز، 2004 اور اتھارٹی کی جانب سے وقتاً فوقتاً جاری کردہ کسی بھی ضابطے، ریگولیٹری گائیڈز، پروکیورمنٹ گائیڈ لائنز یا ہدایات کے مطابق ہے۔

تمام بولیوں کے ساتھ بولی کی سیکیورٹی، بولی کی دستاویزات کے Bid Security Section میں بیان کردہ رقم کے مطابق، پے آرڈر (Pay Order) کی صورت میں "پاکستان ایئر پورٹس اتھارٹی" کے حق میں منسلک ہونا ضروری ہے۔ بولی کی سیکیورٹی کی اصل دستاویز بولیاں کھولنے کی تاریخ سے قبل اس دفتر میں پہنچ جانی چاہیے۔

ای-بولی کی دستاویزات، جن میں تفصیلی شرائط و ضوابط، تفصیلات، ضروریات وغیرہ شامل ہیں، e-Pak Acquisition and Disposal System (EPADS) پر دستیاب ہیں: https://vendors.epads.gov.pk/

بولی دہندگان کے لیے ضروری ہے کہ وہ منگل، 13 اکتوبر 2026 صبح 11:00 بجے یا اس سے قبل EPADS v2.0 پر اپنی رجسٹریشن مکمل کر لیں۔ ای-بولیاں اسی دن یعنی منگل، 13 اکتوبر 2026 صبح 11:30 بجے EPADS V2.0 کے ذریعے کھولی جائیں گی۔ وہ وینڈر حضرات جنہوں نے ابھی تک EPADS v2.0 کے نئے ورژن پر رجسٹریشن نہیں کروائی، وہ درج لنک پر رجسٹریشن کر سکتے ہیں: https://vendors.epads.gov.pk/

رجسٹریشن کے طریقہ کار کی وضاحت کے لیے ایک ٹیوٹوریل درج لنک پر دستیاب ہے: https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc

پبلک پروکیورمنٹ رولز، 2004 کے رول 48 کے تحت مذکورہ خریداری کے لیے شکایات کے ازالے کی کمیٹی (Grievance Redressal Committee - GRC) مطلع کر دی گئی ہے، اور اس کا نوٹیفکیشن procuring agency کی ویب سائٹ اور اتھارٹی کی ویب سائٹ پر دستیاب ہے: www.ppra.org.pk

انتباہ: بولی دہندہ کی جانب سے جمع کرایا گیا کوئی بھی مالیاتی آلہ (Financial Instrument) اگر کسی بھی مرحلے پر جعلی پایا گیا یا اس کی ادائیگی مسترد / نامنظور ہوئی تو قانون کے مطابق بلیک لسٹنگ اور قانونی کارروائی عمل میں لائی جائے گی۔

انچارج افسر، لاجسٹکس سینٹر (نارتھ)
پاکستان ایئر پورٹس اتھارٹی، لنتر روڈ، راولپنڈی
ٹیلیفون: 051-4474195 | فیکس: 051-4474195
www.paa.gov.pk
PID (K) 1004/26

پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن پاران ڊي جي صحت جي عهدي تي بيوروڪريٽ جي مقرري رد

سنڌ حڪومت ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سنڌ جي عهدي تي هڪ بيوروڪريٽ جي مقرري ڪئي وئي آهي: اسلم چوهاڻ

ڊي جي صحت جي عهدي تي هڪ غير پيشيور ۽ غير ٽيڪنيڪل بيوروڪريٽ جي مقرري صحت کاتي جي ڪارڪردگيءَ کي متاثر ڪندي

هڪ غير پيشاور بيوروڪريٽ جنهن کي انساني صحت جي ڪنهن قسم جي ڄاڻ ئي ناهي ته هو ڪهڙي نموني صحت کاتي کي هلائيندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن سنڌ حڪومت پاران ڊي جي صحت جي عهدي تي بيوروڪريٽ جي مقرري رد ڪندي فيصلو واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن حيدرآباد ڊويزن جي صدر ڊاڪٽر محمد اسلم چوهاڻ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڊاڪٽر خدا بخش ٽالپر، ڊاڪٽر ضمير حسين ٿهيم، ڊاڪٽر فخر، ڊاڪٽر رفيق کوکر، ڊاڪٽر اشفاق قريشي، ڊاڪٽر آغا تاج ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سنڌ جي عهدي تي هڪ بيوروڪريٽ جي مقرري ڪئي وئي آهي جنهن کي پي ايم اي رد ڪري ٿي. هن چيو ته ڊي جي صحت جي عهدي تي هڪ غير پيشيور ۽ غير ٽيڪنيڪل بيوروڪريٽ جي مقرري صحت کاتي جي ڪارڪردگيءَ کي متاثر ڪندي.

ٽنڊوڄام ۾ دريا خان جسڪاڻي جي مان ۾ الوداعي تقريب

دريا خان جسڪاڻي پنهنجي ملازمت دوران ايمانداري ۽ ذميواري سان فرض نڀايو: راؤ ظفر

دريا خان جسڪاڻي جهڙا مخلص ۽ ايماندار ملازم ڪنهن به اداري جو قيمتي اثاثو هوندا آهن

ٽنڊوڄام (ت.ر) سنڌ ايگريڪلچر ريسرچ، ٽنڊوڄام جي رٽائر ٿيندڙ ملازم دريا خان جسڪاڻي جي مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اڪائونٽس آفيسر راؤ ظفر سعيد راجپوت، آل سنڌ ايگريڪلچر ريسرچ ريجنل ايمپلائيز يونين جي صدر علي روشن چنا، مزمل انصاري، سعيد خان چنا، لونگ خان سميت آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ دريا خان جسڪاڻي کي گلن جا هار، سنڌي اجرڪ ۽ گل دستا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي راؤ ظفر سعيد راجپوت ۽ علي روشن چنا چيو ته دريا خان جسڪاڻي پنهنجي ملازمت دوران محنت، ايمانداري ۽ ذميواري سان فرض نڀايو، سندس خدمتون ۽ خوش اخلاقي هميشه ياد رکيون وينديون. هنن چيو ته دريا خان جسڪاڻي جهڙا مخلص ۽ ايماندار ملازم ڪنهن به اداري جو قيمتي اثاثو هوندا آهن. تقريب جي پڇاڙي تي شرڪت ڪندڙن سندس خدمتن کي ساراهيندي کيس خراج تحسين پيش ڪيو.

ڏگهڙي تعلقه اسپتال جي مرمتي ڪم ۾ مبينا ناقص ميٽريل جي استعمال جون شڪايتون

مبينا طور ناقص ميٽريل استعمال ڪرڻ ۽ ڪروڙين رپين جي بجيٽ ۾ بي ضابطگين جا خدشا ظاهر

اسپتال جي ڇت جي مختلف حصن ۾ ڪرش جا پٿر ۽ ڏار نمايان نظر اچڻ لڳا، ورانڊي جي پراڻي ڇت مٿان مبينا طور پلاسٽڪ وڇائي وئي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي تعلقه اسپتال جي مرمتي ڪم ۾ مبينا ناقص ميٽريل جي استعمال جون شڪايتون، ڪروڙين رپين جي بجيٽ تي سوال اٿڻ لڳا. ڏگهڙي جي تعلقه اسپتال ۾ جاري مرمتي ڪم جي معيار بابت سوال اٿڻ لڳا آهن جتي مبينا طور ناقص ميٽريل استعمال ڪرڻ ۽ ڪروڙين رپين جي بجيٽ ۾ بي ضابطگين جا خدشا ظاهر ڪيا پيا وڃن. ذريعن موجب مرمتي ڪم ڪندڙ ٺيڪيدار جو نالو ۽ منصوبي بابت تفصيل پڻ اسپتال انتظاميا جي ڪجهه ذميوار عملدارن کي معلوم نه آهن، جنهن سبب معاملو وڌيڪ ڳڻتي جوڳو بڻجي ريو آهي. موقعي تي موجود صورتحال موجب اسپتال جي ڇت جي مختلف حصن ۾ ڪرش جا پٿر ۽ ڏار نمايان نظر اچي رهيا آهن، جڏهن ته هڪ ورانڊي جي پراڻي ڇت مٿان مبينا طور پلاسٽڪ وڇائي ان جي مٿان نئين ڇت جي ٿهه وڌي وئي آهي، جڏهن ته پلاسٽڪ کي لڪائڻ لاءِ پاسن کان پلستر ڪرڻ جي پڻ شڪايت سامهون آئي آهي. ساڳئي طرح اسپتال جي ٻين ٿاڻ پراڻو پلستر لاهي نئون پلستر ڪيو ويو آهي، پر موقعي تي ڪجهه حصن ۾ پلستر جي معيار بابت پڻ سوال اٿاريا پيا وڃن ۽ ڪجهه هنڌن تي معمولي هٿ لڳائڻ سان پلستر لهي وڃڻ جي ڳالهه ڪئي

ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ

(ڊسٽرڪٽ ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ)

نمبر: MCK/K.KOT/558/2026
ڪنڌڪوٽ، تاريخ: 23.09.2026

ميونسپل دڪانن/ملڪيتن جي کليل نيلاميءَ جو اعلان

عوام کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ، سنڌ جي معزز هاءِ ڪورٽ، سرڪٽ ڪورٽ لاڙڪاڻو پاران C.P. No. D-17 of 2026 ۾ جاري ڪيل تاريخ 22.07.2026 جي حڪم جي تعميل ۾، هيٺ بيان ڪيل دڪان، مٿيون منزلون، گودام، ڪيبن، پليٽ فارم، کليون جايون ۽ ٻيون ملڪيتون کليل عوامي نيلام ذريعي ڪرائي تي ڏيندي. ملڪيتون سيريل نمبرن موجب ٽن سيٽن ۾ ورهايل آهن، ۽ هر سيٽ لاءِ درخواست ڏيڻ جي تاريخ ۽ پهرين، ٻي ۽ ٽين ڪولڻ جون تاريخون ان سيٽ جي هيٺان شيڊ ٿيل قطار ۾ ڏنل آهن. جيڪڏهن ڪنهن ملڪيت جو نيلام پهرين ڪولڻ واري تاريخ تي واڌ ڏيندڙ نه هجڻ سبب يا ڪنهن ٻئي جائز سبب ڪري مڪمل نه ٿي سگهي، ته اهو ڪنهن به وڌيڪ اطلاع کان سواءِ ٻي ڪولڻ واري تاريخ تائين، ۽ ضرورت پوڻ تي ٽين ڪولڻ واري تاريخ تائين ملتوي ٿيل سمجهيو ويندو

نمبر شمار	ملڪيت جو بيان	سيڪيورٽي ڊپازٽ (هر دڪان/ننڍي دڪان/ڪيبن/کليل جاءِ/ملڪيت لاءِ الڳ الڳ)	ماهوار مارڪيٽ ڪرايو (هر دڪان/ننڍي دڪان/ڪيبن/کليل جاءِ/ملڪيت لاءِ الڳ الڳ)
.01	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 01 کان 12** پراڻي پوليس لائين مارڪيٽ، گهنٽا گهر جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 700,000/-	روپيا 25,000/-
.02	ملڪيت جو قسم: ننڍو دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 13** پراڻي پوليس لائين مارڪيٽ، گهنٽا گهر جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 100,000/-	روپيا 3,000/-
.03	ملڪيت جو قسم: مٿيون منزلون (پهريون منزل) **ايم سي_نمبر 14 کان 23** پراڻي پوليس لائين مارڪيٽ، گهنٽا گهر جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 10,000/-
.04	ملڪيت جو قسم: مٿيون منزلون (ٻيو منزل) **ايم سي_نمبر 24 کان 26** پراڻي پوليس لائين مارڪيٽ، گهنٽا گهر جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 250,000/-	روپيا 5,000/-
.05	ملڪيت جو قسم: ننڍا دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 27 کان 47** پراڻي پوليس لائين مارڪيٽ، گهنٽا گهر جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 15,000/-
.06	ملڪيت جو قسم: مٿيون منزل **ايم سي_نمبر 48** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 10,000/-
.07	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 49 کان 52** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 10,000/-
.08	ملڪيت جو قسم: ڪاٺ جو ڪيبن **ايم سي_نمبر 53** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 50,000/-	روپيا 3,000/-
.09	ملڪيت جو قسم: مٿيون منزل **ايم سي_نمبر 54** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 700,000/-	روپيا 10,000/-
.10	ملڪيت جو قسم: گودام /اسٽور هائوس **ايم سي_نمبر 55** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 3,000,000/-	روپيا 70,000/-
.11	ملڪيت جو قسم: کليل پلاٽ جو ننڍو ٽڪرو **ايم سي_نمبر 56** پراڻو ٽنگوائي روڊ، ڪنڌڪوٽ	روپيا 300,000/-	روپيا 10,000/-
.12	ملڪيت جو قسم: ننڍا دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 57 کان 70** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 10,000/-
.13	ملڪيت جو قسم: (جاءِ/سائيٽ) **ايم سي_نمبر 71** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 15,000/-
14	ملڪيت جو قسم: ڪيبن **ايم سي_نمبر 72 کان 73** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 200,000/-	روپيا 8,000/-
.15	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 74 کان 77** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 700,000/-	روپيا 20,000/-
.16	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 78 کان 82** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 700,000/-	روپيا 25,000/-
.17	ملڪيت جو قسم: گودام /اسٽور هائوس/(ڊپازٽري) **ايم سي_نمبر 83 کان 86** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 10,000/-
.18	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 87 کان 94** ٽيڪسي اسٽينڊ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 15,000/-
	1. شيڊيول Sr.No.01 کان 18 لاءِ: **2. درخواست ڏيڻ جي تاريخ: 28.09.2026 کان 13.10.2026 تائين. (آفيس جي اوقات دوران)** **3. پهرين ڪولڻ: 14.10.2026، منجهند 12:00 وڳي** **4. ٻيو ڪولڻ: 20.10.2026، منجهند 12:00 وڳي** **5. ٽيون ڪولڻ: 26.10.2026، منجهند 12:00 وڳي**		
.19	ملڪيت جو قسم: مٿيون منزلون **ايم سي_نمبر 95 ۽ 95_A** محمد اڪرم خان شاپنگ سينٽر، رسالدار روڊ، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 7,000/-
.20	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 96 کان 117** محمد اڪرم خان شاپنگ سينٽر، رسالدار روڊ، ڪنڌڪوٽ	روپيا 700,000/-	روپيا 10,000/-
.21	ملڪيت جو قسم: ڪيبن **ايم سي_نمبر 118** گهنٽا گهر جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 10,000/-
.22	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 119** ڊگري ڪاليج، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 7,000/-
.23	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 120** لائبريري ڪارنر، ڪنڌڪوٽ	روپيا 1,200,000/-	روپيا 25,000/-
.24	ملڪيت جو قسم: ننڍا دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 121 کان 129** لائبريري چوڪ جي سامهون، ڪنڌڪوٽ	روپيا 700,000/-	روپيا 20,000/-
.25	ملڪيت جو قسم: مٿيون منزلون **ايم سي نمبر 131,133,136,137,139,141,143,145** سبزي مارڪيٽ، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 10,000/-
.26	ملڪيت جو قسم: دڪان (ٻاهريان) **ايم سي_دڪان نمبر** **130,132,134,135,138,140,142,144,146,147,148** سبزي مارڪيٽ، ڪنڌڪوٽ	روپيا 15,00,000/-	روپيا 20,000/-
.27	ملڪيت جو قسم: گودام /اسٽور هائوس (اندريون) **ايم سي_نمبر 149 کان 168** لائبريري چوڪ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 10,000/-
.28	ملڪيت جو قسم: پليٽ فارم /اسٽال **ايم سي_نمبر 169 کان 191** لائبريري چوڪ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 100,000/-	روپيا 3,000/-
.29	ملڪيت جو قسم: ننڍا دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 192 کان 222** 15 پوليس پڪيٽ کان گرلز اسڪول تائين، ڪنڌڪوٽ	روپيا 350,000/-	روپيا 10,000/-
.30	ملڪيت جو قسم: ننڍين مٿين منزلن ۽ ننڍي هڪ ڪمري سان گڏ دڪان **ايم سي_نمبر 223 کان 238** نئين ڪپڙا مارڪيٽ (مهربان بازار)، ڪنڌڪوٽ	روپيا 1,000,000/-	روپيا 20,000/-
.31	ملڪيت جو قسم: ڪيبن **ايم سي_نمبر 239 کان 245** نئين ڪپڙا مارڪيٽ (مهربان بازار)، ڪنڌڪوٽ	روپيا 150,000/-	روپيا 10,000/-
.32	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 246** مهراڻ اسڪول جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 200,000/-	روپيا 15,000/-
.33	ملڪيت جو قسم: ڪيبن **ايم سي_نمبر 247 ۽ 248** مهراڻ اسڪول جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 150,000/-	روپيا 10,000/-
.34	ملڪيت جو قسم: ننڍا دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 249 کان 255** اوان بازار جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 200,000/-	روپيا 8,000/-
.35	ملڪيت جو قسم: ننڍا دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 256 کان 272** پنچائت هال جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 350,000/-	روپيا 12,000/-
.36	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 273 کان 275** ماءُ ٻار صحت مرڪز جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 7,00,000/-	روپيا 15,000/-
	1. شيڊيول Sr.No.19 کان 36 لاءِ: **2. درخواست ڏيڻ جي تاريخ: 28.09.2026 کان 13.10.2026 تائين. (آفيس جي اوقات دوران)** **3. پهرين ڪولڻ: 15.10.2026، منجهند 12:00 وڳي** **4. ٻيو ڪولڻ: 21.10.2026، منجهند 12:00 وڳي** **5. ٽيون ڪولڻ: 28.10.2026، منجهند 12:00 وڳي**		
.37	ملڪيت جو قسم: ڪاٺ جو ڪيبن **ايم سي_نمبر 276** پريس ڪلب جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 50,000/-	روپيا 2,000/-
.38	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 277 کان 285** شڪارپور روڊ، ڪنڌڪوٽ	روپيا 7,00,000/-	روپيا 15,000/-
.39	ملڪيت جو قسم: ڪيبن **ايم سي_نمبر 286 کان 288** صرافه بازار، ڪنڌڪوٽ	روپيا 300,000/-	روپيا 11,000/-
.40	ملڪيت جو قسم: ڪيبن **ايم سي_نمبر 289** ويٽرنري اسپتال، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 12,000/-
.41	ملڪيت جو قسم: دڪان ۽ مٿيون منزلون **ايم سي_نمبر 290 ۽ 290_A** ساقي موڙ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 1,000,000/-	روپيا 20,000/-
.42	ملڪيت جو قسم: هوٽل **ايم سي_نمبر 291** نئين سبزي واڪ منڊي، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 15,000/-
.43	ملڪيت جو قسم: کليون جايون (12x15 چورس فٽ) **ايم سي_نمبر 292 کان 317** نئين سبزي واڪ منڊي، ڪنڌڪوٽ	روپيا 100,000/-	روپيا 2,500/-
.44	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 318 کان 329** نئين سبزي واڪ منڊي، ڪنڌڪوٽ	روپيا 600,000/-	روپيا 8,000/-
.45	ملڪيت جو قسم: کليون جايون (12x15 چورس فٽ) **ايم سي_نمبر 330 کان 364** نئين سبزي واڪ منڊي، ڪنڌڪوٽ	روپيا 50,000/-	روپيا 2,000/-
.46	ملڪيت جو قسم: ننڍا دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 364_A کان 368** پراڻو ٽنگوائي روڊ، ڪنڌڪوٽ	روپيا 150,000/-	روپيا 7,000/-
.47	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 369 کان 377** نئون بس ٽرمينل بائيپاس، ڪنڌڪوٽ	روپيا 300,000/-	روپيا 5,000/-
.48	ملڪيت جو قسم: ڪاٺ جا ڪيبن **ايم سي_نمبر 378 کان 384، ۽ 381_A** مهربان بازار، ڪنڌڪوٽ	روپيا 100,000/-	روپيا 8,000/-
.49	ملڪيت جو قسم: ننڍين مٿين منزلن سان گڏ دڪان **ايم سي_نمبر 385 کان 388** ڊاڪٽر مهرچند ڪلينڪ جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 10,000/-
.50	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_دڪان نمبر 389 کان 399** ميني اسپورٽس اسٽيڊيم، ڪنڌڪوٽ	روپيا 500,000/-	روپيا 8,000/-
.51	ملڪيت جو قسم: ٽيڪسي اسٽينڊ جي دڪان جي ڇت **ايم سي_نمبر 400** ٽيڪسي اسٽينڊ، ڪنڌڪوٽ	روپيا 300,000/-	روپيا 5,000/-
.52	ملڪيت جو قسم: ڪاٺ جا ڪيبن **ايم سي_نمبر 401 ۽ 402** پرشالا مندر جي ويجهو، ڪنڌڪوٽ	روپيا 100,000/-	روپيا 5,000/-
.53	ملڪيت جو قسم: ڪاٺ جو ڪيبن **ايم سي_نمبر 403** مهربان بازار، ڪنڌڪوٽ	روپيا 100,000/-	روپيا 8,000/-
.54	ملڪيت جو قسم: دڪان **ايم سي_نمبر 404** پريس ڪلب، ڪنڌڪوٽ جي پرسان	روپيا 300,000/-	روپيا 5,000/-
	1. شيڊيول Sr.No.37 کان 54 لاءِ: **2. درخواست ڏيڻ جي تاريخ: 28.09.2026 کان 13.10.2026 تائين. (آفيس جي اوقات دوران)** **3. پهرين ڪولڻ: 16.10.2026، منجهند 12:00 وڳي** **4. ٻيو ڪولڻ: 22.10.2026، منجهند 12:00 وڳي** **5. ٽيون ڪولڻ: 28.10.2026، منجهند 12:00 وڳي**		

شرط ۽ ضابطا

1. ملڪيتون سختيءَ سان کليل عوامي نيلام ذريعي، منصفانه ۽ شفاف نموني ڪرائي تي ڏنيون وينديون.
2. دلچسپي رکندڙ ماڻهو آفيس جي اوقات دوران چيف ميونسپل آفيسر جي آفيس، ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ مان درخواست فارم حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ ملڪيتن جو معائنو ڪري سگهن ٿا.
3. پاڪستان جو ڪو به شهري جنهن وٽ صحيح CNIC هجي، حصو وٺي سگهي ٿو. سرڪاري ملازم، وڪيل ۽ صحافي حصو وٺڻ جا اهل نه آهن.
4. ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ جا ڏفالٽر ۽ اهي ماڻهو/ڪمپنيون جن کي سنڌ جي ڪنهن به ڪائونسل بليڪ لسٽ ڪيو هجي، انهن کي حصو وٺڻ جي اجازت نه هوندي. اهي ماڻهو جن کي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي eCIB (اليڪٽرانڪ ڪريڊٽ انفارميشن بيورو) رپورٽ ۾ ڏفالٽر قرار ڏنو ويو هجي، يا ڪنهن به بئنڪ، مالياتي اداري يا سرڪاري/مقامي حڪومت جي کاتي جا ڏفالٽر، حصو وٺڻ جا اهل نه هوندا، سواءِ ان جي ته اهي پنهنجي درخواست جمع ڪرائڻ کان اڳ اهڙو ڏفالٽ ختم ڪري ڇڏين.
5. هر درخواست ڏيندڙ کي گهرجي ته مڪمل ڀريل درخواست فارم سان گڏ CNIC جي ڪاپي، رابطي جا تفصيل، ۽ ملڪيت جي مقابلي ۾ مقرر ڪيل سيڪيورٽي ڊپازٽ، بئنڪ ڊرافٽ/pay order ذريعي، ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ جي حق ۾، آفيس جي اوقات دوران چيف ميونسپل آفيسر جي آفيس ۾ جمع ڪرائي. سيڪيورٽي ڊپازٽ کان سواءِ درخواستن تي غور نه ڪيو ويندو
6. هر سيٽ جو کليل نيلام ان سيٽ لاءِ ڏنل ڪولڻ جي تاريخن تي، درخواست ڏيندڙن جي موجودگيءَ ۾، ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ جي آفيس ۾ ڪيو ويندو. رڳو اهي درخواست ڏيندڙ بولي ڏيڻ جا مجاز هوندا جن پنهنجيون درخواستون شرط نمبر 5 موجب جمع ڪرايون هونديون.
7. درخواست ڏيندڙ جي درخواست ۽ سيڪيورٽي ڊپازٽ هر ايندڙ ڪولڻ واري تاريخ تي تيستائين صحيح رهندي جيستائين لاڳاپيل ملڪيت جو نيلام مڪمل نه ٿئي.
8. ملڪيت جو نيلام جنهن تاريخ تي مڪمل ٿئي، ان تاريخ تي ملندڙ سڀ کان وڏي بولي عام طور قبول ڪئي ويندي. جيڪڏهن سڀ کان وڏي بولي قبول نه ڪئي وڃي ته حڪومت جي اڳواٽ لکت ۾ منظوري حاصل ڪئي ويندي ۽ ان کي قبول نه ڪرڻ جا سبب رڪارڊ ڪيا ويندا.
9. ناڪام بوليدارن جو سيڪيورٽي ڊپازٽ لاڳاپيل ملڪيت جو نيلام مڪمل ٿيڻ کان فوري پوءِ واپس ڪيو ويندو
10. ڪامياب بوليدار چيف ميونسپل آفيسر پاران مقرر ڪيل مدي اندر بقايا رقم جمع ڪرائيندو ۽ ليز ايگريمينٽ تي عمل ڪندو. ائين نه ڪرڻ جي صورت ۾ سيڪيورٽي ڊپازٽ ضبط ڪيو ويندو ۽ ملڪيت جو ٻيهر نيلام ڪيو ويندو
11. هر ملڪيت "جيئن آهي جتي آهي" جي بنياد تي ڪرائي تي ڏني ويندي. بوليدارن کي صلاح ڏجي ٿي ته درخواست ڏيڻ کان اڳ ملڪيت جو معائنو ڪن.
12. ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ کي حق حاصل آهي ته ڪنهن به ملڪيت يا ڪولڻ جي تاريخ لاءِ، نيلام کي مڪمل يا جزوي طور، بنا ڪو سبب ٻڌائڻ جي، روڪي، ملتوي يا منسوخ ڪري.
13. بوليدارن وٽ FBR/SRB وٽ انڪم ٽيڪس ۽ GST/SST (جيڪو به لاڳو ٿئي) لاءِ ايڪٽو ٽيڪس پيئر هجڻ جو ثبوت ۽ گذريل ٽن (03) سالن جا بئنڪ اسٽيٽمينٽ هجڻ گهرجن.
14. جيڪڏهن ڪو شرڪت ڪندڙ اهل نه ٿئي، يا شرط نمبر 13 تحت گهربل لاڳاپيل دستاويز مهيا ڪرڻ کان قاصر هجي، ته ڪميٽي کي حق حاصل آهي ته پنهنجي صوابديد تي نرمي/رعايت ڏئي.
15. جيڪڏهن ڪنهن به ڪولڻ واري تاريخ تي حڪومت پاران موڪل جو اعلان ٿئي ته ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ کي حق حاصل آهي ته نيلام کي ڪنهن ٻي تاريخ تي ملتوي ڪري.
16. ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ ۽ چيئرمين، نيلام ڪميٽي کي حق حاصل آهي ته ڪا به يا سڀ بوليون بنا ڪو سبب ٻڌائڻ جي قبول يا رد ڪن.
17. مقامي رهاڪن کي ترجيح ڏني ويندي.
18. ميونسپل ڪميٽي پنهنجن دڪانن/ملڪيتن ۾ گوشت/ڪڪڙ جي ڪاروبار، وڪري ۽ خريداري جي اجازت نٿي ڏئي.

مڪمل شرطن ۽ ضابطن، درخواست فارمن ۽ وڌيڪ تفصيلن لاءِ مهرباني ڪري آفيس جي اوقات دوران چيف ميونسپل آفيسر جي آفيس، ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ سان رابطو ڪريو

چيئرمين

ميونسپل ڪميٽي، ڪنڌڪوٽ

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/4244/2026

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 24 سيپٽمبر 2026ع

ڪفايت شعاري مهم: سرڪاري خرچن ۾ حقيقي گهٽتائي ڪڏهن ايندي؟

ملڪ جي معاشي حالتن کي ڏسندي سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي ۽ قومي ناڻي تي بار گهٽائڻ جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ طرفان ڪفايت شعاريءَ لاءِ ڪيل تازن قدمن ۾ 50 سيڪڙو عملي کي گهران ڪم ڪرائڻ، سرڪاري گاڏين جي پيٽرول ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي، نين گاڏين جي خريداريءَ تي پابندي، غير ترقياتي بجيٽ ۾ ماهوار 5 سيڪڙو گهٽتائي، پرڏيهي دورن تي ٽن مهينن لاءِ پابندي، وڊيو ڪانفرنسنگ ۽ پيپر ليس نظام کي هٿي ڏيڻ شامل آهن. ظاهري طور تي اهي قدم خرچ گهٽائڻ جي هڪ منظم ڪوشش نظر اچن ٿا، پر انهن جي حقيقي اهميت ان ڳالهه سان طئي ٿيندي ته انهن مان ناڻي جي ڪيتري بچت ٿئي ٿي؟ گهران ڪم ڪرڻ واري پاليسي کي رڳو ملازمن کي آفيس کان پري رکڻ واري فيصلي طور ڏسڻ بدران ان جي معاشي اثرن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. جيڪڏهن عملي جو اڌ حصو گهران ڪم ڪندو ته آفيسن ۾ بجلي، پاڻي، پيٽرول، سفري خرچ ۽ ٻين سهولتن تي ڪجهه حد تائين خرچ گهٽجي سگهي ٿو پر ساڳئي وقت اهو به ڏسڻو پوندو ته گهران ڪم ڪرڻ سان سرڪاري ڪارڪردگي ۽ عوامي ڪم متاثر ته نه ٿيندا. ملازم فون، اي ميل ۽ واٽس ايپ تي دستياب رهندا ۽ ضرورت پوڻ تي هڪ ڪلاڪ اندر آفيس طلب ڪري سگهجن ٿا، تنهن ڪري هن نظام لاءِ واضح نگراني ۽ جوابدهي جو طريقو به ضروري آهي. گهران ڪم ڪندڙ ملازمن کي ڊيلي الائونس ۽ اوور ٽائيم نه ڏيڻ وارو فيصلو پڻ ڪفايت شعاري جي دائري ۾ اچي ٿو پر اهڙن فيصلن ۾ ضابطن ۽ ملازمن جي جائز حقن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

بچت جو مقصد غير ضروري خرچ ختم ڪرڻ هجڻ گهرجي، نه ته اهڙي طريقي سان خرچ گهٽايا وڃن جو اداري جي ڪارڪردگي يا ملازمن جا جائز حق متاثر ٿين. سرڪاري گاڏين لاءِ ٽن مهينن تائين پيٽرول ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي ۽ نين گاڏين جي خريداري تي مڪمل پابندي وڌيڪ ڌيان طلب قدم آهن. سرڪاري گاڏين جو غير ضروري استعمال ڪيترن ئي ادارن ۾ خرچ وڌائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. جيڪڏهن واقعي پيٽرول جي استعمال تي ضابطو آندو وڃي ۽ گاڏيون رڳو سرڪاري ضرورتن لاءِ استعمال ٿين ته ان سان ناڻي کي مناسب بچت ٿي سگهي ٿي. پر ان لاءِ رڳو پيٽرول جي فراهمي گهٽائڻ ڪافي ناهي. گاڏين جي استعمال، سفرن ۽ پيٽرول جي خرچ جو باقاعده رڪارڊ ۽ نگراني پڻ ضروري آهي. پرڏيهي دورن تي ٽن مهينن لاءِ پابندي ۽ سرڪاري ڊنرن، سيمينارن ۽ ڪانفرنسن تي پابنديون پڻ غير ضروري خرچن کي روڪڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون. تنهن هوندي به اسڪالرشپس، تربيتي ڪورسز ۽ ضروري عالمي پروگرامن کي ڇوٽ ڏيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته مقصد هر قسم جي سرگرمي روڪڻ بدران غير ضروري خرچن کي محدود ڪرڻ آهي. اهڙو توازن برقرار رکڻ ضروري آهي.

سوال آهي ته ڇا ڪفايت شعاريءَ جا اهي قدم صرف ڪجهه مهينن لاءِ رهندا يا سرڪاري خرچن جي مستقل پاليسي بڻجندا؟ جيڪڏهن ٽن مهينن ڪانپوءِ ٻيهر ساڳيا خرچ هڪ ڀيرو ٻيهر شروع ٿين ٿا ته اهڙي مهم جو فائدو محدود رهجي ويندو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هر ڪفايت شعاري قدم جو نتيجو ماپيو وڃي ۽ عوام کي ٻڌايو وڃي ته ڪيترو پيٽرول بچيو؟ ڪيترو سفري خرچ گهٽ ٿيو، ڪيتري خريداري روڪي وئي ۽ مجموعي طور تي قومي ناڻي جي ڪيتري بچت ٿي. بهرحال قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ جا تازا فيصلا ان لحاظ کان هڪ عملي قدم آهن پر انهن جي ڪاميابي جو فيصلو اعلانن سان نه پر نتيجا اچڻ سان ٿيندو. جيڪڏهن ڪفايت شعاريءَ سان واقعي به خرچ گهٽجن ٿا، سرڪاري ڪم متاثر نٿو ٿئي ۽ بچت جا انگ اکر عوام آڏو اچن ٿا ته اها پاليسي مثال بڻجي سگهي ٿي. ٻي صورت ۾ ڪفايت شعاريءَ جون اها مهم به ماضيءَ جي ڪيترن ئي حڪمن وانگر فائلن تائين محدود رهجي ويندي. ملڪ کي هن وقت اهڙي ڪفايت شعاري اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪا ڏيکاءَ بدران انگن اکرن، نگراني ۽ عملي نتيجن سان ثابت ٿئي.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سُئِيءَ ڪا تنوارَ ڪِي هنئين ٿِي هٿَ ڪُٺِين!
سَوين رُليُون سَسُئِيون، هوتاڻَنِ هزارَ؛
ٻاروچاڻا ٻارَ توڙان تَرسُ نه سِگهيا.
(سُر حسيني)

ٿرپارڪر: مُون سُون جي بيوفائي ۽ ڏڪار جو پوائتو پاڇو


محمد اسلم سميجو

سنڌ جي خوبصورت ۽ ثقافتي سڃاڻپ، ريگستاني پٽي ٿرپارڪر کي هن سال هڪ ڀيرو ٻيهر مون سون جي بي ترتيبي ۽ برسات جي طويل وقفي سبب سخت ڏڪار جهڙي صورتحال جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. ٿر جي سونهن، اقتصاديات ۽ عام زندگيءَ جو دارومدار ڪنهن به سرڪاري امداد کان وڌيڪ قدرتي طور برساتن تي هوندو آهي. پر افسوس ته هن سال ڪهڪشان جهڙي هن وسيع ريگستان تي ڏڪار جا پوائتا پاڇا گهرا ٿيڻ لڳا آهن، جنهن جا ناڪاري اثر فصلن، چوپائي مال ۽ انساني آبادين تي نمايان طور ظاهر ٿي چڪا آهن.

ٿر لاءِ برسات صرف موسم جو هڪ تبديل ٿيندڙ رنگ ناهي پر اها هتان جي زندگيءَ جي بقا جو واحد سهارو آهي. جڏهن به هتي ڪڪريون وقت تي ناهن وسنديون، تڏهن پوري ريگستان جي معيشت لوڏن ۾ اچي ويندي آهي. هن سال مون سون جي موسم شروعات کان ئي غير يقيني ۽ بي ترتيب رهي. جولاءِ جي آخري ڏينهن ۽ آگسٽ جي شروعات ۾ ڪجهه علائقن ۾ ٿيندڙ رم جهم اميدن جا ڏيئا ته روشن ڪيا پر ان کان پوءِ لڳ ڀڳ پنجاهه ڏينهن تائين آسمان تان برساتي ڪڪرن جي غائب ٿيڻ هارين جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. مون سون جي اها واپسي ايتري ته ڪمزور هئي جو فصلن کي گهربل نمي به ملي نه سگهي.

آسماني موسم (SkyWeather) جو غير سرڪاري جائزو: موسمياتي تبديلين تي نظر رکندڙ تنظيم 'SkyWeather' جي ماهرن ۽ مقامي سروي ٽيم پهرين جون 2026ع کان 22 سيپٽمبر 2026ع تائين ٿرپارڪر جي زميني صورتحال جو هڪ غير سرڪاري ۽ ابتدائي جائزو پيش ڪيو آهي. ان سروي جا انگ اکر انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن: 60 سيڪڙو کان وڌيڪ علائقن ۾ فصلن جي تباهي ٿي آهي. برسات جي سخت کوٽ سبب اڪثريت ۾ علائقن جا فصل سڪي چڪا آهن. نازڪ ترين علائقن اڇڙي ٿر ۽ عمرڪوٽ جي ريگستاني پٽيءَ سميت ڏاهلي، ڇاڇرو، مٺي، اسلام ڪوٽ، نگرپارڪر، ڏيپلو ۽ ڪلوئي وارن علائقن ۾ گاهه ۽ خوراڪ جي شديد گهٽتائي پيدا ٿي وئي آهي. ٿوري اهڙي خوشنصيب پٽي آهي جو فصل ڪنهن حد تائين بچي سگهيا آهن. جڏهن ته باقي علائقن ۾ پيداوار اڌ کان به گهٽ رهجي وئي آهي. جيتوڻيڪ اهي انگ اکر غير سرڪاري آهن ۽ انهن کي حتمي سرڪاري ڊيٽا نٿو چئي سگهجي پر مقامي مشاهدن ۽ زميني حقيقتن جي عڪاسي ڪندڙ اها رپورٽ حڪومت لاءِ هڪ خطري جي گهنٽي آهي.

1997ع جي ڏڪار جا خوفناڪ پڙاڏا: ٿر جا وڏڙا اڄوڪي صورتحال کي ڏسي 1997ع جي تاريخي ڏڪار کي ياد ڪندي ڏڪي وڃن ٿا. اٽڪل ٽن ڏهاڪن کان پوءِ اهڙي وحشتناڪ منظرنامي جو ٻيهر ذڪر ٿيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته معاملو رڳو چند فصلن جي نقصان جو ناهي پر اهو ٿرواسين جي پنهنجي بقا ۽ لڏپلاڻ جهڙن پيچيده سماجي مسئلن ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي.

چوپائي مال جي بقا ۽ انساني لڏپلاڻ: جڏهن ريگستان مان گاهه ختم ٿيندو آهي، تڏهن هاريءَ جي چيلهه ڇڄي ٿي ويندي آهي. چوپايو مال ٿر جي مجموعي معيشت جو روح آهي. چارو نه هجڻ جي ڪري چوپائي مال جي صحت متاثر ٿي رهي آهي، کير جي پيداوار گهٽجي وئي آهي ۽ جانورن ۾ مختلف بيمارين پکڙجڻ جو خدشو وڌي ويو آهي. پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جو بحران انساني توڙي حيواني زندگيءَ لاءِ هاڻي هڪ وڏي سزا بڻجندو پيو وڃي. ان سموري صورتحال جو سڀ کان ڏکائيندڙ پهلو مقامي ماڻهن جي لڏپلاڻ آهي. ٿر جا سوين خاندان پنهنجا اباڻا ڪک، گهر ۽ چوپايو مال ڪٺي بئراجي علائقن ڏانهن پنڌ ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. اها لڏپلاڻ رڳو جاگهه جي تبديلي ناهي پر هتان جي ٻارن جي تعليم جي تباهي، عورتن جي صحت جا مسئلا ۽ هڪ پوري سماج جي ٽٽڻ جو وڏو الميو آهي. هن موسمياتي تباهي ۽ ڏڪار ريگستان جي مسڪين پورهيت کي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي بي گهر ڪري ڇڏيو آهي.

ٿر جا ماڻهو سختين سان وڙهڻ ۽ صبر ڪرڻ ڄاڻن ٿا پر جڏهن آفتون سگهه کان وڌي وڃن ته پوءِ رڳو سندن صبر تي ڀاڙڻ هڪ وڏي ناانصافي چئبي. سنڌ حڪومت ۽ پي ڊي ايم اي (PDMA) کي گهرجي ته هو بنا ڪنهن دير جي هڪ اعليٰ سطحي فني ٽيم ذريعي ٿرپارڪر جو زميني سروي ڪرائين. جيڪڏهن سرڪاري مشاهدو به هن ڏڪار جي تصديق ڪري ٿو ته پوءِ فوري طور تي متاثر علائقن کي آفت سگهاري قرار ڏئي اتي مفت چاري جي فراهمي، پيئڻ جو پاڻي ۽ خوراڪ جا پيڪيجز پهچائڻ گهرجن. زرعي، لائيو اسٽاڪ ۽ صحت کاتي کي هنگامي بنيادن تي متحرڪ ٿيڻو پوندو ته جيئن لڏپلاڻ ڪندڙ خاندانن کي رستي ۾ صحت ۽ خوراڪ جون سهولتون ملي سگهن. ٿر کي هن وقت رڳو همدرديءَ جي لفظن جي نه پر زمين تي نظر ايندڙ عملي قدمن جي فوري ضرورت آهي، متان دير ٿي وڃي ۽ تاريخ پاڻ کي ٻيهر ڪنهن الميي جي روپ ۾ دهرائي لڳي.

گڏيل قومون: اعتماد جي بحالي..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

ٻي علمي جنگ دوران دنيا وڏي تباهي ڏٺي لکين ڪروڙين ماڻهو مارجي ويا، نسل ڪشي ٿي ۽ هولوڪاسٽ جهڙا انتهائي خوفناڪ واقعا پيش آيا. انهن واقعن سڄي دنيا جي ماڻهن جي ضمير کي لوڏي ڇڏيو. هر امن پسند ۽ انسانيت سان همدردي رکندڙ ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اهو سوال پيدا ٿيڻ لڳو ته ڇا انسان پنهنجا اختلاف جنگ ۽ بمباري ذريعي حل ڪرڻ بدران ڳالهين واري ميز تي ويهي حل نٿا ڪري سگهن؟ انهيءَ سوچ ۽ علمي ملڪن جي گڏيل ڪوششن جي نتيجي ۾ 1945ع ۾ گڏيل قومن جو ادارو (United Nations) قائم ڪيو ويو. اُن اداري جو بنيادي مقصد اِهو هو ته دنيا جا ملڪ پنهنجا اختلاف جنگ ڪرڻ بدران سفارتڪاري، علمي قانون ۽ ڳالهين ذريعي پُرامن طريقي سان حل ڪن. گڏيل قومن جي چارٽر جي پهرين آرٽيڪل ۾ علمي امن ۽ سلامتي برقرار رکڻ، جارحيت کي روڪڻ، اختلافن کي پُرامن طريقي سان حل ڪرڻ، انساني حقن جي حفاظت ۽ ملڪن وچ ۾ سهڪار وڌائڻ تي زور ڏنو ويو آهي. بيشڪ، گڏيل قومن جي هڪ وڏي ڪاميابي اِها آهي ته اُن جي قيام ڪانپوءِ اڄ تائين ٽين علمي جنگ شروع نه ٿي سگهي آهي پر اُن جي باوجود، لڳ ڀڳ 81 سال گذرڻ ڪانپوءِ به دنيا جنگين، طاقت جي سياست، انساني بحرانن ۽ وڌندڙ خونريز تڪرارن سبب غير يقيني صورتحال جو شڪار آهي. گڏيل قومن کي به هن مسئلي جو احساس آهي انهيءَ ڪري، جڏهن گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي 81هين اجلاس ۾ شرڪت لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن جا اڳواڻ آمريڪا پهچي چڪا آهن ته هن اجلاس جو اهم موضوع اِهو آهي ته دنيا جي ماڻهن ۽ ملڪن جو گڏيل قومن تي اعتماد ٻيهر ڪيئن بحال ڪيو وڃي. هن اجلاس ۾ علمي نمائندن آڏو هڪ اهم سوال اهو به آهي ته جيڪو ادارو 81 سال اڳ جنگين کي روڪڻ لاءِ قائم ڪيو ويو هو، اهو اڄ 2026ع ۾ دنيا ۾ هلندڙ جنگين کي روڪڻ ۾ ڏکيائين جو شڪار ڇو آهي؟ دنيا جا ملڪ گڏيل قومن (UN) تي اڳ وانگر اعتماد ڇو نٿا ڪن؟ ۽ اهڙو گڏيل قومن جو ادارو، جيڪو دنيا جي سڀني ملڪن لاءِ برابر فائديمند هجي، اُهو اڃا تائين ڇو نه ٿي سگهيو آهي؟

منهنجي خيال ۾ گڏيل قومن جي ساک تي سوال اڄ جا پيدا ٿيل ناهن. فلسطين جو مسئلو گڏيل قومن جي پهرين وڏي آزمائش جي اڻپوري ڪهاڻي آهي. هيءُ مسئلو گڏيل قومن جي قيام کان صرف ٻه سال پوءِ 1947ع ۾، اُن اداري حوالي ڪيو ويو هو. ادارو پنهنجي پوري ڪوشش جي باوجود فلسطين ۾ ٿيندڙ خونريزي کي روڪي نه سگهيو. مغربي طاقتن جي حمايت سان صهيوني قوتن طاقت جي زور تي پنهنجي لاءِ مقرر ڪيل علائقي کان به وڌيڪ زمين تي قبضو ڪري ورتو. اڄ تقريباً اٺ ڏهاڪا گذري وڃڻ باوجود غزه ۾ اڃا به خونريزي جاري آهي ۽ گڏيل قومن جو هيءُ ادارو اُن معاملي ۾ بي وس نظر اچي ٿو. اهڙيءَ طرح ڏکڻ ايشيا جي ٻن ايٽمي طاقتن يعني هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ ڪشمير جو مسئلو به ڪيترن ئي سالن کان گڏيل قومن وٽ موجود آهي پر اڄ تائين اُن جو ڪو حتمي حل نه ٿي سگهيو آهي. جديد دور ۾ گڏيل قومن جي بي وسي اُن لحاظ کان وڌيڪ نمايان نظر اچي ٿي ته گڏيل قومن جي پنجن مستقل ۽ ويٽو جو اختيار رکندڙ وڏين طاقتن مان به اهڙا ملڪ آهن جيڪي پاڻ کان ڪمزور ملڪن خلاف جنگ ۾ شامل آهن. هڪ طرف گڏيل قومن جو مستقل ميمبر روس، گڏيل قومن جي ميمبر ۽ آزاد ملڪ يوڪرين خلاف جنگ ڪري رهيو آهي ۽ ٻئي طرف، علمي پابندين کي منهن ڏيندڙ ايران خلاف وڏي طاقت آمريڪا ۽ اسرائيل جي فوجي ڪارروائي 21هين صديءَ ۾ به 'جنهن وٽ طاقت، تنهن جي مرضي' واري قانون کي ظاهر ڪري ٿي. منهنجي نظر ۾، چاهي فلسطين جو مسئلو هجي، ڪشمير جو پراڻو تڪرار هجي، غزه جو موجوده مسئلو هجي، يوڪرين جي جنگ هجي يا ايران سان جنگ جو معاملو هجي، انهن سڀني علمي تڪرارن ۾ هڪ ڳالهه ساڳي آهي جڏهن به ڪو وڏو تڪرار پيدا ٿئي ٿو ته گڏيل قومن هنگامي اجلاس گهرائي ٿي ته ڪڏهن انهن پنجن وڏين طاقتن مان ڪو هڪ ملڪ ويٽو استعمال ڪري ڪنهن قرارداد کي روڪي ڇڏي ٿو ۽ ڪڏهن ڪا قرارداد منظور ٿي وڃي ٿي. جنگ بند ڪرڻ جون اپيلون ڪيون وڃن ٿيون. گڏيل قومن جا مختلف ادارا جنگ بندي، عام شهرين جي حفاظت، انساني امداد پهچائڻ ۽ عالمي قانون تي عمل ڪرڻ تي زور ڏين ٿا. جڏهن ڪو تڪرار پيدا ٿئي ٿو ته دنيا جا ملڪ، خاص طور تي ڪمزور ڌريون ان مسئلي جو پُرامن حل ڪڍڻ لاءِ گڏيل قومن کان تمام گهڻيون اميدون رکن ٿا. پر عملي طور تي صورتحال اڪثر مختلف نظر اچي ٿي. هيءُ عالمي ادارو ويٽو جي طاقت رکندڙ ملڪن جي مرضي يا طاقت کي روڪڻ، پنهنجي منظور ڪيل قراردادن تي عمل ڪرائڻ ۽ جنگ بندي جون اپيلون عملي طور لاڳو ڪرائڻ ۾ گهڻو ڪري بي وس نظر اچي ٿو. ان ڪري عام ماڻهن ۾ اهو خيال وڌيڪ مضبوط ٿيندو وڃي ٿو ته جڏهن جنگ شروع ٿي وڃي ٿي ته سلامتي ڪائونسل گهڻو ڪري رڳو مذمت ڪري سگهي ٿي يا جنگ بند ڪرڻ جي اپيل ڪري سگهي ٿي، پر اصل جنگ جي ميدان ۾ فيصلو اڪثر طاقت جي بنياد تي ٿيندو آهي، يعني جنهن وٽ وڌيڪ طاقت هوندي، عملي طور تي گهڻو ڪري اُن جي مرضي هلندي آهي.

پر اِها ڳالهه به وسارڻ نه گهرجي ته گڏيل قومن جو ادارو دنيا جي سڀني ملڪن جي حڪومتن کان مٿانهون ڪا اهڙي علمي حڪومت ناهي جيڪا پنهنجي منظور ڪيل قراردادن تي هر ملڪ کان زبردستي عمل ڪرائي سگهي. سڀ کان اهم ڳالهه اِها آهي ته جڏهن ويٽو جو اختيار رکندڙ وڏيون علمي طاقتون پاڻ ڪنهن جنگ ۾ حملو ڪندڙ ڌر بڻجي وڃن ٿيون ته پوءِ گڏيل قومن جا ننڍا ۽ ڪمزور ملڪ، جيتوڻيڪ تعداد ۾ گهڻا آهن پر عملي طور تي بي وس ۽ لاچار ٿي وڃن ٿا. اهڙي خراب صورتحال ۾ گڏيل قومن جي سامهون موجود ڪو تڪرار اصولن ۽ انصاف جو مسئلو رهڻ بدران، دنيا جي طاقتور ملڪن جي وچ ۾ طاقت آزمائي ۽ ڇڪتاڻ جو مقابلو بڻجي وڃي ٿو. منهنجي خيال ۾ گڏيل قومن جو موجوده نظام ٻي علمي جنگ ڪانپوءِ ان وقت جي دنيا ۾ موجود طاقت جي توازن کي نظر ۾ رکي ٺاهيو ويو هو، پر اڄ 21هين صديءَ ۾ جنگين جو اثر صرف ملڪن جون سرحدون تبديل ڪرڻ تائين محدود ناهي رهيو، پر اهي سڄي دنيا جي امن کي به سخت نقصان پهچائي رهيون آهن. اڄ گڏيل قومن کي ڪيترن ئي نون ۽ پيچيده مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جهڙوڪ مصنوعي ذهانت (AI)، سائبر جنگ، غير سرڪاري هٿياربند گروهه، دهشتگردي، موسمياتي تبديلي، وبائي بيماريون، خوراڪ جا بحران ۽ وڏي تعداد ۾ ماڻهن جو پنهنجا گهر ڇڏي ٻين هنڌن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ. پر انهن سڀني مسئلن مان هڪ وڏو مسئلو اِهو آهي ته گڏيل قومن پاران منظور ڪيل قراردادن تي عملي طور ڪيئن عمل ڪرايو وڃي. ان لاءِ گڏيل قومن کي طاقت، ملي ۽ ٻيا وسيلا ۽ تڪرار ۾ شامل ڌرين جو سهڪار گهربل هوندو آهي. انهيءَ ڪري اڄ ضرورت اُن ڳالهه جي آهي ته موجوده گڏيل قومن کي اهڙي مضبوط علمي اداري ۾ تبديل ڪيو وڃي جنهن جون منظور ڪيل قراردادون صرف ڪاغذن تائين محدود نه رهن. پر ان اداري وٽ پنهنجن فيصلن تي عملي طور عمل ڪرائڻ جي طاقت به هجي. اهڙو ادارو انصاف جي بنيادي اصولن تي عمل ڪري ۽ دنيا جي طاقتور توڙي ڪمزور سڀني ميمبر ملڪن کي برابر حقن جي ضمانت ڏئي. ٻي صورت ۾ مون کي انديشو آهي ته جيستائين گڏيل قومن جو ادارو ويٽو جي طاقت رکندڙ وڏن ملڪن جي اثر هيٺ ئي قائم رهيو، ته پوءِ وقت گذرڻ سان دنيا جي ملڪن ۽ عوام جو ان اداري تي اعتماد وڌيڪ گهٽجندو ويندو.

دهشتگردي ۽ افغان حڪومت جي غير سنجيدگي

سلمان غني

افغانستان ۾ طالبان جي عبوري حڪومت قائم ٿيڻ ڪانپوءِ افغان سرزمين جو پاڪستان خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال ٿيڻ هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي. پاڪستان طرفان هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پُرامن طريقي سان ڪوششون ڪيون ويون ۽ دوست ملڪن کان به مدد وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر ان باوجود اِهو مسئلو حل نه ٿي سگهيو. اِهو ئي سبب آهي جو پاڪستان کي افغانستان اندر انهن دهشتگردن جي ٺڪاڻن خلاف سڌيون فوجي ڪارروايون ڪرڻيون پيون، جتان پاڪستان جي مختلف علائقن خاص طور تي خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردي جا منظم واقعا رٿيا وڃن ٿا.

پاڪستان کي اميد هئي ته افغانستان جي سرزمين تان ٿيندڙ دهشتگردي کي روڪڻ لاءِ طالبان جي عبوري حڪومت قدم کڻندي، پر اُهي اميدون هاڻي ختم ٿي ويون آهن. پاڪستان ڪيترائي ڀيرا افغان عبوري حڪومت کي افغانستان مان ٿيندڙ دهشتگردي بابت آگاهه ڪيو ۽ ان طرف ڌيان ڇڪايو، پر افغان طالبان طرفان هن معاملي تي ڪا سنجيده ڪارروائي نظر نه آئي. اُن جي ابتڙ اهڙيون رپورٽون سامهون اچي رهيون آهن ته افغان حڪومت نه رڳو دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪرڻ کان پاسو ڪري رهي آهي، پر ڪجهه دهشتگرد گروهن، خاص طور تي پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي کي مختلف قسمن جي مدد ۽ سهولت به فراهم ڪري رهي آهي. جمعي ڏينهن ڪوهاٽ جي پراڻي پوليس لائين ۾ موجود مسجد تي دهشتگرد حملو ٿيو جنهن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي اهلڪارن ۽ عام شهرين سميت 25 ماڻهو مارجي ويا. ان واقعي ڪانپوءِ سڄي ملڪ ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي. هن حملي ۾ به هڪ افغان شهري جي ملوث هجڻ جا ثبوت سامهون آيا. ان کان پوءِ سيڪيورٽي فورسز افغان سرحد سان لڳندڙ علائقن ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڪيون ۽ پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي ۽ ان سان لاڳاپيل گروهن جي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو. افغان سرزمين جو پاڪستان خلاف دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿيڻ ۽ پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز کي نشانو بڻائڻ سان نه رڳو پاڪستان ۽ افغانستان جا لاڳاپا خراب ٿي رهيا آهن، پر سڄي علائقي جي صورتحال به وڌيڪ ڇڪتاڻ ۽ بي چيني جو شڪار ٿي رهي آهي. افغانستان مان پاڪستان خلاف مسلسل دهشتگردي ٿيڻ ۽ طالبان حڪومت طرفان ان معاملي ۾ سهڪار نه ڪرڻ سبب ڪيترائي سوال پيدا ٿين ٿا. پاڪستان ڪيترائي ڀيرا افغانستان جي عبوري حڪومت کي دوحه معاهدي تي عمل ڪرڻ لاءِ چيو آهي. ان معاهدي تحت افغانستان واعدو ڪيو هو ته سندس سرزمين ڪنهن به ملڪ خلاف دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏني ويندي. پر افغان عبوري حڪومت هر ڀيري پنهنجي ذميواري قبول ڪرڻ بدران اهو موقف اختيار ڪيو ته دهشتگردي جون ڪارروايون پاڪستان جي سرزمين تي ٿي رهيون آهن، تنهنڪري پاڪستان کي پاڻ ئي ان مسئلي کي حل ڪرڻ گهرجي. سعودي عرب، چين، قطر ۽ ترڪي سميت مختلف ملڪن به افغانستان تي زور وڌو ته اهي مسئلا ڳالهين ۽ سفارتي طريقي سان حل ڪيا وڃن، پر هيستائين انهن ڪوششن جا ڪي خاص بهتر نتيجا سامهون نه اچي سگهيا آهن.

پاڪستان طرفان علمي ۽ علائقائي سطح تي سفارتي ڪوششن باوجود افغان طالبان لکت ۾ اها ضمانت ڏيڻ کان پاسو ڪيو ته افغانستان جي سرزمين پاڪستان خلاف استعمال نه ٿيندي. افغان عبوري حڪومت جي اهڙي ضد سبب ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا وڌيڪ خراب ۽ ڇڪتاڻ وارا ٿي ويا. هاڻي سوال اِهو آهي ته افغان طالبان پنهنجي ذميواري جو محسوس ڇو نٿا ڪن؟ ان جو هڪ سبب سندن نظرياتي قبائلي سياسي ۽ ملي مفاد ٻڌايا وڃن ٿا. علمي ميڊيا ۾ ڇپيل ڪجهه رپورٽن موجب، ان جو هڪ وڏو سبب اِهو به آهي ته افغان طالبان ۽ پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي جون پاڙون هڪجهڙي سوچ مان نڪتل آهن. ٻنهي گروهن افغانستان ۾ آمريڪي فوجن خلاف گڏجي ڪارروائين ۾ حصو ورتو هو انهيءَ ڪري افغان طالبان ٽي ٽي پي خلاف ڪا سخت ڪارروائي ڪرڻ کان پاسو ڪندا نظر اچن ٿا. طالبان حڪومت جا ڪجهه اڳواڻ ٽي ٽي پي ڏانهن خاص لاڙو رکن ٿا. انهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن ٽي ٽي پي مڪمل طور ختم ٿي وئي ته پاڪستان تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ طالبان وٽ هڪ اهم وسيلو ختم ٿي ويندو انهيءَ ڪري اهي ٽي ٽي پي ۽ ٻين دهشتگرد تنظيمن خلاف فوجي آپريشن ڪرڻ کان پاسو ڪن ٿا. طالبان علمي سطح تي اهو يقين ڏيارين ٿا ته هُو پنهنجي ملڪ اندر دهشتگردي کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کڻندا، پر جڏهن پاڙيسري ملڪن خاص طور تي پاڪستان ۾ ٿيندڙ دهشتگرديءَ لاءِ افغان سرزمين جي استعمال جي ڳالهه اچي ٿي ته هو ان کي تسليم نٿا ڪن. طالبان کي خبر آهي ته جيڪڏهن هُو اِها ڳالهه مڃي وٺن ته پوءِ انهن تي دهشتگردن خلاف عملي ڪارروائي ڪرڻ جي ذميواري به ايندي، جنهن کان هو پاسو ڪرڻ چاهين ٿا. طالبان داعش خراسان خلاف ته ڪارروايون ڪن ٿا، پر ٽي ٽي پي جي معاملي ۾ خاموش تماشائي بڻيل نظر اچن ٿا.

دهشتگردي ختم ڪرڻ بابت پاڪستان جي ڪردار جي ڳالهه ڪجي ته پاڪستان پنهنجي طرفان دهشتگردي روڪڻ لاءِ هميشه ڪوششون ڪندو رهيو آهي ۽ اڃا به ڪري رهيو آهي پر ڏکيائي اها آهي ته هن دهشتگردي جا لاڳاپا افغانستان جي سرزمين تائين پهچن ٿا ۽ ثبوت موجود هجڻ باوجود طالبان انتظاميا هن معاملي ۾ ڪو عملي قدم کڻڻ لاءِ تيار نظر نٿي اچي پر هاڻي پاڪستان اهو پڪو ارادو ڪري چڪو آهي ته افغانستان مان نڪرندڙ دهشتگردي جا بنياد ختم ڪيا وڃن ڇاڪاڻ ته جيستائين افغانستان ۾ موجود دهشتگردن جا محفوظ ٺڪاڻا ۽ تربيت جا مرڪز ختم نه ڪيا ويندا، تيستائين علائقي ۾ امن قائم نه ٿيندو. پاڪستان پنهنجي اڳ واري صبر ۽ برداشت واري پاليسي کي هاڻي جارحاڻي دفاع واري حڪمت عملي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هن پاليسي تحت افغان سرزمين تي ٽي ٽي پي جي مضبوط ٺڪاڻن، تربيت جي ڪئمپن ۽ دهشتگردن جي مدد ڪندڙ ماڻهن خلاف پاڪستان طرفان چونڊيل هدفن تي هوائي ۽ زميني ڪارروايون جاري آهن. ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري هڪ تازي انٽرويو ۾ چيو هو ته پاڪستان جو افغانستان کان بنيادي مطالبو اهو ئي آهي ته افغانستان پنهنجي سرزمين پاڪستان خلاف استعمال ٿيڻ نه ڏئي. جيڪڏهن افغانستان اها ذميواري ادا ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ته پوءِ پاڪستان کي پنهنجي بچاءَ جو حق حاصل آهي. هن بيان مان اِهو واضح پيغام ملي ٿو ته پاڪستان پنهنجي ملڪ اندر امن ۽ سلامتي قائم ڪرڻ لاءِ قدم کڻندو ۽ جيڪڏهن افغانستان جي سرزمين تان پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪئي وئي ته پاڪستان دهشتگردن خلاف به ڪارروائي ڪندو ۽ انهن جي مدد ڪندڙن کي به ڳولهيندو. اهي دهشتگرد صرف پاڪستان جا دشمن ناهن، پر افغانستان جا به دشمن آهن. دهشتگردي ئي اهو وڏو مسئلو آهي جيڪو افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام اچڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيو آهي.

پاڪستان هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ افغان عبوري حڪومت سان ڳالهين جو رستو به اختيار ڪيو پر ان مان فائدي کان وڌيڪ نقصان ٿيو. طالبان حڪومت پاڪستان جي دهشتگردي واري مسئلي کي پرامن طريقي سان حل ڪرڻ جي ڪوشش کي پاڪستان جي ڪمزوري سمجهندي رهي انهيءَ ڪري هاڻي طالبان عبوري حڪومت سان ڳالهين جو عمل ٿيندي نظر نٿو اچي. رياستي سطح تي اِهو خيال موجود آهي ته جيڪي گروهه بيگناهه شهرين کي نشانو بڻائين ٿا، اهي انسانيت جا دشمن آهن. اهڙن گروهن سان نرمي ڪرڻ يا انهن سان ڳالهين جو سلسلو جاري رکڻ سان رياست جي پنهنجي قانوني حيثيت ۽ حڪمراني متاثر ٿئي ٿي. رياست تڏهن وڌيڪ اثرائتي ثابت ٿيندي آهي جڏهن اُن وٽ طاقت سان گڏ قانون ۽ انصاف، ترقي ۽ سياسي سمجهه به هجي. تنهنڪري ليکڪ جي خيال ۾ دهشتگردي ختم ڪرڻ لاءِ دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي اهي پاڪستان جي اولهندي سرحد جي ڪنهن به پاسي هجن نشانو بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز طرفان دهشتگردي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششن کي مختلف سطحن تي ساراهيو پيو وڃي. سيڪيورٽي فورسز جو هڪ وڏو ڪريڊٽ اِهو آهي ته انهن اڳ به دهشتگردي خلاف جنگ ۾ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ هاڻي به پاڪستان جي اولهندي سرحد تي دهشتگردي ختم ڪرڻ لاءِ سرگرم آهن.

سنڌ کي قربانين عيوض ملندڙ نفرتون!

قاسم خاصخيلي

چيو وڃي ٿو ته تاريخ ڏاڍي بي رحم هوندي آهي ۽ اها تاريخ ئي آهي، جنهن کي نه ڪو ميساري سگهي ٿو نه ئي ان کان ڪو انڪار ڪري سگهي ٿو ۽ انهيءَ تاريخ جو ئي اهو سچ آهي ته پاڪستان جي حق ۾ قرارداد کان وٺي ان کي قائم ڪرڻ سميت ان جي چئني صوبن کي هڪ تسبيح جيان ڳنڍي رکڻ ۾ سنڌ جو هڪ الڳ ڪردار آهي. ان جو مثال اهو آهي ته پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيترين ئي ٻولين ڳالهائڻ وارا بنا ڪنهن رنگ نسل ذات پات ڪنهن به فرق ۽ نفرت جي سنڌ ۾ رهن ٿا. سنڌ پاڪستان جو اهو واحد صوبو آهي جتي ڪشمير گلگت بلتستان کان وٺندي دنيا جي ٻين ملڪن جا به ماڻهو نه رڳو رهن ٿا پر هتي هو بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ذاتي ڪاروبار ۽ گهرن جا مالڪ به آهن.

سنڌ صوبي مان هو ناڻو ڪمائي پنهنجي اباڻن علائقن ۾ به موڪلين ٿا، هتي جي رهڻي ڪهڻي هتان جي پيار محبت واري اصول تحت هو نه رڳو خوشحال آهن پر سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچيءَ ۾ هڪ مطمئن زندگي به گذارين ٿا، سنڌ صوبي پاڪستان ٺهڻ وقت هندستان کان هجرت ڪري ايندڙ ماڻهن کي پنهنجو مسلمان ڀاءُ سمجهي سندن لاءِ نه رڳو آجيان جا پاڪر ڪوليا پر سنڌي قوم انهن هجرت ڪري ايندڙ ڀائرن کي جيءَ ۾ جايون ڏئي آدرڀاءُ ڪري پنهنجي ملڪيتن مان حصو پڻ ڏنو هتي انهن لاءِ ڪاروبار جا موقعا پيدا ڪيا، ان سان گڏوگڏ ملڪ جي ٻين علائقن مان آيل ماڻهن کي هتي اچڻ ۽ ڪاروبار ڪرڻ ۾ ڪڏهن به ڪرهت محسوس ناهي ڪئي انهن هتي اچي روزگار ڪيو. پنهنجون جائدادون خريد ڪيون، ايتريقدر جو سنڌ ڌرتيءَ جا هو مڪمل باشندا ٿي رهائش پذير به ٿي ويا آهن، مگر سنڌ ۽ سنڌي قوم ڪڏهن به انهن سان تعصب ناهي ڪيو، نه ئي ڪڏهن نفرت جو اظهار ڪيو آهي، پر وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انهن ڌارين جن کي سنڌ ڌرتي پناهه ڏني، سنڌي ماڻهن جن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون، انهن مان چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن ذاتي مفادن خاطر سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان سياست وارو ڪردار ادا ڪندي آهستي آهستي پاڻ کي مضبوط ڪري پنهنجا پير پختا ڪيا. ان ڪانپوءِ هتان جي رهواسين ۾ نفرت جو ٻج ڇٽڻ شروع ڪري ڇڏيو، نتيجي ۾ مختلف وقتن تي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سنڌ سان دشمني وڌندي وئي.

سنڌ جيڪا هزارين سالن جي تاريخ رکي ٿي، جنهن سنڌ جي عظيم تاريخ رکندڙ موهن جي دڙي مان محبتن ڀريا ساز مليا هجن، جتي نفرت ڪڏهن جنم ئي نه ورتو، اتي گهر گهر ۾ دشمنيءَ جي ٻاهه ٻرڪائي ڪجهه ماڻهن پنهنجا سياسي مفاد ماڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر تن کي سدائين سنڌ ناڪام بڻائيندي رهي. جڏهن انهن مفاد پرستن کي اتي پنهنجي دال ڳرندي نظر نه آئي ته مختلف حيلن بهانن سان سنڌ ٽوڙڻ ۽ الڳ صوبي ڏيڻ جا آواز به اٿارڻ شروع ڪيا ويا، جيڪي سنڌي قوم جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ برابر هئا. سنڌ جنهن هر هڪ کي سيني سان لاتي پنهنجو امرت پياريو، انهن سنڌ جي سيني ۾ خنجر هڻڻ لاءِ وسان ناهي گهٽايو پر وقت ۽ حالتون سدائين سنڌ کي سرخرو ڪنديون رهيون آهن.

سنڌ ڌرتيءَ کي الله وارن بزرگن جي دعا ٿيل آهي ۽ هزارين سالن کان هيءَ آزاد وطن جي حيثيت ۾ رهندي اچي ٿي جتي ڌاري آبادي کي آباد ڪري سنڌ جي ڳاٽي مان اهو ڳٽ لاٿو وڃي، جڏهن سنڌ جا ماڻهو حقن جي ڳالهه ڪن ٿا ته انهن کي قومپرست سڏي تذليل ڪئي ٿي وڃي؟ حقيقت اها آهي ته سنڌ سنڌين جي هُئي، آهي ۽ رهندي، جيڪڏهن ڪو به هتي سنڌي ٿي رهڻ چاهي ٿو ته سنڌ جي دل ۾ ۽ اکين ۾ انهن لاءِ لکين جايون آهن. پر جيڪو سنڌ ۾ نفرت جي سياست ڪري ٿو ماڻهن کي هٿيار ڪٽي ويڙهائڻ لاءِ اتساهي ٿو يا نفرت جو ٻج ڇٽي سنڌ جي وحدت تي وار ڪرڻ جو سوچي ٿو ته اهو سنڌ جي نظر ۾ غلط آهي. سنڌ اها تاريخ رکندڙ ڌرتي آهي، جنهن ڪڏهن به هار ناهي ڪاڏي، هن ڌرتي سدائين پيار جو ٻج پوکيو آهي، اڄ به پيار جي ڇانوَ ۾ گڏ رهڻ لاءِ اها ڌرتي پنهنجو سينو حاضر ڪري ويٺل آهي پر هتي نفرت جي ڪابه گنجائش موجود ناهي، نه ئي سنڌ جا ماڻهو ايترا بيوقوف آهن، جيڪي چند سياسي رانديگرن جي غلط اٽڪل ۾ شڪست کائي مات ڪري ويهي رهندا. سنڌ صدين کان هڪ هئي ۽ تاقيامت هڪ رهندي. ان کي ٽوڙڻ جو خواب ڏسڻ وارا پاڻ ئي ختم ٿي ويندا.

اڄوڪو ڏينهن ..... 24 سيپٽمبر

ڪلياڻ داس

سرگواسي ڪلياڻ داس وارهيه تعلقي جو وڏو زميندار ۽ واپاري هو سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1916ع ۾ ٿيو هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ ان کان پوءِ پنهنجي والد کي زميندارِيءَ ۽ واپار ۾ هٿ وٺائڻ لڳو جيتوڻيڪ هن جو واسطو هڪ سرنديءَ واري خاندان سان هو پر هو پنهنجي خيراتي ڪمن ۽ غريب پروريءَ سبب پنهنجي ٿر ۾ گهڻو مشهور هو، هن غريب ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ گاجي کهاوڙ ٻاهران وارهيه روڊ تي هڪ کوهه کوٽايو. کوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ کوهه تي هڪ نار رکائي ڇڏيائين ۽ ٻه پلا ڏڳا انهيءَ نار وسيلي پاڻي کوهه مان ڪڍندا هئا. سندس ملازم 24 ئي ڪلاڪ نار تي موجود هوندا هئا ته جيئن ماڻهو ڪنهن به وقت پاڻي ڀري سگهن اڳتي هلي جڏهن کوهن مان پاڻي ڪڍڻ وارو رواج گهٽجي ويو ته هن انهيءَ کوهه واري زمين گاجي کهاوڙ جي واٽر سپلاءِ لاءِ مفت ۾ ڏئي ڇڏي، هن ڳوٺ غازي خان مرڪند جي واٽر سپلاءِ لاءِ پڻ پنهنجي ٻه ايڪڙ زمين مفت ۾ ڏني هو ڪيترن ئي غريبن جي مالي سهائتا ڪندو هو ۽ اسڪولن، ڪورٽن، جيلن ۽ اسپتالن ۾ خيراتون ڪندو هو افسوس جو هن انمول انسان کي 14 فيبروري 1991ع تي ڪجهه شرپسند ماڻهن پٽسي جي لانچ ۾ اچي قتل ڪري ڇڏيو.

موهن هيمنداس ڏنگرا

موهن هيمنداس پنهنجي دور جو مشهور اداڪار ۽ ڪلاڪار هو هو 24 سيپٽمبر 1935ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو هن انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو. اداڪاريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس سنڌ ڇڏي هندستان وڃڻ کان پوءِ به اهو شوق جاري رکيائين هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن ڪجهه سنڌي ۽ انگريزي فلمن ۾ پڻ اداڪار طور ڪم ڪيو سندس مشهور فلمن ۾ "رات هڪ طوفان جي"، "اڃا ته مان ننڍڙي آهيان"، ۽ انگريزي فلم "بامبي ٽاڪي" شامل آهن

طفيل علي عبدالرحمان

اڄوڪو ڏينهن اسان کي سنڌ جي مشهور قانوندان طفيل علي عبدالرحمان جي ياد ڏياري ٿو. جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1921ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي مشهور وائس چانسلر حسن علي عبدالرحمان جو ننڍو ڀاءُ هو هن علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان قانون جي سند حاصل ڪرڻ بعد ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي 1943ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جو ميمبر ۽ 1952ع ۾ سنڌ جو اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل ٿيو هو اڳتي هلي هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر ۽ پاڪستان جي دستوري ڪميشن جو ميمبر نامزد ٿيو. هن پاڪستان جي اٽارني جنرل ۽ سنڌ ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽن جي چيف جسٽس جهڙن اهم عهدن تي پڻ ڪم ڪيو هن پهريائين بلوچستان ۽ بعد ۾ سنڌ جي قائم مقام گورنر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون تاريخ 16 جنوري 1975ع تي سندس زندگيءَ جو سفر پڄاڻيءَ تي پهتو

اختر درگاهي

اڄ مشهور شاعر، ليکڪ ۽ محقق اختر درگاهيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن سڄاڻ وند ساهتڪار 24 سيپٽمبر 1964ع تي روهڙيءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جي سفر جي شروعات ڪئي هن جو اصل نالو اختر علي ميراڻي آهي سندس والد درگاهي ميراڻي پنهنجي دور جو ناليوارو شاعر هو جڏهن ته سندس ڏاڏي بيگم فقيرياڻي سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره ۽ شاعره هئي اختر درگاهيءَ مئٽرڪ جو امتحان روهڙيءَ مان پاس ڪيو ۽ اڳتي هلي سنڌي ادب ۽ معاشيات ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون هن زرعي ترقياتي بئنڪ ۾ ملازمت اختيار ڪئي ۽ مختلف عهدن تي ڪم ڪيو هن جي شاعريءَ جا 3 مجموعا "گل ۽ مکڙيون" (ٻارن لاءِ)، "رنگ، خوشبوءِ ۽ هوا" ۽ "شاعري مرڪي پئي" ڇپجي چڪا آهن سندس نثري ڪتابن ۾ "بيدل سائينءَ جو اردو ڪلام"، "تذڪره جهان شاهي"، "بيدل بيڪس ۽ سڪايل"، "بيدل سائينءَ جو رسالو"، "حال فقيري"، "سچل سائين ۽ درازي فيض"، "ٽنواڻون" ۽ "جانشاهي بزرگن جو ڪلام" شامل آهن اختر درگاهي سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي آڊيٽر ۽ خزانچي رهي چڪو آهي ان کان علاوه پاڻ بيدل يادگار ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري، سکر آرٽس ڪائونسل جو سيڪريٽري ۽ بيدل ڪتابي سلسلي جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي

مرزا دوست محمد بيگ دوست

مرزا دوست محمد سنڌ جي مشهور مرثيه گو شاعرن مان هڪ هو. پاڻ مير عبدالحسين جو همعصر ۽ سندس ويجهن ساٿين مان هڪ هو، هن جو جنم 12 مئي 1862ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي آغا ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ خيرپورميرس جا رهواسي هئا. هن ابتدائي تعليم آخوند شفيع محمد جي مدرسي مان حاصل ڪئي 1881ع ۾ روينيو کاتي ۾ ٽپيدار مقرر ٿيو ۽ عمر جي پڇاڙڪن سالن ۾ ترقي ڪري مختيارڪار مقرر ٿيو. 1912 ڌاري رٽائر ٿيو نوڪريءَ دوران هن ڪيترن ئي انگريز عملدارن کي فارسي ۽ سنڌي پڙهائي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هن عمر جو باقي حصو مير نور محمد ٽالپر جي مصاحب طور گذاريو هو پنهنجي دور جو هڪ سٺو شاعر هو. شاعريءَ ۾ "دوست" تخلص استعمال ڪندو هو. سنڌيءَ سان گڏ اردو ۽ فارسيءَ ۾ به شاعري ڪيائين. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ديوان دوست" جي نالي سان موجود آهي هن 24 سيپٽمبر 1920ع تي ٽنڊي آغا ۾ وفات ڪئي سندس شاعريءَ جو هڪ نمونو اياز قادريءَ جي ڪتاب "سنڌي غزل جي اوسر" ۾ پڙهي سگهجي ٿو مخدوم طالب المولي جي ڪتاب ياد رفتگان ۾ به سندس هڪ ڪلام شامل آهي

مولوي بخش مسڪين پتو

مختيار انڙ

اڄ شڪارپور جي مشهور شاعر ۽ ليکڪ مولوي بخش مسڪين پٽي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جي جنم جي تاريخ تي اختلاف نظر اچي ٿو حسيب ناياب منگيءَ پنهنجي ڪتاب "شڪارپور تاريخ جي آئيني ۾" هن جي جنم جي تاريخ پهرين مارچ 1893ع لکي آهي جڏهن ته لطف الله بدويءَ مهراڻ رسالي جي سوانح نمبر ۾ هن جي جنم جو سال 1907ع ٻڌايو آهي سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪيائين ان بعد عمر جو گهڻو حصو سول ڪورٽ ۾ عريضه نويس ٿي گذاريائين ذاتي زندگيءَ ۾ هو هڪ نيڪوڪار ۽ پرهيزگار انسان هو ۽ روزي نماز جو پابند هو. هو هڪ بهترين شاعر هو سندس شاعريءَ ۾ نصيحت جا نڪتا نمايان نظر اچن ٿا سندس شاعريءَ ۾ ابيات، نعتون ۽ ڪافيون شامل آهن سندس شاعريءَ جو مجموعو "ابيات مسڪين" سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيل آهي شاعريءَ سان گڏ چڱو نثر نويس پڻ هو. سندس هڪ ڪتاب "حقوق الوالدين" ڇپيل آهي جڏهن ته سندس ڪجهه ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن هن 24 سيپٽمبر 1954ع تي وفات ڪئي

محمد بخش ڪوجهي



اڄ مشهور سرڪاري ڪامورو، شاعر ۽ صوفي منش انسان سردار محمد بخش ڪوجهي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن ناليواري انسان جو جنم 1891ع ڌاري الاهي بخش شيخ جي گهر ۾ شڪارپور ۾ ٿيو هن 1908ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ 1912ع ۾ ايلفنسٽن ڪاليج ممبئيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين 1916ع ۾ ايل ايل بي جو امتحان به پاس ڪيائين 1916ع ۾ نوابشاهه ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو اڳتي هلي ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڪليڪٽر جهڙن اهم عهدن تي ڪم ڪيائين ڪليڪٽريءَ واري زماني ۾ کيس سردار بهادر جو خطاب مليو هو سماجي ڪمن سبب سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو هن "انجمن حمايت الاسلام" جو بنياد وڌو ۽ حيدرآباد ۾ "سچل سرمست آرٽس ڪاليج" ۽ "ڪامرس ڪاليج" قائم ڪيائين ذاتي زندگيءَ ۾ هو صوفي منش انسان هو ۽ سچل سرمست جي درگاهه جو وڏو عقيدتمند هو حضرت سچل سرمست جي سجاده نشين صوفي قبول محمد درازيءَ مٿس "ڪوجهي فقير" نالو رکيو، جيڪو سندس سڃاڻپ بڻجي ويو هن سنڌي، سرائيڪي ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي سندس شاعري "ڪوجهيءَ جو ڪلام" نالي سان ڇپيل آهي سندس هڪ ڪلام "طبيبا خيال سان ڏسجو، اٿم ڪا دل جي بيماري" ماسٽر چندر جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهي جنهن تمام گهڻي مشهوري ماڻي محمد بخش ڪوجهي 24 سيپٽمبر 1959ع تي لاڏاڻو ڪيو

محمد صديق مسافر



اڄ سنڌ جي برک اديب ۽ محنتي استاد محمد صديق مسافر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن کي نه فقط سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ جاگرافيءَ جي ڄاڻ هئي پر گڏوگڏ سنڌي گرامر ۽ رياضيءَ جهڙن مضمونن تي به مهارت حاصل هئس هن پهرين اپريل 1879ع تي بدين ضلعي جي شهر ٽنڊي باگي جي غريب پورهيت بلال شيديءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون سنڌي ست درجا پڙهڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو هن پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ علم جي آبياري ڪندي گذاريو انهيءَ ئي اسڪول ۾ هن مسافر تخلص سان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هن جي شاعريءَ ۾ غزل، مثنويون، مسدس، گيت، نظم، قطعا، مناجاتون ۽ ڪافيون وغيره شامل آهن هن مرحوم غلام محمد شاهواڻيءَ کي مشهور فارسي ڪتاب گلستان بوستان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۾ به مدد ڪئي هو ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ رسالي "اخبار تعليم" جو سڄا سارا 18 سال ايڊيٽر رهيو هن ڪيترائي ادبي مضمون پڻ لکيا، جن مان اڪثر اخبار تعليم ۾ ڇپيا هن سنڌ جي پرائمري اسڪولن لاءِ ڪيترائي درسي ڪتاب به لکيا 1920ع ڌاري خانبهادر غلام محمد ٽالپر پنهنجي شهر ٽنڊي باگي ۾ هاءِ اسڪول جو بنياد رکي محمد صديق مسافر کي انهيءَ اسڪول جو انچارج بڻايو محمد صديق جي محنت ۽ غلام محمد ٽالپر جي سرپرستيءَ ۾ اهو اسڪول سنڌ جي بهترين تعليمي ادارن ۾ شمار ٿيندو هو اڳتي هلي مير غلام محمد ٽالپر ٽنڊي باگي ۾ نياڻين لاءِ به هڪ اسڪول کوليو محمد صديق مسافر انهيءَ اسڪول سان به لاڳاپيل رهيو ۽ انهيءَ اسڪول ۾ پڙهائيندڙ ماستريائين کي تعليم ڏيڻ جي سکيا ڏيندو رهيو هن 25 کان مٿي ڪتاب لکيا هن انمول انسان 24 سيپٽمبر 1961ع تي دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو

گرڊنو گانگاڻي

هن نامور تعليمي ماهر ۽ ليکڪ 24 سيپٽمبر 1945ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ جنم ورتو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان لائبريري سائنس ۽ سنڌي ادب ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون. ان کان علاوه ايل ايل بي ۽ ڊاڪٽر آف هوميوپيٿڪ جون ڊگريون پڻ حاصل ڪيائين هن تعليم کاتي ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو هو هڪ بهترين ليکڪ هو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "شيخ اياز- شخصيت ۽ فن"، "انساني تهذيب ۽ ڪتب خانا"، "لائبريرين شپ جا سماجي بنياد"، "انٽرنيٽ"، "ڪمپيوٽر سائنس"، "آئيڊ ڪتب خانا"، "ڪرم ۽ مذهب"، "لائبريري سائنس ۽ ان جا اصول"، "ڪتب خانن جي اهميت"، "لائبريري سائنس جي تعليم" ۽ "حوالي واريون خدمتون" شامل آهن هن 18 مئي 2018ع تي پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 138سال 2026

مسمات ضميران ڌيءُ رياض حسين مگنهار رهاڪو سامهون ياجوا پيٽرول پمپ تعلقو سڪرنڊ ..پلينٽف..بخلاف.. فرمان علي ولد غلام رضا عرف غلام علي رهاڪو 17 اسٽاپ ديهه 17 ڊاڪ تعلقو نوابشاهه 03083182346 . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 143سال 2026

مسمات شبنم ڌي خاصخيلي رهاڪو ڳوٺ محمد يوسف خاصخيلي تعلقو سڪرنڊ ..پلينٽف..بخلاف.. نذير ولد ارباب خاصخيلي رهاڪو پير ذڪري نمبر 2 تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته25-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 338سال 2026

مسمات سبحانه ڌيءُ شير محمد ڪلهوڙو رهاڪو ڳوٺ عبداللطيف عباسي تعلقو دوڙ ..پلينٽف..بخلاف.. دلبر عرف دلشير ولد محمد عمر ڪلهوڙو رهاڪو ڪنڊيارو سٽي تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ جهيز آرٽيڪلز مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته25-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالغني ولد نواز درخواست ڏني آهي ته نالي (1) مٺن ولد خليفو پورو (2) نالي نواز ولد مٺن جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه ملي 2 ٽپو ملي تعلقي بدين ۾ بلاڪ نمبر ۾ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ديهه ملي 2 ٽپو ملي تعلقي بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي (1) نالي مٺن ولد خليفو پورو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 نواز پٽ فوتي جو 2 محمد عرس پٽ فوتي جو 3 محمد شفيع پٽ فوتي جو 4 ولايت ڌي فوتي جي تفصيل فوتي (2) نالي نواز ولد مٺن جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد پورو پٽ فوتي جو 2 عبدالغني پٽ فوتي جو 3 غلام مصطفي پٽ فوتي جو 4 حوران ڌي فوتي جي 5 حاجياڻي ڌي فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي ارشاد احمد ولد خدا بخش ميمڻ درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي خدا بخش ولد محمد خان ميمڻ جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه چيل ٽپو سيراڻي تعلقي ۽ ضلع بدين سروي نمبر 297 ۾ بيٺ مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام شاهي بازار شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي خدا بخش ولد محمد ميمڻ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 آفتاب احمد پٽ فوتي جو 2 نثار احمد پٽ فوتي جو 3 ارشاد احمد پٽ فوتي جو 4 مختيار عرف نذير پٽ فوتي جو 5 ممتاز احمد پٽ فوتي جو 6 امتياز احمد فوتي جو 7 مسمات شاهده ڌي فوتي جي 8 مسمات حميرا عرف نورجهان زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر خاص وعام کي اطلاع ٿي ڏجي ته نالي محمد سومار ولد محمد موسيٰ ويڪل ٿرپارڪر وفات ڪري ويو آهي اهڙو بيان بن شاهدن هر هڪ نالي 1 محمد رمضان راجڙ 2 محمد صادق راجڙاسان جي ڪورٽ ۾ ڏنو آهي هن وڌيڪ ڄاڻايو آهي ته فوتي فوت ٿيڻ وقت هيٺان حيات وارث ڇڏيا آهن (1) .محمد جمن ولد مرحوم محمد سومار (2) پاگان زال حاڪم علي ڌيءُ محمد سومار فوتي جي نالي پلاٽ B/71 واقع گلشن اقبال ديهه 110 تعلقوحسين بخش مري جي فوتي کاتي بدل جي لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿين وارثن فوتي کاتي تي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشتهار جي اشاعت کان پوءِ ستن ڏينهن اندر اسان جي ڪورٽ ۾ اعتراض نامو لکت ۾ داخل ڪرائي ٻي صورت ۾ اهڙو فوتي کاتو جاري ڪيو ويندو ۽ بعد ۾ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو

مختيار ڪار روينيو تعلقوحسين بخش مري
ضلعو ميرپورخاص

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته اٿون نياز احمد عباسي ولد عبدالغني عباسي شناختي ڪارڊ نمبر 4130321811697 هڪ عدد پلاٽ نمبر A-288 ايراضي 240 مربع چورس بلاڪ اي واقع گلشن زيل پاڪ ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لطيف آباد حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ محمد اسلم کهتري ولد عبدالعزيز کهتري شناختي ڪارڊ نمبر 4130453184705 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان چيئرمين سوسائٽي کي تحريري طور آگاهه ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ پلاٽ جي ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

فيصل محبوب ميمڻ 03119900186

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار اسد حسين پنهور ولد خادم حسين رهاڪو ڳوٺ علي محمد پنهور تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي خادم حسين ولد محمد هاشم تاريخ 16-12-2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر19 ايراضي حصي موجب ديهه ٽپو اي هوسڙي تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) شهمير پنهور (پٽ) (2) اسد حسين (پٽ) (3) واجد حسين (پٽ) (4) راشد علي (پٽ) (5) راشده (ڌي) (6) رومانه (ڌي) (7) راحيله (ڌي) (8) فائزه (ڌي) (9) مسمات شاهدان (بيواهه) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالاڪٽ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار يارمحمد ولد غلام حسين رهاڪو مير محلا وارڊ 1 ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مائي آمي ولد محمد عمر زال غلام حسين تاريخ 15-03-2003تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر2/194/1,193 ديهه سپاهڪي ٽپو اي حسين خان لوڙهو تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) محرم (پٽ) (2) يارمحمد (3) مسمات مريم (ڌي) (4) مسمات لال خاتون (ڌي) (5) مسمات مينا (ڌي)جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالاڪٽ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج IX حيدرآباد
(روبرو جناب مس حميرا اونڙ)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات مسڪان ڌيءُ محمد لقمان رهاڪو گهر نمبر 660 بلاڪ بي يونٽ نمبر 2 لطيف آباد حيدرآباد..پلينٽف..بخلاف.. ساجد ولد محمد خالد رهاڪو گهر نمبر 597 محلہ عامل ڪالوني هيرآباد حيدرآباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ريما ڌيءُ محمد ايوب لنڊ رهاڪو ڪڇي آبادي سائيٽ ايريا جوڻيجو ڪالوني حيدرآباد..پلينٽف..بخلاف.. جاني ولد حاجي حنيف ذات لنڊ رهاڪو ڳوٺ غلام حسين لنڊ تعلقو ضلعو الهيار حال ماروي ٽائون قاسم آباد حيدرآباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات سويرا..پلينٽف..بخلاف.. اويس علي ولد انور علي ذات راجپوت رهاڪو فتح پور محلہ راجپوت ڪالوني ماتلي ضلعو بدين 03423685728 . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊاور اماؤنٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج IX حيدرآباد
(روبرو جناب مس حميرا اونڙ)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات شبانه ڌيءُ محمد خان رهاڪو علي آباد ڪالوني يونٽ نمبر 04 ڪچي آبادي لطيف آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. عمران ولد احمد رهاڪو لو لاشاري ڪالي موري حيدرآباد 0320142615 . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج XI حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر 368 سال 2026

مسمات زيب النسا بيواهه عابد علي رهاڪو ڳوٺ حاجي راول ڀهوڙ ٽنڊو قيصر تعلقو ضلعو حيدرآباد ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. جنرل پبلڪ ايٽ لارج. . ايونٽس (1) نوشابه عمر 09 سال (2) ابراهيم عمر 07 سال ٻئي ڌيءُ پٽ مرحوم عابد علي رهاڪو ڳوٺ حاجي راول ڀهوڙ ٽنڊو قيصر تعلقو ضلعو حيدرآباد.مائنر

.مٿين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10 ۽ 29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج XI حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر 369 سال 2026

مسمات شازيه بيواهه شاهنواز رهاڪو ڳوٺ حاجي راول ڀهوڙ ٽنڊو قيصر تعلقو ضلعو حيدرآباد ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. جنرل پبلڪ ايٽ لارج . ايونٽس (1) عليه عمر 11 سال (2) عائشه عمر 03 سال (3)محمد حسن عمر 05 سال (4) مسڪان عمر 17 سال (5) سحر عمر 15 سال سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم شاهنواز رهاڪو ڳوٺ حاجي راول ڀهوڙ ٽنڊو قيصر تعلقو ضلعو حيدرآباد.مائنر

.مٿين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10 ۽ 29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 351 سال 2026

مسمات فرزانه ..پلينٽف..بخلاف.. فياض احمد ولد امير علي ذات چانڊيو رهاڪو علي آباد ضلعو لاڙڪاڻو بي ايس رحمت پور ضلعو لاڙڪاڻو. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 87 سال 2026

مسمات شمائلا ڌيءُ شريف رهاڪو پوليس لائن هيڊ ڪوارٽر ميرپورخاص 03033062837 ..پلينٽف..بخلاف.. حارث ولد گل محمد رهاڪو حيات خاصخيلي تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ اينڊ رڪوري آف پرسنل بلانگس ڊاڪيومينٽس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I/MTMC ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 136 سال 2026

مسمات رابعه ڌيءُ غلام شبير ذات جلا لاني بروچ رهاڪو ٻاڙو ريلوي اسٽيشن هالا نيو ضلعو مٽياري ..پلينٽف..بخلاف.. عبدالله جتوئي ولد نواب ذات جتوئي رهاڪو احمد خان جتوئي ضلعو ٺٽو. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات خان دل زال ذوالفقار ذات سهتو رهاڪو ڳوٺ چانڊهورو بي او سعيد ميتو تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ..پلينٽف..بخلاف.. ذوالفقار ولد لکانو سهتو رهاڪو ڳوٺ چانڊهورو بي او سعيد ميتو تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف پاسٽ فيوچر مينٽيننس،ميڊيڪل، ڊليوري جو خرچو رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

وڪيلن ۽ مختلف سياسي، سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو، قومي عوامي تحريڪ ضلعي دادو جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو پي پي آءِ اڳواڻ ايوب ڪوسو عوامي پورهيت تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ رحيم بخش ٻگهيو ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو شيعا علماء ڪائونسل جي اڳواڻ صابر راڄڻ اسماعيل بروهي اشتياق تنيو محمد عرس ڪوسو جهانگير ابڙو محبوب ڪوسو فاروق سومرو ۽ ٻين ڪئي احتجاج ۾ وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي مظاهرين سنئما چونڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي، جيڪا شهر جي مختلف مک رستن کان ٿيندي گهنٽا گهر چوڪ تي پهتي، جتي مظاهرين سخت گرمي ۽ تپش جي باوجود ٻن ڪلاڪن تائين ڌرڻو هنيو ان موقعي تي مظاهرين پاران شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ نعريبازي ڪئي وئي ۽ چونڊيل نمائندن توڙي لاڳاپيل انتظاميا کان مسئلن جو فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته ميهڙ شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ واٽر سپلاءِ جو پاڻي صاف نه هجڻ سبب شهرين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جڏهن ته گندي پاڻي ۽ صفائي جي ناقص انتظامن سبب صحت بابت خدشا پڻ پيدا ٿي رهيا آهن هنن چيو ته شهر ۾ صفائي سٿرائي جو نظام بهتر نه هجڻ ڪري مختلف علائقن ۾ گندگي جا ڍير موجود آهن جنهن سبب شهرين کي تڪليفون پيش اچي رهيون آهن مظاهرين وڌيڪ چيو ته ميهڙ ۾ بدامني جي وڌندڙ واقعن سبب شهري ۽ واپاري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن تنهن ڪري پوليس ۽ لاڳاپيل انتظاميا کي امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن اڳواڻن چيو ته شهرين کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي بهتر صفائي ۽ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ انتظاميا جي ذميواري آهي هنن مطالبو ڪيو ته واٽر سپلاءِ جي نظام کي فوري طور درست ڪري شهرين کي صاف پاڻي فراهم ڪيو وڃي شهر جي صفائي سٿرائي جو نظام بهتر بڻايو وڃي ۽ بدامني جي خاتمي لاءِ پوليس گشت ۽ امن امان جا انتظام سخت ڪيا وڃن مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ميهڙ جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم نه کنيا ويا ته شهري اتحاد پاران احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ۽ مسئلن جي حل تائين جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

ڪڇهري ڪافي جي گادي نشين سيد محفوظ شاهه جي اباڻي قبرستان مٿان ناجائز قبضو ڪيو آهي جنهن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ اڄ جو اسان جو احتجاج به انهي ناجائزين خلاف آهي قانون جي ڪنهن به لحاظ ۾ اوقاف کاتو قبرستان مٿان قبضو نٿو ڪري سگهي قبرستان ۾ سادا ۽ سئو سال کان لال شهباز جا گادي نشين رکيل آهن هنن وڌيڪ چيو ته 1968 ۾ فيصلو به ڪيو ويو ته قبرستان سيدن وٽ رهندو ۽ انهي زمين جا ڪاتا به سيدن وٽ موجود آهن پر انهي هوندي به اوقاف کاتو ڪجهه عرصي کان ناجائز قبضو ڪري ڇڏيو آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي قبرستان مٿان قبضو ختم ڪري سيدن سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران ڪيس ضروري طبي امداد فراهم ڪئي وئي،جتي ڪتي جي حملي واري واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته شهرين انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته آواره ۽ چتي ڪتن خلاف ترت اثرائتي ڪارروائي ڪري شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

کليل آسمان هيٺ اچي ويا آهن هنن سرندي وارن سماجي تنظيمن ۽ چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي آهي ته متاثر خاندانن جي هر ممڪن مدد ڪئي وڃي

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

دعوي ڪئي وئي آهي ياد رهي ته هي جوابدار چار ڏينهن اڳ گرفتار هجڻ جا اطلاع آهن

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

ته پوليس کي شهرين ۽ واپارين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل زرعي دوائون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

بلاڪ ٽريفڪ معطل احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته پوليس سندن ڀائرن کي بناجواز گرفتار ڪري تشدد جو نشانو بڻايو آهي، جڏهن ته پوليس موجب گرفتاريون قانوني ڪارروائي تحت ڪيون ويون لڳ ڀڳ چار ڪلاڪ روڊ بند رهڻ سبب گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون ڊي ايس پي جي اڳواڻي ۾ پوليس پهچي روڊ کولرايس جنهن دوران ڇڪتاڻ پيدا ٿي بعد ۾ شهر ۾ جزوي شٽر بند هڙتال پڻ ڪئي وئي تعلقي اسپتال جاتي پرسان ڪجهه ماڻهن پاران پوليس گاڏين تي پٿراءُ ڪرڻ بعد پوليس هوائي فائرنگ ڪري هجوم کي منتشر ڪري ڇڏيو واقعي کان پوءِ پوليس ليڊي پوليس سميت وارڊ نمبر 2 ۾ ڪارروائي ڪئي جتي هڪ وڌيڪ نوجوان قادر ڦهيم کي حراست ۾ ورتو ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جڏهن ته علائقي ۾ ڇڪتاڻ سبب خوف ۽ هراس جي صورتحال برقرار رهي

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

مختلف علائقن ۾ روڊن فوٽ پاٿن ۽ سرڪاري هنڌن تي قائم غيرقانوني حد دخلين ۽ قبضا ختم ڪرايا ويا ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر نويد علي ڪوڪر ۽ چيف ميونسپل آفيسر قمر زمان آنڌڙ چيو ته عدالت جي حڪم تي سڄي شهر ۾ حد دخلين خلاف ڪارروائي جاري آهي، پهرين مرحلي ۾ غيرقانوني قبضا ۽ حد دخليون ختم ڪرايون پيون وڃن جڏهن ته ٻيهر حد دخليون قائم ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ گهوٽڪي جي سيڪنڊ سول جج منظور خان ڏاريجو جي عدالت، ايڊووڪيٽ نويد سميجو پاران حد دخلين خلاف داخل درخواست تي فيصلو ٻڌائيندي انتظاميا کي 24 سيپٽمبر تائين سمورا غيرقانوني قبضا ۽ حد دخليون ختم ڪرائي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

زور تي موٽر سائيڪل موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦري فرار ٿي ويا ذريعن موجب ذوالفقار لغاري ڊگهڙي شهر مان وڃي رهيو هو ته ٻجل چانگ پرسان 125 موٽر سائيڪل تي سوار ٽن نامعلوم هٿيار بندن ڪيس روڪي هٿيارن جي زور تي اپلائيڊ سي ڊي 70 موٽر سائيڪل موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦري ورتي ۽ فرار ٿي ويا وارادات ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته شهرين پاران پوليس کان ڦرجي وارداتن کي روڪڻ ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

ٻڌايو ته هوءِ انٽر جي شاگردياڻي آهي ۽ روزانو گهران ڪاليج ويندي هُئي پر جوابدار مبينا طور ڪيس مسلسل تنگ ۽ حراسان ڪري رهيو آهي ۽ زبردستي دوستي رکڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيو آهي شاگردياڻي موجب دوستي کان انڪار ڪرڻ تي ڪيس مبينا طور سنگين ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جنهن سبب هوءِ سخت خوف ۽ پريشاني ۾ مبتلا ٿي وئي آهي ۽ پنهنجي جان جي تحفظ خاطر ڪاليج وڃڻ پڻ ڇڏي ڏنو آهي حسينا سومرو ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته مبينا حراسان ڪندڙ جوابدار خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪيس بنا خوف جي تعليم جاري رکڻ لاءِ محفوظ ماحول يقيني بڻايو وڃي

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

اتي ٽريفڪ پوليس جو نوجوان مقرر ڪري ننڍي عمر جي ڊرائيور کي چالان ڏيارايو وڃي ۽ اهڙي رپورٽ روز لاڳاپيل اداري ۾ جمع ڪرائي وڃي . ايس ايس پي ڄامشورو جي اهڙي حڪم بعد ضلعي ڄامشورو اندر پوليس حرڪت ۾ اچي وئي ۽ عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو پاڻ ٿين پيا . جنهن جي ڪري اڪثر معصوم ٻار ٽئنڪر هيٺان اچي فوت ٿيڻ جا واقعا وڌي ويا. هوڏانهن ايس ايس پي ڄامشورو جي اهڙي حڪم بعد سياسي ، سماجي ۽ رهواسين جو چوڻ هو ته بهترين ۽ وقتائتو فيصلو آهي جنهن سان ٽئنڪر مافيا کي به لغام ملندو هنن چيو ته پوليس جي اهڙي عمل کي اسان سلام پيش ڪريون ٿا ۽ اها اميد رکون ٿا ڪوٽڙي ۽ آسپاس علائقن مان منشيات جو خاتمو آڻڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

خراب هجڻ سبب پوزداروڏا مان تعلقہ اسپتال ٺري ميرواهه منتقل ڪيو ويو علاج لاءِ جڏهن ته ان موقعي تي لعل ڏنو ڳاهو ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڳوٺ جي بااثر علي خان ڳاهو روشن ڳاهو محمد خان ڳاهو مبارڪ ڳاهو محمد نواز ڳاهو شريف ڳاهو ڪٿينسر ڳاهو ارشاد علي ڳاهو ۽ علي گلاب ڳاهو 15 کان وڌيڪ هٿيار بند ساڻ ڪري اسان جي گهرن مٿان فائرنگ ڪري حملو ڪري عورتن سميت 4 ماڻهون زخمي ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا ۽ جوابداربااثر آهن اڳ به گهر کي باهه ڏني ۽ اسان مٿان ڪوڙا ڪيس به داخل ڪرايا آهن اسان جي زخمين جي حالت خراب آهي اسان مسڪين غريب آهيون بااثر وڏيري علي خان ڳاهو ۽ سندس پٽ روشن ڳاهو اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هو بااثر ۽ پئسي وارا آهن ۽ علائقي جا با اثر جوابدارن جي حمايت پيا ڪن هنن آءِ جي سنڌ وزير اعلي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور نوٽيس وٺي جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

وحدت سنڌ مارچ ڪيو ويندو ان ئي سلسلي ۾ سڄي سنڌ ۾ سجاڳي مهم هلائي 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ به وحدت سنڌ مارچ ڪيو ويندو اجلاس ۾ سياسي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو چيو ويو ته وفاقي قوتون سنڌ جي زرعي زمين سامونڊي پٽي تيل گيس ڪوئلي معدنيات ۽ ڪڇي جي زمينن سميت سنڌو درياهه تي قبضو ڪرڻ گهرن ٿيون اهڙو ڪو به عمل سنڌي قوم ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي اسين واضع ڪريون ٿا ته سنڌ جي وحدت کي لاڳو خطرن سميت سمورن مسئلن خلاف جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران گڏيل قومي جدوجهد ڪئي ويندي اجلاس ۾ ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ويو ته متحده قومي موومينٽ جي قائد الطاف حسين پاران نون صوبن جي مخالفت ڪرڻ ۽ سنڌ جي وحدت جي حمايت ڪرڻ واري ڳالهه جي رهبر ڪميٽي آجيان ڪري ٿي سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جا مستقل رهواسي آهن ۽ ڀائرن وانگر گڏجي رهڻ گهرن ٿا سنڌ ۾ نسلي ۽ لساني تضاد پيدا ڪرڻ وارين سمورين ڪوششن کي ناڪام بڻايو ويندو ۽ ان سلسلي ۾ الطاف حسين جو هاڻوڪو موقف ساراهه جوڳو آهي اجلاس ۾ سنڌ حڪومت جي ان موقف تي ته نون صوبن بابت نيشنل اسيمبلي ۾ هاڻي وڌيڪ بحث نٿو ڪري سگهجي ان جي حمايت ڪئي وئي ساڳئي وقت بلاول ڀٽو زرداري پاران نيشنل اسيمبلي ۾ اهڙو بحث ڪرائڻ واري ڳالهه کي سختي سان رد ڪيو ويو اجلاس ۾ وڌيڪ چيو ته جيڪو به سردار نواب يا جاگيردار نون صوبن انتظامي يونٽن يا سنڌ ورهائڻ جي ڪنهن حمايت ڪندو ته ان جو گهيراءُ ڪيو ويندو سنڌي عوام اهڙن غدارن کي مڪمل رد ڪري ڇڏيندو سنڌ جي سامونڊي پٽي ۽ بندرگاهن جي اهميت وڌي وئي آهي تنهن ڪري وفاق ڪراچي سميت ساحلي پٽي تي قبضو ڪرڻ گهري ٿو ڪيٽي بندر ۾ نئون بندرگاهه ٺاهڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهي رهبر ڪميٽي بندر رٿا کي يا زمينن تي قبضي ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ ڪئنالن توڙي ڊيمن کي رد ڪري ٿي اجلاس ۾ غفارميرجت پنهل ساريو محمد علي خشڪ الاهي بخش چاچڙ اياز سولنگي،اعظم فاروقي احمد خان ڪوسو ماجد ڀٽو ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

سگهيو ان سلسلي ۾ سندس پيءُ غلام قادر ڪوسو اسلم ڪوسو پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو ٻڌايو ته معذور نوجوان شهر ۾ دوا وٺڻ لاءِ آيو هو جيڪو گم ٿي ويو آهي جنهن جي گهڻي ڳولا باوجود هٿ ناهي آيو هنن اعلي اختيارين کان نوجوان جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي هوڏانهن مشائخ هوتي ٿاڻي تي گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪرائي وئي آهي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

حميدالرحمان ۽ سينيئر صحافي اعجاز لغاري،عبدالرسول چانڊيو سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي هن کين سکر ۾ جمعيت علماء اسلام جي اهتمام هيٺ منعقد ٿيندڙ عالمي امن ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ملاقات دوران ملڪ جي مجموعي صورتحال خطي ۾ امن امان جي ضرورت ۽ عالمي سطح تي جاري ڇڪتاڻ سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڊاڪٽر آءِ جي انصاري صحافين کي عالمي امن ڪانفرنس جي مقصدن ۽ اهميت بابت آگاهه ڪندي چيو ته جمعيت علماء اسلام دنيا ۾ امن، ڀائيچاري، رواداري ۽ انساني قدرن جي واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿي ان موقعي تي جي يو آءِ ضلعي حيدرآباد جو جنرل سيڪريٽري خالد ڏامراهه جي يو آءِ حيدرآباد جا اڳواڻ اعظم جهانگيري، سعدالله جهانگيري، آصف علي ڀٽي، زاهد حسين رند، عبدالله انصاري ۽ محمد حسن ڀٽي پڻ ساڻس گڏ هئا. ڊاڪٽر اي جي انصاري ڳالهائيندي چيو ته جمعيت علماء اسلام جي اهتمام هيٺ 19، 20 ۽ 21 مارچ تي سکر ۾ عالمي امن ڪانفرنس منعقد ڪئي پئي وڃي جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جا اڳواڻ شرڪت ڪندا ڪانفرنس جو مقصد عالمي سطح تي امن جي قيام جنگين جي خاتمي، باهمي هم آهنگي ۽ انسانيت کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ گڏيل ڪوششن کي هٿي وٺرائڻ آهي هن چيو ته اڄ سڄي دنيا کي امن جي سخت ضرورت آهي دنيا جي مختلف خطن ۾ جاري جنگين ۽ تڪرارن سبب لکين بيگناهه انسان پنهنجون جانيون وڃائي رهيا آهن جڏهن ته وڏي انگ ۾ ماڻهو بي گهر ٿيڻ سان گڏ بنيادي انساني ضرورتن کان به محروم ٿي رهيا آهن جنگين جا تباهه ڪندڙ اثر رڳو متاثر ملڪن تائين محدود نٿا رهن پر انهن جا اثر سڄي دنيا تي پون ٿا. ڊاڪٽر اي جي انصاري چيو ته انساني جانين جو تحفظ، مظلوم عوام کي انصاف فراهم ڪرڻ ۽ تڪرارن جو پرامن حل وقت جي اهم ضرورت آهي عالمي برادري کي گهرجي ته جنگين جي خاتمي ۽ پائيدار امن جي قيام لاءِ سنجيده قدم کڻي ۽ طاقت جي استعمال بدران ڳالهين افهام تفهيم ۽ سفارتي ذريعن کي ترجيح ڏئي هن وڌيڪ چيو ته جمعيت علماء اسلام امن جي قيام کي پنهنجي اهم ذميواري سمجهي ٿي ۽ عالمي امن ڪانفرنس پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪوشش آهي ڪانفرنس ۾ شريڪ اڳواڻ عالمي مسئلن جنگين جي انساني زندگيءَ تي پوندڙ اثرن ۽ امن جي فروغ لاءِ گڏيل حڪمت عملي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪندا.

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

ريو ان موقعي تي چنيسر آريسر پاران صدر حاجي رضا محمد آريسر کي صدارتي پڳ ٻڌرائي وئي جنهن ۾ سڀني معززين پڳڪي جا وڙ ڏنا ان موقعي تي آريسر اتحاد تنظيم جي معززين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي برادري جي نوجوانن کي هدايت ڪندي چيو ته سڀ کان پهرين نوجوان ۽ نياڻين جي تعليم کي اوليت ڏيڻ ۽ آريسر اتحاد پاران برادري جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تعليم پرائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ مفت هاسٽل قائم ڪري تمام سهولتون مهيا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو گڏجاڻي ۾ برادري کي تعليم کان علاوه صحت پيئڻ جي پاڻي ۽ بيروزگارن جي لاءِ روزگار جي انتظام سميت مختلف مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تمام جلد عملي قدم کڻڻ تي غور ويچار ڪيو ويو گڏجاڻي کي آريسر اتحاد جي اڳواڻن چيو ته تنظيم جو مقصد صرف برادري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ نه پر اجتماعي وسيلا گڏ ڪري عملي طور تعليم صحت ۽ پاڻي جي مسئلن تي ڪم ڪرڻ آهي ان موقعي تي ٻڌايو ويو ته ٿر جي مختلف علائقن ۾ آريسر اتحاد تنظيم سنڌ جي صدر حاجي رضا محمد آريسر پاران پنهنجي ذاتي خرچ تي لکين روپين جي لاڳت سان سولر پمپ لڳرائي پيئڻ جي پاڻي جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا آهن ان موقعي تي چنيسر آريسر پاران سموري برادري جي معززين کي سنڌ جي ثقافت لونگي جا تحفا پيش ڪيا ۽ سندس شڪريو ادا ڪيو ويو گڏجاڻي ۾ آريسر اتحاد تنظيم سنڌ جي سرپرست اعليٰ حاجي احمد علي آريسر صدر حاجي رضا محمد آريسر جنرل سيڪريٽري [illegible] حاجي دائود آريس حبيب الله آريس جوائنٽ سيڪريٽري مهر علي آريس خزانچي فقير علي خان آريس پريس سيڪريٽري غلام قادر آريسر سميت ورڪنگ ڪميٽي جي ميمبرن غلام حسين آريسر ڏاڏا محمد ٻجل آريسر خان محمد آريسر،غلام مصطفي جي ايم آريسر حاجي خان آريسر مير حسن آريسر عبدالواحد آريسر نويد آريسر حاجي منير آريسر مولوي اياز آريسر علي گوهر آريسر منير علي محمد آريسر ماستر محمد حسين آريسر محمد سليمان آريسر نياز علي آريسر محمد قاسم آريسر منٺار آريسر شاهد علي آريسر مولوي خميسو آريسر محرم علي آريسر ۽ محمد علي آريسر علي اصغر آريسر الله بخش اي بي آريسر ميرحسن آريسر زوهيب آريسر فرمان لال محمد آريسر انور علي آريسر خليفو جمالدين آريسر رجب علي آريسر غلام رسول آريسر سميت وڏي انگ ۾ برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

بيماري ۾ مبتلا آهي جڏهن ڳالهائڻ ۾ به ڪيس مسئلو پيش ايندو آهي جنهن سبب ڳالهائي به نه سگهندو آهي هن الزام هڻندي چيو ته سندس ڏير جاويد، رحيم، رزاق مصري ۽ ضمير منهنجي ۽ منهنجي مڙس سوڌو ٻارن کي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻائيندا آهن جڏهن ته گهر خالي نه ڪرڻ جي صورت ۾ پيٽرول هاري مونکي گهرياتين سوڌو ساڙي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيو ته مونکي ۽ منهنجي مڙس ۽ ٻارن کي ڄاڻايل ماڻهن مان جاني خطرو آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

منشيات جي استعمال ۽ وڪري جون سرگرميون جاري آهن جڏهن ته نشي جي عادي ماڻهن جي اچ وڃ سبب پاڙي جو ماحول خراب ٿي رهيو آهي علائقي واسين الزام لڳايو ته اهڙن ماڻهن پاران مبينا طور روزاني بنياد تي چوري جون وارداتون پڻ ڪيون وڃن ٿيون جنهن ڪري شهرين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي رهواسين وڌيڪ چيو ته بار بار شڪايتن باوجود لاڳاپيل پوليس پاران اثرائتي ڪارروائي نه ٿيڻ سبب مسئلو ڏينهون ڏينهن سنگين بڻجي رهيو آهي ۽ علائقو مبينا طور منشيات جي سرگرمين جو مرڪز بڻجي ويو آهي علائقي واسين ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته گباڻي ڦاٽڪ پرسان لاکو پير مڪسي پاڙي جو نوٽيس وٺي منشيات جي خاتمي، چوري جي وارداتن جي روڪٿام ۽ سرڪاري پاڻي جي لائين کي نقصان پهچائيندڙ ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته علائقي ۾ پوليس گشت وڌائي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

ميڊيا سان ڳالهائيندي جسقم آريسر مرڪزي اڳواڻ عبدالفتاح چنا، محمد علي لغاري، زاهد چنه ۽ ٻين چيو ته ڪوٽڙي مان 3 نوجوانن کي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کڻي گم ڪيو آهي ا جنهن کي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا آهن انهن کي آزاد نه ڪيو ويو وڃي جنهن جي ڪري هنن جي گهرن ۾ ماتم برپا آهي هنن چيو ته هنن جو ڪو ڏوهه آهي ته هنن کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي هڪ طرف سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ۽ ٻئي طرف سنڌ جا نوجوان کڻي گم ڪيا پيا وڃن هي ڪٿان جو قانون آهي هنن مطالبو ڪيو ته ٻبلو برفت، دانيال جاگيراڻي، حنيف هالو ۽ ٻين گم ڪيل نوجوانن کي جلد بازياب ڪرايو وڃي، نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

راڳ جي فن سان سندس وابستگي نهايت گهري ۽ فطري هئي هن چيو ته گلزار علي خان پنهنجي فن وسيلي راڳ جي روايت کي اڳتي وڌايو.راڳي استاد عبدالغفور سومري چيو ته استاد گلزار علي خان کان تربيت وٺڻ کان اڳ اسان صحيح معنيٰ ۾ رياض به نه ڪندا هئاسين سندس سکيا کان پوءِ سمجهه ۾ آيو ته راڳ ۾ رياض جي وڏي اهميت آهي ۽ راڳ جي فن ۾ مشق ۽ پابندي جو ڪيترو قدر آهي هن چيو ته استاد گلزار علي جي فني تربيت سندس لاءِ زندگيءَ جو اهم سرمايو آهي خيرپور آرٽس ڪائونسل جي صدر مختيار ملڪ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته استاد گلزار علي خان هڪ سچو ڪلاڪار هو هن شروعات ۾ ڳاچ سان گڏ ناچ به ڪيو ۽ سنڌ ۾ راڳ فن ۾ پاڻ مڃايو ۽ ملهايو هو هڪ سلو موسيقار به هو جنهن ريڊيو تي ڪيترن ئي راڳين جي لاءِ ڪلامن جو ڌنون ترتيب ڏنيون هن ساز وڄائڻ ۾ به مهارت رکندڙ هو ڪيو هن چيو ته استاد گلزار علي خان جهڙا راڳي ڪنهن به سماج جو قومي سرمايو هوندا آهن جيڪي پنهنجي فن جي حوالي سان امر رهندا آهن ۽ جن جي مڃتا هڪ قومي ذميواري آهي ورسي تقريب جي ٻئي حصي ۾ راڳ رنگ جي محفل منعقد ٿي جنهن کي "سرن پري سار" جو عنوان ڏنو ويو محفل ۾ استاد حميد علي سيوهاڻي استاد عبدالغفور سومري، رخسانه سورٺ ۽ دعا علي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري سرن جي ورکا ڪئي، جن کي حاضرين جو ڀرپور داد ڏنو ان موقعي تي موسيقي شعبي جي ڪنوينر شريف عباسي آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا، جڏهن ته ناميارن شاعر ۽ اديب امر اقبال تقريب جي ڪارروائي ڪمپيئر طور سرانجام ڏني تقريب ۾ قربان منگي حيدار جاگيراڻي، تاج سروهي، پروفيسر حيات ڀٽي، منظور خاموش لاشاري، مريد ابو پوٽو، نادر علي سهاڳ، آسيه برڙو فريحا ميمڻ گل بانو برڙو خاوند ڏنو لاڙڪ، انور پرديسي، قاسم ملڪ، انور سانول، پروفيسر گل ڪٿوهر خادم منگي، قاضي مدهوش، ملمد يوسف ڪوريو خادم ڪلهوڙو، ساگر صفي، ڪليم شيخ جان عباسي، نادر علي سهاڳ ۽ اختر ڪوڪر سميت ڪيترن ئي ناميارن شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب دوران استاد گلزار علي خان جي فني خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪيو ويو

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

مسمات سمرين جانوري جو چوڻ هو ته هوءِ پنهنجي ٻن ٻچن ۽ ٻن ديرن سان گڏ ڪراچي جي گهر ۾ رهندي آهيان هن ٻڌايو ته خيرپور جي عدالت مان ڪارروائي بعد پنهنجي ٻن ديرن سان گڏ واپس گهر وڃي رهي هئي ته رستي ۾ سندس مڙس مبينا طور پنهنجي دوستن سان گڏجي مٿن حملو ڪيو ۽ سندس نياڻي کي زبردستي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هن الزام هنيو ته واقعي دوران ڪيس ۽ سندس ٻارن کي ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويون آهين اسان جي زندگيءَ کي خطرو آهي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي متاثر عورت آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي ڪيس ۽ سندس ٻارن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ مبينا طور حملو ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

شاهه محمد لغاري لغاري اتحاد بدين ضلع جي صدر رئيس امتياز علي لغاري، چيئرمين عظيم خان لغاري، تعلقا صدر لغاري اتحاد بادشاهه لغاري، جنرل سيڪريٽري سائين محمد هاشم لغاري، سائين سليم لغاري، لغاري برادري جي مختلف اڳواڻن سميت سوين ماڻهن هن آجياڻي ۾ شرڪت ڪري پنهنجي محبوب اڳواڻن جي شاندار آجيان ڪئي ، جتي مختلف اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان جي برادري جا سنڌ ۾ وڏو قبيلو هجڻ باوجود اسان سنڌ سميت بدين ضلع ۾ مڪمل نظرانداز ڪيو ويو آهي ,هي وقت لغاري برادري جي ماڻهن جي ٻڌي ۽ اتحاد جو وقت آهي، سڀ رنجيشون وساري اسان کي متحد ٿيڻو پوندو , اسان کي بدين سميت جهڏو واري ٽڪن تي پ ايم پي اي جون سيٽون ملڻ گهرجن پر افسوس ته اسان کي نظر انداز ڪيو ويو آهي، برادري جي چڪي مڙس رئيس محمد حسن لغاري خطاب ڪندي چيو ته اسان جو هن ڳوٺ سان پراڻو روحاني رشتو آهي ، هن ڳوٺ ۾ اچي ڏک ٿيو اٿم ته هن يوسي ۾ اسان جا پنج ڳوٺ هجڻ باوجود هي تاريخي ڳوٺ بنيادي سهولتن کان محروم آهي، اعزازي مهمان ضلع ڪائونسل بدين جي ميمبر ۽ سابق ايم اين اي حاجي عبدالستار لغاري جي پاٽيٽي رئيس تنوير احمد سريوال خطاب ڪندي لغاري برادري جو شڪريو ادا ڪندي چيو اسان جا در هر وقت لغاري برادري لاءِ کليل آهين ,لغاري برادري اتحاد ۽ ٻڌي قائم ڪري جيئن سندس جائز مسئلا حل ڪرائي سگهون ,اسان لغاري برادري کي اڪيلو نٿا ڇڏي سگهون , رئيس گل حسن لغاري چيو ت سنڌ اندر اسان جي بلوچ قوم جو وڏا قبيلا رهن ٿا تقريب کي رئيس امتياز علي لغاري خطاب ڪندي چيو ته اسان ڪوشش ڪري بدين ضلع اندر لغاري برادري ۾ اتحاد ٻڌي ۽ ڀائيچارو قائم ڪري کين هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪريون ,تقريب کي چيئرمين عظيم لغاري خطاب ڪندي چيو ت هاڻي وقت اچي ويو آهي ت اسان لغاري برادري پاڻ ۾ سمورين رنجيشون نفرتون ختم ڪري متحد ٿيون ,تقريب کي خطاب ڪندي شاهه محمد لغاري چيو ت هاڻي اسان جي برادر ۾ ٻڌي وقت جي ضرورت آهي اسان کي رئيس محمد حسن لغاري جهڙو شريف ۽ ايماندار ماڻهو مليو آهي , سائين محمد هاشم لغاري چيو ت اسان جي خوش نصيبي آهي جو اسان کي رئيس محمد حسن لغاري ۽ رئيس تنوير احمد سريوال جهڙا سٺا بااخلاق ۽ ايماندار اڳواڻ مليا آهين اسين سڀ انهن سان هر سڏ ۾ گڏ آهيون ,سندس لک قرب جو مون غريب جي سڏ تي اسان وٽ آيا, انهي موقعي تي سنڌ جي مشهور مزاح فنڪار استاد گگهن بلوچ تقريب ۾ گيت پيش ڪري زبردست داد حاصل ڪيو ,هن سريلي ۽ ملوڪ شام جي ڪپئرنگ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اناؤنسر پياري دوست بشير احمد اديجو ڪئي ,سرهي شام ۾ ايندڙ معزز اڳواڻن جو گلاب جي گلن سان آجيان ڪندي کين ڀلي ڪار ڪئي وئي جتي رئيس محمد حسن لغاري,رئيس تنوير احمد سريوال سميت سڀني اڳواڻن کي لونگين ۽ اجرڪن جا ڪوڙ سارا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا ,جتي پروگرام جي آخر ۾ برادري معزز اڳواڻن سميت سمورن شريڪ انهي موقعي تي لغاري برادري پاران رئيس محمد حسن لغاري کي بوسڪي پڳڪو پڻ پهرايو ويو

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

مداخلت ڪري رهيو آهي جنهن کي خيرپور پوليس ۾ پڻ مايوسي پکڙيل آهي هن چيو ته پوليس پڪٽون هجڻ ڪري خيرپور جاماڻهو سڪون سان ننڊ ڪندا هئا پر پڪٽون نه هجڻ ڪري امن امان جي صورتحال خراب ٿيڻ جو خدشو آهي هن وزير داخلا سنڌ کان مطالبو ڪيو ته خيرپور ۾ ختم ڪيل پوليس پڪٽون بحال ڪري ۽ خيرپور ضلعي ۾ ڊي آئي جي سکر جي مداخلت کي روڪيو وڃي هن چيو ته جڏهن ايس ايچ او ۽ پوليس وارا ڊي آئي جي مقرر ڪندو ته پوءِ ضلعن ۾ ايس پي هجڻ جو ڪهڙو فائدو! هن چيو ته ڊي آئي جيز جي اها ذميواري آهي ته هو امن امان بحال ڪرائين نه کي پوليس پڪٽون ختم ڪن عبدالسميع پنهري چيو ته خيرپور ۾ امن امان جي صورتحال بحال ڪرڻ لاءِ خيرپور ۾ وڌيڪ پوليس فورس مقرر ڪئي وڃي هن چيو ته خيرپور ضلعو تمام وڏو ضلعو آهي جنهن ۾ پوليس نفري گهٽ آهي تنهن ڪري پوليس نفري وڌائي وڃي ۽ ڊي آئي جيز کي پنهنجي ڊيوٽي جو جيڪو ڪم آهي اهو ڪرڻ گهرجي

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

علي سميت ٽن ڄڻن کي حراست ۾ وٺي وڌيڪ پڇا ڳاڇا لاءِ نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو مندر جي خدمتگار دعويٰ ڪئي ته گرفتار شڪي ڄڻا حيدرآباد جي مختلف مندرن مان لکين رپين جي ماليت جا ڊي وي آر چوري ڪري چڪا آهن سنتوش ڪمار جو چوڻ هو ته ڄاڻايل جوابدار مندر ۾ ڪيمرائن جي مرمت ۽ سار سنڀال جي بهاني آيا هئا، پر سندن طريقيڪار شڪي محسوس ٿيڻ تي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو پوليس پاران معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته شڪي ڄڻن کان پڇا ڳاڇا بعد وڌيڪ انڪشاف ٿيڻ جو امڪان آهي

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

وئي آهي جيسڪو انتظاميا هڪ هفتي اندر ڪي ٽي پيرا جيئندل ڪوٽ فيڊر جي بجلي بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي 72 - 72 ڪلاڪ تصنعي طور بند ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب سڄو علائقو ٻارنهن ئي ڪلاڪ اونداهيءَ ۾ ٻڏل رهي ٿو ان عمل خلاف ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالرحمان بروهي ۽ ٻين پاران پريس ڪلب مسوبرڳوڙي تي احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي عبدالرحمان بروهي چيو ته هڪ طرف تيز گرمي ۽ حبس جي موسم آهي ته ٻئي طرف جيسڪو عملدارن هٿ رادو لوڊشيڊنگ ۽ غيرقانوني بليڪ آئوٽ جو نئون سسٽم جوڙي ورتو آهي هفتي ۾ مسلسل ڪي پيرا بجليءَ جي جاري هٿرادو بندش سبب نه صرف عام شهري، ٻار ۽ بيمار سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن پر پيئڻ جي پاڻيءَ جي شديد قلت پڻ پيدا ٿي وئي آهي جنهن ڪري مسجدن ۾ وضوءِ لاءِ پاڻي به اڻلڀ بڻجي ويو آهي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته جيسڪو مئنيجاري جون اهي عوام دشمن پاليسيون ۽ غيرقانوني قدم عوامي صبر جو امتحان وٺي رهيا آهن بلن جي باقاعدگي سان ادائيگي باوجود اهڙو بغير جواز جي سزا ڏيڻ وارو عمل سراسر زيادتي آهي، جنهن سان روزمره جا ڪاروبار دڪانداري ۽ تعليمي سرگرميون پڻ سخت متاثر ٿي رهيون آهن مظاهرين ننڊ جي چونڊيل نمائندن ، وفاقي وزير توانائي، جيسڪو چيف حيدرآباد ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جيسڪو مئنيجاري جي نااهل عملدارن خلاف سخت ۽ فوري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جيئندل ڪوٽ فيڊر تان هٿرادو بليڪ آئوٽ جو سلسلو بند ڪري مسوبرڳوڙي بجليءَ جو نظام فوري طور تي بحال ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ عوام روڊن تي نڪري سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندو

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

مسئلن کان تنگ ٿي گهر جي ڪمري ۾ پکي سان رسو ٻڌي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي، واقعي ڪانپوءِ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ٻئي طرف دادو ويجهو جهلو ڦاٽي جي حد ۾ نامعلوم پيرسن شخص جو لاش هٿ آيو اطلاع ملڻ تي ايس ايچ او اعجاز علي پنهور پوليس نفري سان گڏ پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو پوليس جي جاچ دوران فوتي جي سڃاڻپ سيال بند جو رهواسي محمد حسين ولد محمد ايوب ڪنڀر طور ٿي آهي، فوتي جي پيءُ صلاح الدين ڪنڀر پاڻ ٻڌايو ته پاڻ کي مرگهي هئي دوري سبب فوت ٿي ويو آهي اسان ڪابه ڪارروائي ڪرڻ نه ٿا چاهيون پوليس پاران وارثن سان رابطو ڪري واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي هوڏانهن بي سيڪشن ٿاڻي جي حد چاڻو شاهه آباد ۾ نوجوان ناري رابعا ڌيءُ نظر چانڊيو مبينا طور والدين سان ناراضگي بعد بيٽري جو پاڻي پي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ناري کي بيهوشي واري حالت ۾ ڊي ايڇ او اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن بروقت علاج ڪري سندس حياتي بچائي ورتي آهي

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

پير محمد ڪولاچي جانورن جي اسپتال قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي زمين ڏني هئي محمد يونس ڪولاچي موجب ان وقت هن جي ڏاڏي پير محمد ڪولاچي کي يقين ڏياريو ويو هو ته سندس پٽ کي اسپتال ۾ نوڪري ڏني ويندي، پر 32 سال گذرڻ باوجود اهو واعدو پورو نه ٿيو هن جو چوڻ آهي ته زمين اسپتال لاءِ قانوني طريقيڪار تحت حاصل ڪئي وئي يا نه ان بابت مڪمل جاچ ٿيڻ گهرجي جڏهن ته دعويٰ موجب زمين اڃا تائين پير محمد ڪولاچي جي نالي تي رڪارڊ ۾ موجود آهي محمد يونس ڪولاچي سنڌ حڪومت، روينيو کاتي، لائيو اسٽاڪ کاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته زمين جي رڪارڊ جي مڪمل تصديق ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن خاندان جو حق ثابت ٿئي ته قانون موجب انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

لاٿينز ٿاڻي جي ايس ايچ او جي شروعاتي رپورٽ موجب واقعو زرعي زمين جي تڪرار سبب ذاتي دشمني جو نتيجو آهي پوليس ترجمان موجب مقتول ۽ جوابدار ڪوڪر برادري سان تعلق رکن ٿا ۽ ان کان اڳ به هڪ ٻئي جي قتل ڪيسن ۾ ملوث رهيا آهن ٻئي ڌريون ٺٽون ديرو جون رهواسي آهن مارجي ويلن ۾ علي شير ڪوڪر الله ورايو ڪوڪر منصور ڪوڪر ڪار ڊرائيور غلام محي الدين مگنيجو ۽ هڪ زخمي يار محمد ڪوڪر شامل آهن واقعي واري هنڌ سميت شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليس جي وڏي نفري موجود آهي

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

اچڻ ۾ گهڻتائي ڪري حادثن جو خدشو پڻ وڌي ويو آهي،مين روڊ سان لڳ قائم ريٽي بجري جي اسٽاڪ مان اڏندڙ دز مٽي گاڏين جي گذرڻ سان وڌيڪ پکڙجي ٿي،جنهن سبب روڊ تان گذرندڙ موٽرسائيڪل سوارن ۽ گاڏين جي ڊرائيورن کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي ٿو،علائقي واسين جو چوڻ آهي ته دز مٽي جي شدت سبب ڪيترن ئي موقعن تي روڊ واضح نظر نٿو اچي،جنهن ڪري ڪنهن به وقت وڏو حادثو پيش اچڻ جو خدشو آهي،ٻئي طرف ڳوٺ مصري ميمڻ ۽ نيٺو جي ڊاٽي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته مسلسل دز مٽي سبب سندن روزمرهه جي زندگي متاثر ٿي رهي آهي گهرن ۾ رکيل سامان مٽي سان ڀرجي خراب ٿي رهيو آهي،جڏهن ته علائقي ۾ رڻ به دز مٽي سان ڍڪجي ويا آهن،رهواسين ماحولياتي آلودگي سبب صحت جي مسئلن بابت پڻ ڳڻتي ظاهر ڪئي آهي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي،ميڊيا ۾ خبرون اچڻ بعد سنڌ انوائرنمينٽل اٿارٽي جي ٽيم شاهد الرحمان جي اڳواڻي ۾ متاثر هنڌ تي پهتي،جتي ٽيم ريٽي بجري جي اسٽاڪ ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ دز مٽي جو جائزو ورتو،سنڌ انوائرنمينٽل اٿارٽي جي آفيسر شاهد الرحمان صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ميڊيا رپورٽن جو نوٽيس وٺڻ بعد ٽيم هتي پهتي آهي،هن ٻڌايو ته ريٽي ۽ بجري ٿر ڪول بلاڪ ون بلاڪ ٽو ۽ ريلوي لائين ڏانهن منتقل ڪئي وڃي ٿي پر هتي اسٽاڪ ٿيڻ سبب ڀرپاسي جي ڳوٺاڻن ۽ روڊ تي هلندڙ ٽريفڪ کي تڪليف ٿي رهي آهي،هن چيو ته ريتي بجري اسٽاڪ ڪندڙ مختلف ڪمپنين کي سختي سان هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته اسٽاڪ کي روڊ جي ڪپ کان پوئتي ڪيو وڃي ۽ دز مٽي کي روڪڻ لاءِ ضروري انتظام ڪيا وڃن ماحولياتي آلودگي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي،علائقي واسين سنڌ انوائرنمينٽل اٿارٽي جي ڪارروائي جي آجيان ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته رڳو هدايتون جاري ڪرڻ بدران ريٽي بجري جي اسٽاڪ کي آبادي ۽ روڊ کان مناسب فاصلي تي منتقل ڪرائي دز مٽي کي روڪڻ لاءِ مستقل قدم کنيا وڃن، جيئن مسافرن کي حادثن جي خطري ۽ ڳوٺاڻن کي ماحولياتي آلودگي کان ڇوٽڪارو ملي سگهي.

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

جن جي واپاري سان منهن ماري ٿي پئي جنهن تي پوليس اهلڪارن دڪاندارن مٿان فائرنگ ڪئي ۽ واپاري اسماعيل شيخ کي تشدد ڪري ڪنهي ٿاڻي تي کڻي ويا . جنهن خلاف واپاري برادري ۽ شهرين احتجاجن دڪان بند ڪري ٿاڻي تي ڌرڻو هنيو آهي .واپارين چيو ته پوليس بنا ڪنهن سبب جي فائرنگ ڪري شهر ۾ ڌهڪاءُ پکيڙيو ۽ واپاري تي تشدد ڪيو ڪيس لاڪ اپ ڪري ڇڏيو آهي واپارين چيو ته ڪٽڪ اسان جي آهي ۽ لاڪ اپ به اسان کي ڪيو پيو وڃي جيڪا اينٽي ڪرپشن جي داداگيري آهي واپارين چيف سيڪريٽري سنڌ کي اپيل ڪئي ته اينٽي ڪرپشن جي آفيسرن مٿان ايف آئي آر داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسان هائي ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪري اينٽي ڪرپشن خلاف ايف آئي آر جي اپيل ڪنداسين. ٻئي طرف ايس ايچ او صوفيديرو عبدالجبار ميمڻ ٻڌايو ته اينٽي ڪرپشن آفيسر واپارين وٽ ويا جن سان واپارين جي منهن ماري ٿي پئي جنهن تان مسئلو پيش آيو جڏهن ته وڌيڪ اسان معاملي جي انڪوائري ڪري رهيا آهيون

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

سهولتن جي سخت کوٽ آهي جنهن ۾ 3 اهم بنيادي مسئلا جيئن جو تيئن هن وقت تائين رهيا پيا آهن جيڪي ڪير به حل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي چونڊيل نمائندن شهر کي مڪمل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڪڪڙ 1942 تائين تعلقو رهي چڪو آهي جنهن کي ڪجهه جواز ڄاڻائي تعلقي جو درجو ختم ڪري خيرپور ناٿن شاهه کي تعلقو بڻايو ويو هيو جڏهن ته ڪڪڙ شهر جي هن وقت آبادي 40 هزار کان به وڌيڪ آهي جنهن ڪري ڪڪڙ کي تعلقي جو درجو ڏنو وڃي ڪڪڙ شهر ۾ صحت جي حوالي سان ڪابه سهولت موجود نه آهي شهر ۾ هڪ لوڪل ڊسپينسري موجود آهي جيڪا ڪم ڪري رهي آهي ڊسپينسري 50 سال اڳ تعمير ڪئي وئي هئي ايترو عرصو گذري وڃڻ ڪانپوءِ به ڊسپينسري کي اپ گريڊ ناهي ڪيو ويو ڊسپينسري ۾ علاج جي ڪابه سهولت موجود نه آهي جنهن سبب غريب شهري ۽ ڳوٺن جا رهواسي سخت پريشاني ۾ ورتل آهن جڏهن ته ڊسپينسري ۾ ايمرجنسي وارڊ به موجود نه آهي ۽ نه وري رات جي وقت اسپتال ۾ علاج جي سهولت آهي رات جي وقت ايمرجنسي ڊاڪٽر مقرر نه هجڻ سبب ڊسپينسري کي تالا لڳل آهن جنهن سبب ايمرجنسي ۾ غريب مسڪين ماڻهون اذيتن تڪليفن ۾ اچي وڃن ٿا ڪڪڙ ۽ آس پاس جي رهواسين جي سهولت خاطر ڊسپينسري کي اپ گريڊ ڪري آر سي ايڇ اسپتال ڏني وڃي جنهن ۾ ايمرجنسي وارڊ سميت علاج جون سمورين سهولتون موجود هجن ڪڪڙ شهر جو ڊرينيج سسٽم ڪيترن سالن کان ناڪارا ٿي ويو آهي ۽ شهر جي ڪيترن پاڙن ۾ ڊرينيج ۽ پيور بلاڪ جي سهولت ناهي مليل جنهن ۾ دينار شاهه پاڙو غريب آباد پاڙو جمالي پاڙو ۽ ٻيا شامل آهن جتي ڊرينيج ۽ پيور بلاڪ جي سهولت نه هجڻ ڪري انهن پاڙن ۾ هر طرف گندگي آهي گندگي سبب مڇرن جو آزار وڌي ويو شهرين وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر جي سمورن پاڙن کي جديد قسم جو ڊرينيج سسٽم ۽ رهيل پاڙن کي پيور بلاڪ ڏنو وڃي

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

هڪ عدد آري بليڊ هٿ ڪيون ويون آهن جوبدارن خلاف بي پي سي تحت ڪيس کهڙا ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي .

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

ڪندي منشيات فروشي جي الزام هيٺ جوابدار علي محمد گوپانگ کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب جوابدار جي قبضي مان 2 ڪلو ڀنگ هٿ ڪئي وئي گمبٽ پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪري منشيات فروشي جي الزام هيٺ جوابدار قاصر جويو کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب سندس قبضي مان شراب جون ٻوتلون هٿ ڪيون ويون.ٻيرلو چوڪي جي انچارج ٽيڙهي گشت دوران ڪارروائي ڪندي اشتهاري جوابدار نياز ٻگٽي کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

ٻڌايو ته سندس والد ڪوڪر برادري کان ڪار خريد ڪئي هئي جنهن جي مڪمل رقم جمع ڪرائڻ باوجود ڪار کسي وئي جڏهن ته ڪاغذ گهرڻ تي ڀهرين ۾ 2 ايف آءِ آرون ڪرايون ويون جڏهن ته سرڪاري نوڪري جو فائدو وٺندي چوري جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي طرف کاڻوٽ پوليس مظاهرين کي خاطري ڪرائي روڊ کولرائي ڇڏيو

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

ڪلارڪ ۽ ٽپيدار سميت ٽن ڄڻن پاران مبينا طور پرائيوايٽ جڳهه تي گهرائي اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو متاثر عورت جي فرياد تي ٺري ميرواهه ٿاڻي تي شاهد خاصخيلي حاڪم خاصخيلي ٽپيدار راجا علي گل بوزدار خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

محتسب جو استقبال ڪيو ۽ اداري جي ڪارڪردگي متعلق تفصيلي آگاهي ڏني هن ٻڌايو ته گورنمينٽ پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ آف گرلز جو قيام 1988ع ۾ عمل ۾ آيو هو ۽ اهو پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ آف گرلز اسٽيوٽا جي انتظامي ڪنٽرول ۾ ڪم ڪري رهيو آهي

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

هو پنهنجي والده سان گڏ موٽر سائيڪل تي وڃي رهيو هو ته حادثي سبب ٻئي موٽر سائيڪل تان ڪري پيا حادثي ۾ شهوار آرائين کي معمولي جڏهن ته سندس والده جي مٿي تي سخت ڌڪ لڳا.درخواست موجب شهوار پنهنجي زخمي والده کي علاج لاءِ تعلقہ اسپتال ڊگهڙي کڻي پهتو جتي پرچي ڪٽرائڻ دوران مبينا طور عدنان خاصخيلي ۽ مقصود آرائين نالي ماڻهو پڻ موجود هئا پرچي جلدي ڪٽرائڻ واري معاملي تان معمولي منهن ماري ٿي جنهن دوران سينيئر ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر امين خاصخيلي پهچي معاملو ختم ڪرائي ڇڏيو.شهوار آرائين موجب هو پنهنجي والده کي وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪرڻ بابت ليٽر ٺهرائي رهيو هو ته مبينا طور مقصود آرائين ۽ عدنان خاصخيلي سميت ٽن کان ڇهن نامعلوم ماڻهن مٿس لٺين سان حملو ڪري ڏنو درخواستگذار جو چوڻ آهي ته هنگامو ٿيڻ سبب اسپتال جو ماحول سخت ڇڪتاڻ وارو ٿي ويو ۽ اسپتال جنگ جو ميدان بڻجي ويو

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

کان منع ڪرڻ ۽ زيادتين خلاف ملاح برادري پاران هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي ڪميونٽي سينٽر کان خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي زيادتين خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي عطا محمد ملاح اختيار ملاح، غلام محمد ملاح علي رضا ملاح ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيو ته بااثرن يامين چانڊيو حاجن چانڊيو معشوق چانڊيو ظهير چانڊيو ۽ ٻيا قبضا مافيا ڪنڊيجڪي ڍنڍ تي قبضو ڪرڻ لاءِ مقامي ملاحن کي هٿيارن جي زور تي موتمار ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪري لکين رپين جي مڇي ماري ويا آهن هاڻي ٺلهه تي زبردستي قبضو ڪري رهيا آهن هنن چيو ته ٺلهه جي زمين اسان جي رڪارڊ ۾ آهي باوجود اسان کي بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته اختيار ملاح جي ٺلهه سميت ڪنڊيجڪي ڍنڍ تي غيرقانوني قبضو ڪري اسان سان انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

ٻڌائي ڇڏيو آهي شهر توڙي ٻهراڙي ۾ هر گذرندڙ ڏينهن سان عام واهپي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهن جڏهن ته پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ قيمتن سبب ٽرانسپورٽرن به ڪرايا وڌائي ڇڏيا آهن جنهن سان عام ماڻهو جي زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي شهرين عبرت ڳالهائيندي چيو ته شهر ۾ پيٽرول 400 رپيا ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ 500 رپين تائين وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون آهن جڏهن ته ٽرانسپورٽ جا ڪرايا به ٻيڻا ٿي ويا آهن شهرين جو چوڻ هو ته ٻاهرين علائقن کان ايندڙ هر شئي تي تيل ۽ ٽرانسپورٽ جي خرچ جو اثر پوي ٿو جنهن ڪري کاڌي پيتي سميت روزمره جي استعمال جون شيون عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر ٿينديون وڃن ٿيون.هنن چيو ته آبادگار کان ڪڻڪ 2500 رپيا مڻ ۾ خريد ڪئي وڃي ٿي پر ساڳئي ڪڻڪ جو اٽو لڳ ڀڳ 5000 رپيا مڻ تائين پهچي ويو آهي، آخران فرق جو بار غريب عوام ٿي ڇو برداشت ڪري؟ شهرين سوال اٿاريو ته دنيا جا ڪيترائي ملڪ ترقي جي راهه تي اڳتي وڌي رهيا آهن پر هتي وڌندڙ مهانگائي سبب عام ماڻهو پنهنجي بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پريشان آهي.هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن مهانگائي جو اهو سلسلو ائين ئي جاري رهيو ته ايندڙ وقت ۾ پيٽرول تي هلندڙ گاڏيون به عام ماڻهو لاءِ خواب بڻجي وينديون ۽ ماڻهو مجبور ٿي ٻيهر سائيڪلن ۽ ڏاند گاڏين ڏانهن موٽڻ تي مجبور ٿي ويندا. ڪوٽ غلام محمد جي عوام جو مطالبو آهي ته مهانگائي تي ضابطو آڻي تيل ۽ اٽي سميت بنيادي ضرورت وارين شين جا اگهه عام ماڻهو جي پهچ ۾ آندا وڃن جيئن غريب به عزت سان پنهنجي زندگي گذاري سگهي.

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

ڪمشنر غلام قادر خان ڏالير ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر ديدار حسن خاصخيلي گڏجي تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم جي ٽراما سينٽر جو دورو ڪيو ۽ انتظامن جو جائزو ورتو.بعد ۾ اسپتال ۾ پوليو ٽيم جي ڪارڪردگي چيڪ ڪئي ۽ جاري پوليو مهم بابت انتظامن جو جائزو وٺڻ سميت ڳوٺ زري خان سري پهچي پوليو ٽيم جي سرگرمين جو معائنو ڪيو

پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پرائیویٹ لمیٹڈ)
(اسٹیٹ بینک آف پاکستان کا مکمل ملکیتی ادارہ)

پروکیورمنٹ نوٹس
نان کنسلٹنسی سروسز کی پروکیورمنٹ

1. پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پروکیورمنٹ) نے مالی سال 2026-27ء کے لیے طے شدہ خریداری کے فنڈز مختص کیے ہیں۔ پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پروکیورمنٹ) اس فنڈ کی آمدنی کے کچھ حصے کو "P1362 " کے حوالے سے "T-4235/26/ABZ" رینٹل چلر مع تمام اسیسریز (بی او کیو کے مطابق) کی خدمات حاصل کرنے کے لیے کنٹریکٹ کے تحت لاگو کرنے کا ارادہ رکھتی ہے۔
2. پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پروکیورمنٹ) کو EPADS v2.0 پر پیشکش کے دستاویزات میں بیان کردہ نان کنسلٹنسی سروسز کی پروکیورمنٹ کے لیے اہل پیشکش دہندگان سے سر بمہر پیشکش مطلوب ہیں۔
3. اس پروکیورمنٹ کے لیے پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004ء اور اتھارٹی کی طرف سے وقت فوقتاً جاری کردہ ضوابط، ریگولیٹری گائیڈز، پروکیورمنٹ گائیڈ لائنز یا ہدایات کے مطابق "سنگل اسٹیج-ون انویلپ" طریقہ کار اور کم ترین لاگت پر مبنی انتخاب (LCBS) کی تکنیک اپنائی جائے گی۔
4. تمام بولیوں کے ساتھ بولی کی ضمانت کا ہونا لازمی ہے جیسا کہ بڈنگ دستاویز کے 'بڈ سیکورٹی' والے حصے میں بیان کیا گیا ہے، جو کہ پے آرڈر، بینک گارنٹی یا بڈ سیکورنگ ڈیکلریشن کی صورت میں تجویز کردہ فارمیٹ کے مطابق ہو۔
5. ای-بڈنگ دستاویزات، جن میں تفصیلی شرائط وضوابط، خصوصیات اور ضروریات وغیرہ شامل ہیں، ای-پاک ایکوزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم (EPADS) کے اس لنک پر دستیاب ہیں: https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/126133
6. ای-بولیاں، جو ای-بڈنگ دستاویزات کی ہدایات کے مطابق تیار کی گئی ہوں، EPADS v2.0 کے ذریعے جمعرات، 15 اکتوبر 2026ء کو صبح 11:00 بجے یا اس سے پہلے جمع کرائی جانی چاہئیں۔ ای-بولیاں اسی دن جمعرات، 15 اکتوبر 2026ء کو صبح 11:30 بجے کھولی جائیں گی۔ دستی طور پر جمع کرائی گئی بولیوں پر غور نہیں کیا جائے گا۔ وہ وینڈرز جو ابھی تک EPADS v2.0 کے نئے ورژن پر رجسٹرڈ نہیں ہیں، وہ خود کو https://vendors.epads.gov.pk/ پر رجسٹر کر سکتے ہیں۔ رجسٹریشن کے عمل کی وضاحت کے لیے ایک ویڈیو ٹیوٹوریل اسی پورٹل پر دستیاب ہے https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc
7. پبلک پروکیورمنٹ رولز، 2004ء کے رول 48 کے تحت، اس پروکیورمنٹ کے لیے شکایت کے ازالے کی کمیٹی (GRC) کو نوٹیفائی کر دیا گیا ہے اور نوٹیفکیشن کی کاپی خریداری کرنے والے ادارے کی ویب سائٹ اور اتھارٹی کی ویب سائٹ (www.ppra.org.pk) پر دستیاب ہے۔

پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پروکیورمنٹ)
ڈپٹی جنرل منیجر
جناح ایونیو، ملیر ہالٹ، کراچی, +92-992-48511
aliza.zaidi@pspc.gov.pk
PID,(K)997/26

ميهڙ ۾ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ، گندو پاڻي ۽ وڌندڙ بدامني خلاف شهرين جو احتجاج

شهري اتحاد جي سڏ تي شهرين، واپارين، وڪيلن ۽ سياسي سماجي ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

واٽر سپلاءِ جو گندو پاڻي گهرن تائين پهچڻ ۽ صفائي جي ناقص نظام خلاف مظاهرين جي نعريبازي

شهر ۾ صفائي سٿرائي جو نظام بهتر نه هجڻ ڪري مختلف علائقن ۾ گندگي جا ڍير موجود آهن:مظاهرين

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ شهر جي بنيادي مسئلن، واٽر سپلاءِ جو گندو پاڻي گهرن تائين پهچڻ صفائي سٿرائي جو نظام بهتر نه ٿيڻ ۽ وڌندڙ بدامني خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي شهرين، واپارين، بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪالهي ۾ اباڻي قبرستان تي اوقاف کاتي جي مبينا قبضي خلاف احتجاج

قلندر لال شهباز جي مريدن ۽ الشهباز فائونڊيشن جي اڳواڻن پاران مظاهرو، نعريبازي

احتجاج ڪندڙن جو قبضو ختم ڪري انصاف جو مطالبو ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌائڻ جي چتاءُ

ڪالهي(ن ع) ڪالهي شهر ۾ قلندر لال شهباز جي ڪچهري ڪافي جي گادي نشين جي اباڻي قبرستان مٿان اوقاف کاتي پاران ڪيل قبضي خلاف قلندر لال شهباز جي مريدن ۽ سماجي تنظيم الشهباز فونڊيشن جي اڳواڻن منصور گرگيز ،سجاد گرگيز ،الهبخش گرگيز ،اياز گرگيز ارشد گرگيز ۽ ٻين پاران پريس ڪلب اڳو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. انهي سلسلي ۾ احتجاج ۾ شريڪ اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اوقاف کاتي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اوقاف کاتي جا ناجائز قبضا نامنظور
سيد محفوظ حسين شاهه لڪياري
گادي نشين ڪچهري ڪافي لال شهباز قلندر

ڪالهي: اوقاف کاتي خلاف مڪراڻي برادري ۽ الشهباز فائونڊيشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڦلجي ۾ نامعلوم چور زرعي دوائن جي دڪان جي ڇت ٽوڙي سامان ڀاري ويا

چور دڪان جي ڇت ٽپي اندر پيهي لکين رپين جي زرعي دوائون ۽ روڪ رقم کڻي فرار

ٿاڻي جي ويجهو به چوري جي وارداتن تي واپاري ۽ شهري پريشان، ڪوجهي ڪٿا گهرائي چورن جا پيرا کنيا ويا

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) ڦلجي اسٽيشن ۾ ٿاڻي جي پرسان انجاڻل چورن واپاري شاهنواز چانڊيو جي زرعي دوائن واري دڪان جي ڇت ٽپي، لکين رپين جون زرعي دوائون ۽ روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا. دڪاندار شاهنواز چانڊيو جو چوڻ آهي ته دڪان ٿاڻي جي ويجهو هجڻ باوجود شهر ۾ چوري جون وارداتون وڌي رهيون آهن جنهن سبب واپاري ۽ شهري سخت پريشان آهن جڏهن ته چورن جا پيرا کڻڻ لاءِ ڪوجهي ڪٿا پڻ گهرايا ويا. دڪاندار شاهنواز چانڊيو چيو بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٽنڊو باگو لڳ وارڊ هڪ جي رهواسي خودڪشي ڪري ڇڏي، لاش اسپتال منتقل

ٽنڊو باگو (ت ر) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ 1 شيدي محلا جي رهواسي جهانزيب ولد علي اڪبر ملاح خودڪشي ڪري ڇڏي لاش ضروري ڪاروائي لاءِ تعلقي اسپتال ٽنڊو باگو آندو ويو خود ڪشي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو

پنوعاقل پوليس پاران ٽي روپوش ڌوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ مهيسرو: بي سيڪشن پوليس جي ڪارروائي ٽي روپوش ڌوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعوي پوليس دعوي ڪئي آهي ته بي سيڪشن،عادلپور دادلوڪينٽ سلطانپور ٿئون ديرو ٿاڻي سميت مختلف ٿاڻن کي گهربل جوابدار بقار پنوعاقل جو رهواسي خادم ولد بيگ محمد بلو جان محمد عرف جانو ولد غلام قادر عرف گڏو بلو ويٺل لال پير بيلوڪيون جوابدار بدر الدين ولد ساڪوڙو بلو کي گرفتار ڪرڻ جي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

جاتي ۾ ٻن پائرن جي گرفتاري خلاف وارثن جو احتجاج ڌرڻو ٻاهيون، روڊ بلاڪ

مظاهرين ٻالواهه چوڪ تي ٽائر ساڙي جاتي ۽ سجاول روڊ بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

چار ڪلاڪ ٽريفڪ معطل، پوليس گاڏين تي پٿراءُ بعد هوائي فائرنگ، وڌيڪ هڪ نوجوان گرفتار

حنيف ۽ سڪندر ٿهيم کي پوليس بنا جواز گرفتار ڪري تشدد جو نشانو بڻايو آهي:مظاهرين

جاتي (ن ع) جاتي پوليس پاران منشيات جي الزام هيٺ ٻن پائرن حنيف ٿهيم ۽ سڪندر ٿهيم جي گرفتاري خلاف وارثن ۽ علائقي واسين جو احتجاج، ٻالواهه چوڪ تي ٽائر ساڙي جاتي-سجاول ۽ جاتي-خوررواهه روڊ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ عدالتي حڪم تي حد دخلين ۽ قبضن خلاف گرينڊ آپريشن

اسسٽنٽ ڪمشنر نويد علي ڪوڪر عملي سان گڏجي مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

اسٽيشن روڊ، ميزائل چوڪ، ڪچهري روڊ سميت ٻين هنڌن تان حد دخليون هٽايون ويون

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي عدالت جي حڪم تي اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي نويد علي ڪوڪر، مختيارڪار شاهد دايو، چيف ميونسپل آفيسر گهوٽڪي قمر زمان انڊڙ اسسٽنٽ مختيارڪار سهيل ملاح ۽ انڪروچمينٽ انچارج آفتاب احمد پتو پوليس جي وڏي نفري ۽ ميونسپل عملي سان گڏ شهر ۾ غيرقانوني حد دخلين ۽ قبضن خلاف گرينڊ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو انتظاميا پاران اسٽيشن روڊ، ميزائل چوڪ، ڪچهري روڊ سميت شهر جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڏهرڪي ۾ ڦورن جو راڄ، ڏينهن ڏٺي موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦر

ڏهرڪي(ن ع)ڏهرڪي ۾ ڦورن جو راڄ هٿيارن جي زور تي ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر،ڏهرڪي شهر مان ڳوٺ ويندڙ همراهه ڪان ڳوٺ بجل چانگ پرسان روڊ تي ڏينهن ڏٺي جو ڦر جي واردات پيش آئي جتي ڪن هٿيارٻندن ذوالفقار لغاري کان هٿيارن جي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: حد دخلين خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ۾ جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جو اجلاس، وحدت سنڌ مارچ ۽ سجاڳي مهم هلائڻ جو اعلان

رهبر ڪميٽي پاران 8 نومبر تي ڪراچي ۽ 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ وحدت سنڌ مارچ ڪرائڻ جو فيصلو

اجلاس ۾ سنڌ جي زمينن، وسيلن، ساموندي پٽي ۽ سنڌو درياهه بابت خدشن جو اظهار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جو سربراهي اجلاس حيدرآباد ۾ سخي ستار ڏنو چولياڻي هائوس تي رهبر ڪميٽي سربراهه جيئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ جسقم(ش ب) چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جيئي سنڌ قومي پارٽي چيئرمين نواز خان زئنور جيئي سنڌ تحريڪ چيئرمين شبير احمد جمالي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ۾ فيصلو ڪيو ويو ته جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران 8 نومبر تي ڪراچي ۾ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ دوا وٺڻ لاءِ آيل معذور 13 ڏينهن کان گم، وارث پريشان، ڳولا ۾ مدد جي اپيل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ غلام محمد سائند واسي دوا وٺڻ لاءِ ٽنڊو آدم آيل معذور 35 ورهين جو سور پٽ نور محمد ڪوسو 13 ڏينهن کان گم آهي وارثن پاران ڳولهي ڳولا باوجود هٿ ناهي اچي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

جي يو آءِ دنيا ۾ امن، ڀائيچاري، رواداري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿي:اي جي انصاري

19، 20 ۽ 21 مارچ تي سکر ۾ عالمي امن ڪانفرنس ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جا اڳواڻ شرڪت ڪندا

ڪانفرنس جو مقصد عالمي سطح تي امن جي قيام، جنگين جي خاتمي ۽ انسانيت کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ گڏيل ڪوششن کي همٿائڻ آهي

جي يو آءِ سنڌ ترجمان ڊاڪٽر اي جي انصاري جو حيدرآباد پريس ڪلب دورو، عالمي امن ڪانفرنس جي دعوت

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي ترجمان ڊاڪٽر اي جي انصاري حيدرآباد پريس ڪلب جو دورو ڪيو جتي هن پريس ڪلب جي سيڪريٽري اشوڪ شرما، سينيئر صحافي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

آريسر اتحاد جو اهم اجلاس، تعليم، صحت، پاڻي ۽ روزگار مسئلن جي حل لاءِ عملي قدمن جو اعلان

ڊوروناروو ۾ چئيرمين آريسر پاران آريسر اتحاد جي عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو شاندار استقبال

حاجي رضا محمد آريسر کي صدارتي پڳ ٻڌرائي وئي، معززين پاران عزت افزائي

ڊوروناروو (رپورٽر) گذريل ڏينهن ڊوروناروو شهر ۾ آريسر هائوس تي سياسي سماجي اڳواڻ چئيرمين آريسر پاران آريسر اتحاد تنظيم سنڌ جي عهديدارن ۽ ورڪنگ ڪميٽي جي ميمبرن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو جتي آريسر اتحاد تنظيم سنڌ جي سرپرست اعلي حاجي احمد علي آريسر صدر حاجي رضا محمد آريسر جنرل سيڪريٽري محمد اڪرم آريسر سينئر نائب صدر حاجي غلام صديق آريسر سميت ٻين معززين جو گلن جي ورڪا سان ڀرپور نموني بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سرگودا: شاگرديائيون ميڊل ڏيکاري رهيون آهن

ٽنڊوباگو پرسان لغاري اتحاد جو رئيس محمد حسن لغاري جي مان ۾ آجياڻو

ڳوٺ ولي محمد لغاري ۾ ٿيل تقريب ۾ لغاري برادري جي اڳواڻن ۽ سوين ماڻهن جي شرڪت

لغاري اڳواڻن جو برادري کي متحد ٿيڻ ۽ جائز مسئلن جي حل لاءِ هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ تي زور

هن ڳوٺ ۾ اڄ ڏک ٿيو آهي ته پوسي ۾ پنج ڳوٺ هجڻ باوجود بنيادي سهولتن کان محروم آهي:محمد حسن لغاري

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو لڳ ٿهي لغاري پرسان ڳوٺ ولي محمد لغاري ۾ لغاري اتحاد بدين ضلع پاران لغاري برادري جي اڳواڻ ۽ جهڏو شهر جي معزز شخصيت سابق تعلقا ناظم جهڏو رئيس محمد حسن لغاري جي مان ۾ عاليشان آجياڻو ۽ ملوڪ شام ملهائي وئي جتي مک مهمان رئيس محمد حسن لغاري سميت اعزازي مهمان طور ضلع ڪائونسل بدين جي ميمبر رئيس تنوير احمد سريوال ، رئيس گلن حسن لغاري، رئيس نادر خان لغاري، لغاري، رئيس بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

خيرپور ضلعي ۾ پوليس پڪٽون ختم ٿيڻ ڪري ڌوهاري سرگرم آهن: عبدالسميع پنهور

ڪچي جي علائقن ۾ 40 کان وڌيڪ پوليس پڪٽون قائم ختم ڪيون ويون

گهرو وزير نوٽيس وٺي امن امان جي بحالي لاءِ پڪٽون ۽ نفري وڌائي

خيرپور(د ر)خيرپور ضلعي ۾ هڪ سو پوليس پڪٽون ختم ٿيڻ جي ڪري ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال تي سواليه نشان لڳي ويو آهي پرپالو کان سگهيون تائين ڪچي جي علائقن ۾ 40 کان وڌيڪ پوليس پڪٽون قائم هيون جيڪي ختم ڪيون ويون آهن جنهن ڪري ڌوهاري سرگرم ٿي ويا آهن اها ڳالهه خيرپور ۾ چيمبر آف ايگريڪلچرل اينڊ فوڊ سکر ڊويزن پروفيسر عبدالسميع پنهور ٻڌائي هن چيو ته ڊي آئي جي سکر خيرپور جي پوليس معاملن ۾ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

بهاولپور: روڊ ڪناري ماڻهو ڪپ خريد ڪري رهيا آهن

حيدرآباد: هڪ ڪاريگر پڪوڙا ٺاهي رهيو آهي

خيرپور آرٽس ڪائونسل پاران راڳي استاد گلزار علي خان جي 34هين ورسي، لفظن جي پيتا پيش

خيرپور(د ر) خيرپور آرٽس ڪائونسل پاران سنڌ جي سدا حيات راڳي استاد گلزار علي خان جي 34هين ورسي جي سلسلي ۾ هڪ پروقار تقريب ۽ راڳ رهاڻ ٿي جنهن ۾ خيرپور جي علمي ادبي سماجي ۽ سياسي حلقن سان گڏ راڳ جي چاهيندڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي ناليواري راڳي استاد حميد علي سيوهاڻي چيو ته استاد گلزار علي خان سُرن جو ديوان هو هو سچا سُر هڻندو هو ۽ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ عورت جو مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور(د ر)خيرپور بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ جاتوري جي رهواسڻ مسمات سمرين جاتوري پنهنجي مڙس جي مبينا زيادتين ۽ پيسن ۾ ريڪرو ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو آهي متاثر عورت ٻڌايو ته مڙس پاران ڪيس نيائين کي پيسا وٺي زبردستي شادي ڪرڻ تي روزانو تشدد جو نشانو بڻايو ويندو هو جنهن سبب هوءَ سخت پريشان ٿي خيرپور جي عدالت ۾ طلاق لاءِ درخواست داخل ڪرائي آهي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ پيرسن ٻارن جي راند جو سامان وڪرو ڪري رهيو آهي

حيدرآباد: ريلوي اسٽيشن تي پٽڙي جي مرمت ڪئي پئي وڃي

ڏهرڪي ۾ چتي ڪتي جو نوجوان تي حملو، چهرو سخت زخمي

ياسر برهماڻي تي مهاجر مسجد پرسان اوچتو چتي ڪتي حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو

علائقي واسين گڏ ٿي چتي ڪتي کي ماري ڇڏيو، زخمي نوجوان تعلقه اسپتال منتقل

ڏهرڪي(ن ع) ڏهرڪي چتي ڪتي جو نوجوان تي حملو چهرو سخت زخمي، علائقي واسين ڪتي کي ماري ڇڏيو ڏهرڪي شهر جي مهر ڪالوني جي رهواسي نوجوان ياسر برهماڻي تي مهاجر مسجد پرسان اوچتو چتي ڪتي حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان جو چهرو تي سخت زخم آيا ۽ هو زخمي ٿي پيو.واقعو پيش اچڻ ڪانپوءِ علائقي جا ماڻهو فوري طور تي گڏ ٿي ويا ۽ چتي ڪتي کي ماري ڇڏيو. زخمي نوجوان کي ترت تعلقا اسپتال ڏهرڪي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪيرو لڳ چاهه جي چڻنگ مان باهه لڳڻ سبب ست پورهيتن جا گهر سڙي رک

ڳوٺ اسوڙ واسي قادر بخش، سليمان ، عمر احمد، محمد جاويد ۽ ٻين جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

باهه سبب گهرن ۾ پيل نياڻين جو ڏاج، ڪپڙا، هنڌ بسترا ۽ گهريلو سامان سڙي رک ٿي ويو

الله ڏاههه سڙڻ سبب ٻچا کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن، سرندي وارا ۽ انتظاميا مدد ڪري : متاثرين

ڪيرو(ن ع) اچڙو ٿر جي علائقي ڳوٺ اسوڙ ۾ رڌ بچاءُ دوران اوچتو گهرن کي باهه لڳي وئي جنهن سبب قادر بخش سليمان هنگوڙجو عمر احمد، محمد جاويد ۽ هارون هنگوڙجو سميت ستن ڄڻن جا گهر سڙي رک ٿي ويا. باهه سبب گهرن ۾ پيل نياڻين جو ڏاج ڪپڙا، هنڌ بسترا ۽ ٻيو گهريلو سامان سڙي ويو جنهن ڪري متاثر خاندان سخت مالي نقصان جو شڪار ٿي ويا آهن متاثرن جو چوڻ آهي ته باهه سبب سندن گهر ۽ گهريلو سامان سڙي وڃڻ ڪري هو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: گهرن کي باهه بعد دونهون نڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ انٽر جي شاگرديائي پاران حراسان ۽ موتمار ڌمڪين خلاف احتجاج

دوستي نه رکڻ تان جوابدار پاران سنگين ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: حسينا سومرو

سخت خوف ۽ پريشاني ۾ مبتلا ٿي ڪاليج وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

خيرپور(د ر)خيرپور جي ڪاليج ويندڙ انٽر جي شاگرديائي مبينا حراسان ۽ موتمار ڌمڪين کان تنگ، تعليم ڇڏڻ تي مجبور جوابدار خلاف ڪارروائي لاءِ احتجاج بي سيڪشن ٿاڻي جي حد نارائي ڍڪڻ محلي جي رهواسڻ انٽر جي شاگرديائي حسينا سومرو مبينا طور مسلسل حراسان ڪرڻ ۽ موتمار ڌمڪين جو شڪار ٿيڻ بعد ڪاليج وڃڻ ڇڏي ڏنو شاگرديائي پاران جوابدار خلاف سخت ڪارروائي ۽ تحفظ لاءِ احتجاج ڪيو ويو احتجاج دوران شاگرديائي حسينا سومرو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ننڍي عمر جي واٽر ٽئنڪر ڊرائيورن خلاف ڪارروائي جو حڪم

ايس ايس پي ڄامشورو واٽر ٽئنڪرن جي حادثن کي نظر ۾ رکندي ڪارروائي جون هدايتون جاري ڪيون

علائقي واسين ۽ سماجي ڌرين پوليس جي فيصلي جي آجيان حادثن ۾ گهٽتائي جو امڪان ظاهر

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۽ آسپاس علائقن ۾ هلندڙ واٽر ٽئنڪرن جو ايس ايس پي ڄامشورو نيٽ نوٽيس ورتو . گهٽ عمر وارن ٽئنڪر ڊرائيورن تي پابندي مڙهندي سڄي ضلعي جي ايس ايڇ اوز کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون ايس ايس پي ڄامشورو جي هدايت مطابق ننڍي عمر جي ٽئنڪر ڊرائيورن کي ڊسندي ٿي ڊرائيور ۽ ٽئنڪر کي قانوني ڪسٽڊي ۾ وٺي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ جتان پاڻي ٽئنڪر حاصل ڪن ٿا بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

بوزدار وڏا ويجهو ڳاها برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورتن سميت 5 ڄڻا زخمي

ڳوٺ الهوراريو ڳاهو ۾ پراڻي هلندڙ سڱاوتي تڪرار تان جوابدارن گهر تي حملو ڪيو

حملي ۾ زخمي گلشير، حسنا، مسمات سياڻي ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بوزدار وڏا(ن ع) بوزدار وڏا ٿاڻي جي حد ڳوٺ الهوراريو ڳاهو ۾ ڳاها برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي هلندڙ سڱاوتي تڪرار تان پورهيت لعل ڏنو ڳاهو جي گهر تي 15 کان وڌيڪ هٿيارٻندن ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري پورهيت گلشير ڳاهو مسمات حسنا خاتون ڳاهو مسمات سياڻي ڳاهو سميت پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي وارث بوزدار وڏا ٿاڻي تي منتقل ڪيا ويا پوليس زخمين عورتن ۽ مردن کي ميڊيڪل ليٽر ڏئي اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين جي حالت بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: آرٽس ڪائونسل ۾ ڊرامو پيش ڪيو پيو وڃي

نوشهرو فيروز جي ڳوٺ بختيار خان گهانگهرو جي رهواسڻ جو احتجاج

انيلا چنا پنهنجي مڙس سليم علي ۽ ٻارن سان گڏ ڌيرن خلاف احتجاج ڪيو

ڌير جاويد، رحيم، رزاق مصري ۽ ضمير قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: انيلا چنا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)نوشهرو فيروز جي ڳوٺ بختيار خان گهانگهرو جي رهواسڻ انيلا چنا پنهنجي مڙس سليم علي ۽ ٻارن سان گڏ ڌيرن پاران گهر تي قبضي جي ڪوشش خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته سندس مڙس ڌهني بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گڏاٽي ٿاڻڪ پرسان نشي جي عادي ماڻهن جون مبينا سرگرميون

نشي جي عادي ماڻهن جي مبينا سرگرمين سبب علائقي واسي سخت پريشان

لاکو پير مکسي پاڙي ۾ نشي جي عادي ماڻهن بيٺل گاهه کي باهه ڏئي نقصان پهچايو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) گڏاٽي ٿاڻڪ پرسان لاکو پير مکسي پاڙي ۾ نشي جي عادي ماڻهن جي مبينا سرگرمين سبب علائقي واسي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا آهن علائقي واسين موجب نشي جي عادي ماڻهن بيٺل گاهه کي باهه ڏئي نقصان پهچايو جنهن سبب پاڙيسري جا گهر متاثر ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ مبينا طور بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ڪنيي گم ڪيل نوجوانن جي بازيابي لاءِ جسقم جي احتجاجي ريلي

جسقم آريسر پاران ڪارڪنن، رهواسين ۽ سول سوسائٽي سان گڏ مارچ ڪيو ويو

ببلو برفت، دانيال جاگيراڻي، حنيف هالو سميت گم ٿيل نوجوانن جي بازيابي جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي مان ڪنيي گم ڪيل نوجوانن جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري جسقم آريسر پاران ڪارڪنن ، رهواسين ۽ سول سوسائٽي سان ملي ڪوٽڙي بلوچ هوٽل کان المدينه چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي . ڪوٽڙي مان ڪنيي گم ڪيل نوجوانن ببلو برفت، دانيال جاگيراڻي، حنيف هالو سميت ٻين ڪارڪن جي بازيابي جو مطالبو ڪيو ويو ان موقعي تي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: ڪنيي گم ڪيل نوجوانن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوٽڙي جي مندر مان ڪيمرا ۽ ڊي وي آر چوري جي شڪ ۾ 3 ڄڻا گرفتار، جاچ شروع

شڪي ماڻهو ڪيمرا درست ڪرڻ جي بهاني گرونانڪ مندر ۾ داخل ٿيا، اطلاع تي پوليس پهتي

پوليس شڪي ماڻهن کي حراست ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪيو وڌيڪ پڇا ڳاڇا شروع

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي مندرن مان ڪيمرا ۽ ڊي وي آر چوري ڪندڙ شڪي گروهه گرفتار ڪوٽڙي ۾ مندرن مان سي سي ٽي وي ڪيمرا ۽ ڊي وي آر چوري ڪرڻ جي الزام هيٺ ٽن ڄڻن کي پوليس حراست ۾ وٺي ڇڏيو مندر جي خدمتگار سنتوش ڪمار موجب ٽي ڄڻا گرونانڪ مندر ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرا درست ڪرڻ جي بهاني داخل ٿيا، جن جي حرڪتن تي شڪ ٿيڻ بعد ڪوٽڙي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو. پوليس پهچي ريحان زعيم بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

حيسڪو سب ڊويزن مٽياري جي نااهلي سبب مسوپرڳڙي ۽ آسپاس جا رهواسي عذاب ۾ مبتلا

هنتي اندر ٽي ٽي پيرا جيئندل ڪوٽ فيڊر جي بجلي بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع بجلي بند ڪرڻ معمول بڻيل

ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالرحمان بروهي ۽ ٻين پاران پريس ڪلب مسوپرڳڙي تي احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو

بجليءَ جي جاري هلڪادر بندش سبب نه صرف عام شهري، ٻار ۽ بيمار سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن: مظاهرين

مسوپرڳڙي (ن ع)حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (حيسڪو) سب ڊويزن مٽياري جي نااهلي، بي حسي ۽ بدانتظامي سبب مسوپرڳڙي ۽ ان جي آس پاس جي علائقن جي عوام جي زندگي عذاب بڻجي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ مختلف واقعن ۾ نوجوان ۽ پيرسن فوت، ناري جي مبينا خودڪشي جي ڪوشش

مرڪپور محلي ۾ شادي شده پورهيت نوجوان عامر پنڙ جو مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي

جهلو ٿاڻي جي حد مان پيرسن شخص جو لاش هٿ، وارثن موجب مرگهي جي دوري سبب فوت ٿيو

والدين سان ناراضگي بعد ناري پاران مبينا طور بيڊري جو پاڻي پيئڻ جي ڪوشش، اسپتال منتقل

دادو: فوت ٿيل نوجوان ۽ پيرسن جا لاش ٻي طرف آپگهات جي ڪوشش ڪندڙ ناري

دادو(د-ر) دادو ۾ ٽي افسوسناڪ واقعا، پورهيت نوجوان ۽ پيرسن فوت، ناري پاران مبينا خودڪشي جي ڪوشش. دادو شهر ۽ ڀرپاسي ۾ پيش آيل ٽن افسوسناڪ واقعن سبب سوڳ واري صورتحال ڇانئجي وئي، بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مرڪپور محلي ۾ شادي شده پورهيت نوجوان عامر ولد حضور بخش پنڙ مبينا طور غربت ۽ گهريلو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪولاچي ۾ 32 سال اڳ جانورن جي اسپتال لاءِ ڏنل زمين بابت تڪرار

ڏاڏي پير محمد ڪولاچي جانورن جي اسپتال قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي زمين ڏني هئي:يونس

واعدو به ڪيو ويو ته پٽ کي نوڪري ڏني ويندي پر پورو نه ٿيو زمين اڄا به پير محمد ڪولاچي جي نالي تي آهي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ پرسان ڪولاچي ۾ 32 سال اڳ جانورن جي اسپتال لاءِ ڏنل زمين واپس ڪرڻ جو مطالبو ميهڙ پرسان ڪولاچي ۾ قائم جانورن جي اسپتال لاءِ 32 سال اڳ ڏنل زمين جي ملڪيت بابت معاملو سامهون اچي ويو محمد يونس ڪولاچي دعويٰ ڪئي آهي ته سندس ڏاڏي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو شهر ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ، 4 ڄڻا قتل، هڪ ڄڻو زخمي

لاڙڪاڻو (اي پي پي) لاڙڪاڻو شهر ۾ لاهوري ريگيوليٽر وٽ ذاتي دشمني تان هٿيارٻندن سر عام فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو آهي معاملي جو ايس ايس پي لاڙڪاڻو سخت نوٽيس وٺندي ناڪابندي ڪرڻ سميت جوابدارن جي هر صورت ۾ گرفتاري کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون سول بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ-مٺي مين روڊ تي ريتي بجري جا اسٽاڪ، دز مٽي سبب ڳوٺاڻا پريشان

ڳوٺ مصري ميمڻ وٽ دز مٽي سبب روڊ تي نظر گهٽجڻ سان حادثن جو خدشو، ماحولياتي اٿارٽي جو نوٽيس

مسلسل مٽي سبب مصري ميمڻ ۽ ٽيڪو ٿي ڏاٽي جي رهواسين جي روزمره زندگي متاثر

سنڌ انوائرمينٽل اٿارٽي جي ٽيم جو متاثر هنڌ جو معائنو اسٽاڪ روڊ کان پري منتقل ڪرڻ جون هدايتون

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ کان مٺي ويندڙ مين روڊ تي ڳوٺ مصري ميمڻ وٽ ريتي ۽ بجري جي غيرمناسب اسٽاڪ سبب دز مٽي پکڙجڻ ڪري روڊ تان گذرندڙ ٽريفڪ ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺاڻن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي،جڏهن ته دز مٽي سبب روڊ تي نظر بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدار واقعي واري هنڌ تي پيل آهي

بائيجي پوليس پاران مقابلي بعد جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل بائيجي پوليس جي ڪارروائي، هڪ جوابدار مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي بائيجي ٿاڻي جي حد نوراجا لنڪ روڊ وٽ گشت دوران پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو ٿيو، ايس ايس پي سکر احمد فيصل چوڌري فائرنگ جي ڏي وٽ بعد زخمي حالت ۾ نذير ڪوش گرفتار سندس 4 ساٿي فرار ٿي ويا

صوڀوديرو ۾ اينٽي ڪرپشن عملدارن جو دڪان تي ڇاپو، منهن ماري بعد واپاري گرفتار، احتجاج

اينٽي ڪرپشن ٽيم واپاري اسماعيل شيخ جي دڪان تي پهتي ۽ منهن ماري ٽيڻ بعد واپاري کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪيو

واقعي خلاف واپاري برادري ۽ شهرين احتجاجن دڪان بند ڪري ٿاڻي تي ڌرڻو هنيو

ڪٽڪ اسان جي ۽ لاڪ آپ ۾ اسان کي ڪيو پيو وڃي، اينٽي ڪرپشن جي داداگيري جو نوٽيس ورتو وڃي: واپاري

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) اينٽي ڪرپشن جو آفيسر ڊپٽي ڊائريڪٽر آصف حيدر شيخ جو صوڀوديرو ۾ واپاري اسماعيل شيخ جي دڪان تي آيو ساڻس گڏ صوڀوديرو ٿاڻي جا پوليس اهلڪار گڏ هئا بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ شهر جا مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج

40 هزار کان وڌيڪ آبادي باوجود ڪڪڙ کي تعلقي جو درجو نه ملڻ تي ريلي

ڊسپينسري کي اپ گريڊ ڪري ايمرجنسي سميت رات وقت علاج جون سهولتون ڏنيون وڃن:مظاهرين

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر جا 3 اهم مسئلا حل نه ٿيڻ ۽ شهر کي چونڊيل نمائندن جي نظرانداز ڪرڻ تي شهرين جو احتجاج ان موقعي تي محمد رمضان ٻٻر احسان سري، برڪت علي جويو عبدالرزاق، اياز حسين، ارباب علي، ممتاز علي، نديم احمد ۽ ٻين چيو آهي ته ڪڪڙ تاريخي ۽ پراڻو شهر آهي جنهن کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي شهر ۾ ڪيترين بنيادي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽا: هڪ شخص چيڀون ٺاهي رهيو آهي

شڪارپور: چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي فياض محمود شيخ بس اسٽينڊ جو معائنو دورو ڪري رهيو آهي

کهڙا پوليس پاران ٻن جوابدارن کي چوري ٿيل بجلي جي تارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گمبٽ (ت.ر) کهڙا پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪري بجلي جون تارون چوري ڪندڙ ٻن جوبدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوبدارن جي سڃاڻپ عبدالقادر اڄڻ ۽ خالد حسين اڄڻ طور ٿي آهي ايس ايڇ او کهڙا جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل جوبدارن جي قبضي مان 50 فوٽ 1100 ڪي وي بجلي جون تارون ۽ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران 2 منشيات فروش ۽ اشتهاري جوابدار گرفتار ڪري چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(د ر)خيرپور ضلعي پوليس مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون ڪندي ٻن منشيات فروشن ۽ هڪ اشتهاري جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن ته چوري ٿيل هڪ موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪري اصل مالڪ حوالي ڪئي وئي پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان منشيات ۽ شراب پڻ هٿ ڪئي وئي آهي ڪوٽڏيجي پوليس گشت دوران ڪارروائي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

مانجهند ۾ ڪار جي مبينا سودي تان تڪرار، ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو، ڌرڻو

واپڊا لائين سپرنٽينڊنٽ جي فرياد بجلي جون تارون چورائڻ جي الزام هيٺ 5 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

ڳوٺاڻن علي آباد وٽ انڊس هاءِ وي بند ڪري ڌرڻو هنيو پوليس خاطري ڪرائي روڊ کولرايو

مانجهند (ن ع) تفصيل موجب علي آباد ۾ ڪار جي مبينا سودي جي رقم تان لاشاري ۽ ڪوڪر برادري ۾ تڪرار تيز ٿي ويو واپڊا شالماڻي جي لائين سپريٽينڊنٽ علي شير ڪوڪر جي فرياد تي سرڪاري مديعت ۾ بجلي جون تارون چورائڻ جي الزام هيٺ سردار لاشاري قمبر لاشاري جان محمد لاشاري سميت 5 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪرايو ويو اهڙي عمل خلاف ڳوٺاڻن علي آباد وٽان انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪيو ويو ان موقعي تي سردار لاشاري بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٺري ميرواهه ۾ بيواهه عورت سان مبينا طور ٽن ڄڻن پاران لڄالٽ، ڪيس داخل، جوابدار گرفتار نه ٿيا

ڳوٺ الهڏنو موجائي واسڻ شبنم کي هيئر شپ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي بهاني گهرائي لڄالٽ ڪئي

پوليس عورت جي فرياد تي شاهد ، حاڪم خاصخيلي تپيدار راجا علي گل بوزدار خلاف ڪيس داخل ڪيو

مڙس جي وفات بعد هيئر شپ سرٽيفڪيٽ لاءِ چڪر ڪاٽيندي رهيس ته جوابدارن بهاني سان گهرائي زيادتي ڪئي: موقف

ٺري ميرواهه (رپورٽ:گلاب سهتو) ٺري ميرواهه تعلقي جي ڳوٺ الهڏنو موجائي جي رهواسڻ بيواهه عورت مسمات شبنم کي هيئر شپ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي بهاني مختيارڪار ٺري ميرواهه جي پرائيويٽ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

محتسب اعليٰ حيدرآباد جي گرلز پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ جو معائنو

ريجنل ڊائريڪٽر سيد محمد سجاد حيدر پاران ڪلاس رومز، تدريسي ماحول جو جائزو ورتو ويو

اداري ۾ 200 شاگردياڻين زير تعليم، گارمينٽس ۽ ڪمپيوٽر ليب ۾ عملي سکيا جو پڻ جائزو ورتو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ حيدرآباد سيد محمد سجاد حيدر گورنمينٽ پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ آف گرلز لطيف آباد حيدرآباد جو تفصيلي معائنو ڪيو . دوري جي موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر اسٽينو منظور علي چانڊيو ريجنل ڊائريڪٽر بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ مهاڻو ڄار جي مرمت ڪري رهيو آهي

احتجاجي مظاهرو

ميهڙ: بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

ڏهرڪي تعلقه اسپتال ۾ مبينا جهيڙو ۽ هنگامو، شهري پاران پوليس کي درخواست

ڏهرڪي(ن ع) تعلقه اسپتال ڏهرڪي ۾ مبينا جهيڙو ۽ هنگامو شهري پاران پوليس کي درخواست،ڏهرڪي شهر جي الله آباد ڪالوني جي رهواسي شهوار آرائين پاران ڏهرڪي ٿاڻي تي جمع ڪرايل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيچڪي ڍنڍ تي قبضي جي ڪوشش، ملاح برادري کي مبينا موتمار ڌمڪيون، احتجاج

ملاح برادري پاران موتمار ڌمڪين، هراسان ڪرڻ، مڇي مارڻ کان منع ڪرڻ ۽ زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ويو

بااثر ياسين چانڊيو، حاجن چانڊيو، معشوق چانڊيو، ظهير چانڊيو ۽ ٻيا ڪنڊيچڪي ڍنڍ تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا: ملاح برادري

مقامي ملاحن کي هٿيارٻندن جي زور تي موتمار ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪري لکين رپين جي مڇي ماري ويا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

خيرپورناٿن شاهه (ن ع) ڪنڊيچڪي ڍنڍ تي قبضي جي ڪوشش، ملاحن کي مبينا موتمار ڌمڪين هراسان ڪرڻ مڇي مارڻ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد ۾ به مهانگائي جو راڪاس بي قابو

مهانگائي وڌڻ سبب سوين غريب خاندان بکون ڪاٽڻ تي مجبور

پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ قيمتن سبب ٽرانسپورٽرن به ڪرايا وڌائي ڇڏيا

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ به مهانگائي جو راڪاس بي قابو غريب عوام لاءِ ٻن ويلن جي ماني به ڏکي بڻجي وئي سوين غريب خاندان بکون ڪاٽڻ تي مجبور حڪومت گونگي ٻوڙي ڪوٽ غلام محمد ۾ مهانگائي جو جن بي قابو ٿي ويو آهي، جتي تيل، اٽي ۽ روزمره جي استعمال وارين شين جون وڌندڙ قيمتون غريب ۽ پورهيت طبقي لاءِ جيئڻ به ڏکيو بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ڪمشنر شهيد بينظير آباد غلام قادر خان ٿالپر تعلقي اسپتال جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن جو تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم جو دورو، پوليو مهم بابت انتظامن جو جائزو ورتو

ٽنڊوآدم (ن ع) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن غلام قادر خان ٿالپر پاران جاري پوليو کان بچاءُ واري مهم جي سلسلي ۾ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم جو دورو ڪيو ويو.تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم پهچڻ تي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر ديدار حسن خاصخيلي پاران ڪمشنر غلام قادر خان ٿالپر جي آجيان ڪئي وئي.ان موقعي تي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

SOLAR DEALER

حيدرآباد: هڪ دڪان تي اليڪٽرڪ اسڪوٽيون وڪري لاءِ رکيل آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.